# سفر

مشتاق پرگړي



# سفر

(ڪهاڻيون)

مشتاق پرڳڙي

رم جهم پبليڪيشن
دادو
2004ع

رم جهم پبليڪيشن جو ڪتاب 4

ڪُتَ ۽ واسطا ادب دوستن جي حوالي

ڪتاب جو نالو: سفر
موضوع: ڪهاڻيون
ڪهاڻيڪار: مشتاق ڀرڳڙي
ڇاپو: پهريون © 2004ع
ٽائيٽل ڊزائن: سعيد منگي
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزرس،
گاڏي کاتو، حيدرآباد
ڇپائيندڙ: رم جهم پبليڪيشن، دادو
تعاون: روشني پبليڪيشن، ڪنديارو

قيمت: 60.00 روپيا

SAFAR
(Short Stories)
by: Mushtaque Bhurgari

Composed by: Habib Qadir Qureshi
Roshini Composers, Gari Khata, Hyderabad
Published by: "Rim Jhim Publication, Dadu, Sindh

First Edition © 2004

## ارپنا

بابا سائينءَ
کھاٽيڪار دوست
مولا بخش آزادَ
۽ انھن سڀني جي نالي
جيڪي پيار کي
مقدس ڪتاب جيترو
اُتم ڄاڻين ٿا

# ترتيب


مسافر جي ڪهاڻي 9

**(ڪهاڻيون)**

1. اُها جون جي منجهند هئي 17
2. نشو 22
3. اُڻ تُڻ 28
4. فيصلو 34
5. نڪ 44
6. ڪميٽمينٽ 49
7. الميو 52
8. سيٽسفيڪشن 62
9. مصنوعي دنيا جو حصو 65
10. پاٽي 72
11. جهاتيون 79
12. زبان 87
13. سفر 91

**(مختصر ڪهاڻيون)**

1. ورجاءُ 103
2. موهه 105
3. فرض 106
4. جلدي 108

# مسافر جي ڪهاڻي

جڏهن پنهنجي پهرين ڪتاب "پاڇي " لاءِ پنهنجي پاران ٻه لفظ لکڻ وارو مرحلوآيو هو، تڏهن ٻه ساڳي ڪيفيت هئي، جيڪا هينئر آهي ته ڇا لکان؟

۽ پوءِ اهو سوچيندي سوچيندي ٻه ٽي صفحا ڪارا ٿي ويا هئا. هينئر ٻه ساڳي ڪيفيت آهي ۽ نٿو ڄاڻان ته ڇا لکندس ۽ ڪيترو لکندس.

ان جو سبب آءٌ سمجهان ٿو اهو آهي ته پنهنجي پاران، جنهن ۾ اڪثر ماڻهو پاڻ بابت لکندوآهي، ڏاڍو ڏکيو آهي. هاڻ ڀلا ڪيئن ويهي چئجي ته مون هيترا ڦاڙها ماريا آهن ۽ اڃا مون ڪي هيترا ڦاڙها مارڻا آهن.

بهرحال جڏهن ڪجهه نه ڪجهه لکڻو آهي ته بِسمِ الله ڪري شروعات ڪيان ٿو.

آءٌ جڏهن پنهنجي مڙي 13 سالن جي ادبي پورهئي ڪي ڏسان ٿو ته شرمندگيءَ جي احساس منجهان ڪنڌ جهڪي وڃي ٿو. ان ڪري جو 13 سالن جي عرصي ۾ ادب ڪي سچ ته مون ڪجهه ٻه ناهي ڏنو، جڏهن ته ادب

مون کي ڳڻڻو ڪجھ ڏنو آهي، ايترو ڪجھ جو منهنجي سميٽڻ کان سچ ته وڏو آهي.

ادب مون کي معصوم بخاري، وفا صالح راڄپر، ذوالفقار گاڏهي، اسحاق سميجو، رجب آزاد، يوسف سنڌي، طارق قريشي، ضراب حيدر، عزيز ڪنگراڻي، جاني اسحاق ملاح، سائين بخش رند، عبدالحميد آس ٻبر، مئڪش سومرو، ظفر، امر لغاري، راجن مگريو، استاد نظاماڻي، عزيز جان بلوچ، مارو جمالي، شبير هاليپوٽو، فتاح ابڙو، علي زاهد، وفا ڪوڙل چنه، ابل اُداس ٻبر، بلوچ صحبت عملي ۽ بشير سيتائي جهڙا ٻيا ڪيترائي اڻ ڳڻيا دوست ڏنا آهن.

"مان ڇو لکندو آهيان؟"

ڪيترا ڀيرا پنهنجو پاڻ کان پڇيو اٿم. پر ڪوبه مطمئن ڪندڙ جواب ملي ناهي سگهيو، ڪنهن حد تائين مطمئن ڪندڙ سواءِ ٻن جوابن جي.

هڪ اهو ته ٻين ڪمن جي ڀيٽ ۾ ڪنهن حد تائين سليقي سان اهوئي ڪم ڪرڻ ايندو اٿم. ٻيو اهو ته پنهنجي ذات جي سيٽسفيڪشن لاءِ ان کان وڌيڪ مون وٽ ٻيو ڪو اظهار جو ذريعو به ناهي.

بس ائين لڳندو اٿم (اها منهنجي خوشفهمي به ٿي سگهي ٿي) ته ادب ۽ منهنجي ذات ڄڻ ته هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن.

مون پنهنجي عمر جو گهڻو حصو پڙهڻ ۾ وڃايو آهي ۽ اهو وڃائڻ ڪڏهن به اجايو نه ڀاسيو اٿم. پڙهڻ جي چوس مون کي ڇهين درجي کان لڳي، جنهن اجا تائين پيڇو ناهي ڇڏيو ۽ اڄ به منهنجو محبوب مشغلو گهڻو پڙهڻ، پڙهڻ ۽ ٿورو لکڻ آهي. ائين سمجهو ته سؤ سئون پڙهڻ ڪانپوءِ ڪا هڪ اڌ سٽ لکي وٺندو آهيان. توهان منهنجي ٿوري لکڻ جو اندازو ان مان به لڳائي سگهو ٿا ته منهنجي ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب "پاڇي" اپريل 1999ع ۾ آيو هو ۽ هي ٻيو ڪتاب "سفر" ڇهن سالن جي وٿي ڪانپوءِ 2004ع ۾ اچي رهيو آهي.

ائين مون زندگي گهڻي پڙهڻ ۽ ٿوري لکڻ ۾ گذاري آهي ۽ باقي پساهه به ائين پورا ڪرڻ چاهيان ٿو.

مون سنڌي ادب جي اڪثر ڪهاڻيڪارن کي پڙهيو آهي، نئين ٿهيءَ جا ڪهاڻي لکي رهي آهي اها بهتر پڙهندو رهندو آهيان، ٻاهرين ادب کي به ٿورو گهڻو پڙهيو اٿم.

سينيئر ڪهاڻيڪارن مان جمال ابڙو، نسيم کرل، علي بابا، آغا سليم، امر جليل، عبدالقادر جوڻيجو، طارق اشرف، نورالهديٰ شاهه، اخلاق انصاري، شوڪت شورو، طارق عالم ابڙو، ماڻڪ، رزاق مهر، رسول ميمڻ ۽ منظور ڪوهيار وڻندا آهن. جڏهن ته ٻين ۾ طارق قريشي ۽ محمد صديق منگيو ئي وڌيڪ انسپائر ڪيو آهي.

ان جو مطلب هرگز اهو ناهي ته ٻيا سٺو نٿا لکن، ٻيا به سٺو لکن ٿا پر پنهنجي الٽي کوپڙيءَ کي انسپائر انهن ئي ڪيو آهي.

ٻاهرين ادب مان چيخوف، موپاسان ۽ گارشيا مارڪيز وڻندا اٿم، اردوءَ ۾ منٽو جو ته ديوانو آهيان، ٻين ۾ اشفاق احمد، بانو قدسيه، غلام عباس وڻندا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ انڊيا جي گلزار جو مجموعو ”دستخط“ پڙهيو اٿم، جنهن جي ڪهاڻين سچ ته ڪنن مان دونهان ڪڍي ڇڏيا آهن.

منهنجي نظر ۾ ڪهاڻي لکڻ ۽ راند ڪيڏڻ ٻنهي ۾ ڪو خاص فرق ناهي، جيئن راند ڪيڏڻ وقت مهارت جي ضرورت هوندي آهي، تيئن ڪهاڻي لکڻ وقت به مهارت جي ضرورت پوندي آهي.

جيئن راند ڪيڏڻ وقت ڪا معمولي غلطي هار جو سبب بڻجي سگهي ٿي، ائين ئي ڪهاڻي لکڻ وقت ڪا ننڍڙي غلطي سڄي ڪهاڻيءَ کان محروم ٿيڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي، جيئن راند سوچي سمجهي پلاننگ سان ڪيڏبي آهي، ڪهاڻي لکڻ وقت پڻ اهڙي مهارت کان ڪم وٺبو آهي.

ڪهاڻي ڪا اک جي ماڪي ناهي جو لاهي ونجي، ڪهاڻي ماني به ناهي جو بس کائي ڇڏجي ۽ نه ئي وري ڪهاڻي ڪو راز آهي، جيڪو بس ٻڌائي ڇڏجي.

منهنجي نظر ۾ ته ڪهاڻي زندگي آهي، جنهن کي بيان ڪرڻو پوندو آهي، منهنجي نظر ۾ ڪهاڻي ڪا ڏکي بيماري آهي جنهن جو علاج انتهائي خبرداريءَ سان ڪرڻو پوندو آهي ۽ منهنجي نظر ۾ ڪهاڻي اهڙي دوا آهي جنهن جو استعمال حساب ڪتاب سان ڪرڻو پوندو آهي.

ڪهاڻي لکڻ وقت آرٽسٽڪ ائپروچ جو هجڻ لازمي آهي ۽ اها فنڪاراڻا ائپروچ ڪهاڻيءَ جي عنوان کان وٺي شروعات، وچ، عروج ۽ پڄاڻيءَ تائين ڪم ايندي آهي. جيڪو ڪهاڻيڪاران ائپروچ مان ڪم نٿو وٺي يا جنهن ڪهاڻيڪار ۾ اهڙي ائپروچ آهي ئي ڪانه ته ان کي ڪهاڻيڪار تسليم ڪرڻ بيوقوفيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي ۽ وڏي ڳالهه ته اهڙن ڪهاڻيڪارن ۽ بيوقوفن جي اسان وٽ کوٽ به ناهي ۽ سچ ته اسين ان ۾ خودڪفيل آهيون.

منهنجي نظر ۾ ڪمال ڪهاڻي ڪٽڻ ۾ ناهي هوندو، ڪمال ڊائيلاگ ڊليوريءَ ۾ به ناهي هوندو، ڪمال منظر ڪشي ڪرڻ يا ڪردار نگاريءَ کان ڪم وٺڻ ۾ به ناهي هوندو (ان ڪري جو هر ڪهاڻيڪاران مان ڪم وٺندو آهي) پر ڪمال ڪهاڻيءَ کي اڳتي وٺي وڃڻ ۽ عروج تائين پهچائڻ کانپوءِ ڪاميابيءَ سان اختتام ڪرڻ ۾ هوندو آهي ۽ مون کي چوڻ ڏيو ته نئين ٽهيءَ ۾ هڪ هٿ جي آڱرين جيترا به ڪهاڻيڪار ناهن، جيڪي اهڙو ڪمال ڪري جمال پيدا ڪرڻ جي سگهه رکندا هجن.

ان کان علاوه منهنجي نظر ۾ ڪهاڻيءَ جي فن ۾ گهرائي ۽ رواني به اهم جاءِ والارين ٿيون. گهرائي ڪهاڻيءَ کي دوام بخشي ٿي، جڏهن ته رواني پڙهندڙ لاءِ اٽڪاءُ جو سبب نٿي بنجي. جنهن جي ڪري پڙهندڙ ڪهاڻيءَ کي توڙ تائين پڄائڻ کان سواءِ دم نٿو وٺي.

جيئن هڪ سٺي شعر لاءِ مون وٽ سمپل تشريح هي آهي ته، ”هر شعر جي پهرين سٽ سوال آهي ۽ ان جي ٻي سٽ ان جو جواب آهي، پر اهڙو جواب جيڪو ماڻهوءَ کي لاجواب ڪري ڇڏي.“

ائين هڪ سٺي ڪهاڻيءَ لاءِ مون وٽ ٻيا به ڪي تصور آهن، منهنجي نظر ۾ سٺي ڪهاڻي اها آهي جيڪا اوهان کي پاڻ پڙهائي نه ڪي اوهان کي زوري پڙهڻي پوي. ان کان علاوه سٺي ڪهاڻيءَ جون ٻيون خصوصيتون هي آهن ته. ”ڪهاڻي پڙهندي چانهه جو ڪپ ٺاري ويهجي، دکيل سگريٽ مان ڪش هڻڻ وسري وڃي ۽ سگريٽ سڙي چارٽي وڃي. ڪهاڻي پوري ڪرڻ کان پوءِ اڻ لکي مرڪ چپن تي ڦهلجي وڃي يا اداسي من تي واسو ڪري وڃي. هڪ آهه يا هڪ واهه! دل مان چپن جا بند ٽوڙي ٻاهر نڪري اچي يا

ڪهاڻيءَ جو سحر ڪيتري ئي دير تائين حاوي رهي ۽ ماڻهو زمان ۽ مڪان جي پابندين کان آجو ٿي ان ۾ گم ٿي وڃي.

منهنجي ڪهاڻين ۾ اهڙيون خصوصيتون آهن يا نه پر مون وٽ سٺي ڪهاڻيءَ لاءِ اهي تصور ضرور آهن.

منهنجي ڪتاب جي ٽائيٽل ڪهاڻي "سفر" آهي ۽ سفر سان سچ ته عشق اٿم. منزل جو ته فقط نالو هوندو آهي ۽ اها اصل ۾ هوندي ناهي. ان ڪري جو ماڻهو سدائين سفر ۾ هوندو آهي ۽ ان سفر جو انت وري موت سان ٿيندو آهي. يعني ماڻهوءَ جي آخري يا اصل منزل موت آهي، تنهن ڪري منهنجي نظر ۾ منزل فقط ٿڪ ڀڃي آرام ڪرڻ وارن لمحن جو نالو آهي، جڏهن ته باقي عمر سفر، سفر ۽ سفر آهي.

سفر جي تعلق جي ڳالهه نڪتي آهي ته اوهان کي اهو ٻڌائيندو هلان ته سفر صرف پير ئي ناهن ڪندا پر سفر اکيون به ڪنديون آهن، سفر چپ به ڪندا آهن، سفر هٿن جون آڱريون به ڪنديون آهن ته سفر دل ۽ دماغ به ڪندو آهي. انهيءَ سفر متعلق چليءَ جي شاعر پئبلو نيرودا جو چوڻ آهي، "دنيا جو سمورو علم عظيم درسگاهن جي ڪتابن ۾ نه بلڪ، مسافر جي پير جي پٺي ۾ آهي."

جيون تي ڪو ڀروسو نه اٿم. اجل جو سڏ ڪيڏي مهل به ٿي سگهي ٿو ۽ ان سڏ کي نه ورنائڻ ماڻهوءَ جي وس ۾ ئي ناهي هوندو، سو اجل جو سڏ ٿيو ته لبيڪ چئي هليو وڃبو. پر چاهيان ٿو ته اجل جي ان سڏ کان پهرين "خاڪن، مضمونن، ڪالمن ۽ اڀياس تي مشتمل ڪتاب"، "نثري نظمن جو مجموعو، "دوستن ڏانهن لکيل پنهنجي ادبي خطن" تي مبني مجموعو ۽ هڪ عدد "ناول" جنهن تي جلد ڪم شروع ڪرڻ وارو آهيان، ادب جي بارگاهه ۾ نذرانه عقيدت طور ڏئي وڃان.

منهنجي ان شديد خواهش جي پويان هڪڙو وڏو سبب اهو به آهي ته منهنجو ادبي پورهيو، منهنجي پونيئرن لاءِ ٻڪواس ۽ اجائي وقت وڃائڻ کان سواءِ ڪا به اهميت نٿو رکي، ان ڪري چاهيان ٿو ته منهنجو پورهيو، منهنجي زندگيءَ ۾ ئي ڪتابن جي صورت ۾ محفوظ ٿي وڃي نه ته ٻي صورت ۾ سچ ته ضايع ٿي ويندو.

هڪ ڳالهہ جي انتهائي خوشي ٿيندي اٿم تہ ذهني مونجهارن ۽پريشانين هوندي بہ قلم ڦٽو نہ ڪيو اٿم ۽ ان جي حرمت لاءِ سدائين ڪوشان رهيو آهيان ۽ اڳتي بہ ڪوشان رهڻ چاهيان ٿو.

مان ڪو وڏو يا عظيم ڪهاڻيڪار نہ آهيان، نہ وري ڪڏهن اها هام هڻئين اٿم - پر پنهنجي تخليقي سگهہ جي ٻل تي اعتماد سان اهو چوندي مون کي ڪابہ ڦڪائي محسوس نہ ٿي رهي آهي تہ، "توهان ۽ وقت منهنجي ڪهاڻين کي هرويرو نظر انداز ڪري نہ سگهندؤ."

اها ڪا وڏائي ناهي. اهو هڪ آرٽسٽ جو اعتماد آهي ۽ اهو آرٽسٽ پڙهڻ لاءِ اوهان کي پنهنجي ڪهاڻين جو مجموعو "سفر" آڇيندي ٿورا ٿو مڃي "روشني پبليڪيشن" جي چيئرمين محترم علي نواز گهانگهري جا. جنهن جي سهڪار سان ڪتاب ڇپجي اوهان جي هٿن تائين پڄڻ ۾ سڦل ٿيو آهي.

**مشتاق ڀرڳڙي**
**ڀرڳڙي رائيس مل، دادو**
E-mail:mushtaqalibhurgari@yahoo.com.
Mob:03013493248

# ڪھاڻيون

# اها جون جي منجهند هئي

أها جون جي منجهند هئي. ان وقت منجهند جا ٽي ٽي رهيا هئا. سج باهہ جا ألا پئي أڇلايا. انهن باهہ جي ألن جسم کي ساڙيو پئي ۽ آءٌ پگهر ۾ شل ٿي ويو هوس.

رومال سان چهري تي آيل پگهر أگهندو، مين روڊ ڪراس ڪري، سنڌ يونيورسٽي پليٽ فارم تي اچي پهتس.

ريلوي اسٽيشن پڙپانگ لڳي پئي هئي. چانهہ جي اسٽال ڏانهن نظر ڊوڙايم. جتي پنجاهہ سالن جي عمر جي لڳ ڀڳ جو هڪ جهونو ڪرسيءَ تي وينو ننڊ جا جهوٽا کائي رهيو هو.

جيتوڻيڪ چانهہ جي ڏاڍي ٻاڙ لڳي هئي، پر جهوني کي سجاڳ ڪرڻ مناسب نہ ڄاتم ۽ پٿر واري بئنچ تي وڃي ويهي رهيس.

ٿوري مفاصلي تي ساڄي پاسي واري بئنچ ڏانهن نهاريم. بئنچ خالي پئي هئي ۽ پاسي ۾ خارش ۾ ورتل ڪتو وينو هو، جنهن کي مٿي ۾ زخم

هو. جتي گرميءَ سبب ڪُتي جي زبان ٻاهر نڪتل هئي ۽ هو سهڪي رهيو هو. رڪي رڪي ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي مکين جي آزار مان جند ڇڏائي پئي ورتائين.

آزار مان جان ڇڏائڻ وارو اهو وقفو انتهائي مختصر هو، ان ڪري جو مکيون پيهر ڪيس چنبڙي ٿي ويون.

سوچيم، ان ڪتي جيان اسين سمورا به ته ڪنهن نه ڪنهن آزار ۾ ورتل آهيون ۽ انهن آزارن مان جان ڇڏائڻ وارو وقفو به اينترو ئي ته مختصر آهي. هڪ لمحي لاءِ لڳم ته جڻ ڪتي جي جاءِ تي آءٌ پاڻ هجان.

ڪتي جي ڀؤنڪ خيالن مان ٻاهر ڪڍي آئي.

سگريٽ دڪائي ڪش هڻي سوچڻ لڳس هي ڪهڙي بيچيني آهي، جيڪا لڳ ڀڳ ساڙيندڙ گرميءَ ۾ به مون کان رولاڪيون ٿي ڪرائي. هي ڪهڙو بي اطميناني جو طوفان آهي، جيڪو راتين جو به مون کي هاسٽل جي روم مان ڪڍي ٻاهر گهلي ٿو وڃي.

ذهن تي سال ڏيڍ اڳ وارو منظر تري ٿو اچي، جڏهن هڪ سياري جي شام جو زوردار برسات پئي هئي. روم پارٽنر ٻاهر وڃڻ کان مون کي ڏاڍو جهليو هو، پر آءٌ ڪونه مڙيو هوس ۽ پڃاڙيءَ ۾ ٻانهن ۾ پيل هٿ ڪڍائي ٻاهر نڪري آيو هوس ۽ پوءِ ڪيتري ئي دير تائين برسات ۾ پچندو رهيو هوس، پر اندر ۾ پريل بيچينيءَ جي اڳ کي سياري جي برسات به وسائڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهي هئي.

منهنجي ڪنن تي آواز پيو ۽ ان سان گڏ خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. ڪنڌ ورائي چانهه واري اسٽال ڏانهن نهاريم. جتي هڪ عورت چانهه پيارڻ لاءِ اسٽال واري ڇهوني سان ضد ڪيون بيٺي هئي.

ڇهونو ڪنهن به ريت ڪيس چانهه پيارڻ جي موڊ ۾ نه هو ۽ ننڍ ڦٽائڻ جي ڪري ڪيس ڇڙٻي رهيو هو.

عورت تي سندس ڇڙٻن جو ڪو به اثر نه پئي ٿيو ۽ هو چانهه پيارڻ لاءِ مسلسل اصرار ڪري رهي هئي. جنهن مان لڳي رهيو هو عورت جڻ ڇڙٻن جي هيراڪ آهي.

مون سگريٽ جو آخري ڪش هڻي، زور سان سگريٽ کي زمين تي

اڇلايو ۽ پوءِ چانهه واري اسٽال تي اچي جهوني کي چيم، ”ڪڙڪ چانهه جو ڪوپ مون کي به پيار ۽ هن عورت کي به.“

جهوني هڪ نظر مون ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ چانهه ٺاهڻ ۾ لڳي ويو.

آءٌ اسٽال جي پاسي ۾ پيل بئنچ تي ويهي رهيس، جڏهن ته عورت اُتي ئي بيٺي رهي.

چانهه تيار ٿي ته ڪوپ ۾ لاهي جهوني اچي مون کي ڏني. ان بعد جهٽڪ ڏيندي عورت کي چيائين، ”اچي وٺ چانهه.“

هو ڪوپ ڪٽي تورو پريرو وڃي پٽ تي ويهي رهي.

مون پنهنجو ڪوپ ڪنيو ۽ هن جي پر ۾ وڃي ويهي رهيس.

هڪ نظر هن تي وڌم، منهنجو پر ۾ ويهڻ کيس ناگوار نه لڳو هو.

ان بعد مون عورت جو چڱيءَ طرح جائزو وٺڻ شروع ڪيو.

سندس وار ڪليل ۽ اٽيا هئا، منهن ويڪرو ۽ اکيون پچين سان پريل هوس، ڪپڙا ميرا ۽ انتهائي گدلا پير چپلن کان آجا هئس ۽ عمر جي لڪائي نٿي ڏنائين.

سندس چهرو هر احساس کان خالي پئي لڳو.

چانهه جي سپ پري، پاڻ ڏانهن ايڏي غور سان ڏسندي مون کي چيائين، ”ڇا پيو ڏسين؟“

چانهه جي سپ پريندي کيس چيم، ”اهڙو ڪجهه، جيڪو بظاهر نظر اچي نه رهيو آهي.“ موٽ ۾ کِلي پئي.

چيومانس، ”هھڙا حال ڇو ڪيا اٿئي پنهنجا؟“

چيائين: ”هو هليو ويو، مون کي بڌائڻ کانسواءِ ئي... پوءِ هھڙا حال نه ٿيندا ته بيا ڪهڙا ٿيندا!؟“

”ڪير هليو ويو ۽ تنهنجو ڇا ٿيندو هو؟“

موٽ ۾ ڪابه ورندي نه ڏنائين.

ڪجهه گهڙيون ترسي کانئس ٻيهر پڇيم، ”هن سان تنهنجو ڪهڙو تعلق هو؟“

”هن سان منهنجو نينهن جو ناتو هو.“

”هو به توکي ايترو ٿي چاهيندو هو؟“

”ها تمام گهڻو. ايترو گهڻو جو اجا تائين مون کي اعتبار نٿو اچي ته هو مون کي ٻڌائڻ کانسواءِ ائين وچي به سگهي ٿو!“
هن جي اکين منجهان حيراني ليئاڪا پائي رهي هئي.
”پلا هو ڇا ڪندو هو؟“
”هو ڪندو ته گهڻو ڪجهه هو. پر سڀ ڪان وڌيڪ، مون سان پيار ڪندو هو.“ ڪجهه گهڙين لاءِ هو ترسي، سندس ڳالهين ۾ منهنجي وڌندڙ دلچسپي کي ڏسي، هن ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”هن کي ڪاوڙ به ڏاڍي ايندي هئي.“
ڪجهه دير لاءِ خاموش ٿي وئي، جڻ ڪيس پڪ هجي ته آءٌ هن کان پڇندس ته، ”هن کي ڪهڙين ڳالهين تي ڪاوڙ ايندي هئي.“
۽ پوءِ مون هن کان پڇيو، ”هن کي ڪهڙين ڳالهين تي ڪاوڙ ايندي هئي؟“
موٽ ۾ هن مُرڪي ڏنو ۽ پوءِ ٻڌائڻ لڳي، ”هو جڏهن ڪا ناانصافي ٿيندي ڏسندو هو، ڪنهن جو حق غضب ٿيندي ڏسندو هو، معصومن سان زوري زنا جا واقعا، خودڪشيون، فاقا ڪشيون ۽ بيروزگاريءَ جا وڌندڙ راڪاس هن کي ڪاوڙائڻ جو سبب بڻجندا هئا ۽ پوءِ هو انهن خلاف سراپا احتجاج بڻجي ويندو هو.“
”واقعي به؟“
”ها واقعي به.“
”پلا هو اُداس يا بيچين ٿيندو هو ته پوءِ ڇا ڪندو هو؟“
”جڏهن هو بيچين يا اُداس ٿي ويندو هو ته، مون ۾ اچي پناهه وٺندو هو.“
ڪجهه دير لاءِ ماحول ۾ خاموشي ڇانئجي وئي ۽ پوءِ مون هن کي چيو، ”هن بابت ٻيو ڪجهه ٻڌاءِ.“
”هن ٻڌائڻ شروع ڪيو، ”هو ضدي به ڏاڍو هو. جڏهن ڪنهن ضد تي ايندو هو ته پوءِ نفعي ۽ نقصان بابت ته سوچيندو به نه هو. مطلب پرست ماڻهن سان نفرت ڪندو هو. منافقيءَ سان هن جي لڳندي ئي نه هئي، خود غرضيءَ سان هن کي چڙ هئي، محبتن ۽ نفرتن جي معاملي ۾ هو اعتدال پسند نه بلڪ انتهاپسند هو. ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي هو اُداس ٿي ويندو هو ۽ ننڍڙي ننڍڙين ڳالهين تي وري خوش به ٿي ويندو هو.“

ٿوري دير لاءِ هو ترسي ۽ پوءِ ٻيهر چوڻ شروع ڪيائين، ”هو مون سان پنهنجا ڏک ئي شيئر نہ ڪندو هو پر خوشيون بہ شيئر ڪندو هو، هڪ زمانو هن ڪي سجاڏيندو ئي نہ هو پر هڪ زمانو هن سان پيار بہ ڪندو هو..

هن جي سجاڳيءَ جا ڪيترائي پاسا هئا، پر هو چاهيندو هو تہ ڪيس منهنجي ئي نالي سان سڃاتو وڃي ۽ هن جي ڇپڻ تي اڪثر منهنجو نالو ئي تہ رقص ڪندو هو.“

”تنهنجو نالو ڇاهي؟“

امالڪ ڪانئس پڇي وينس.

”ڪهاڻي.“

.مون ڪان ڇرڪ نڪري ويو.

”۽ هن جو؟“.

جهيڻي آواز ۾ چيائين: ”ڪهاڻيڪار.“

(رزاق مهر جي ياد ۾ لکيل ڪهاڻي)

# نشو

ملڪ جي گاديءَ واري شهر اسلام آباد ۾ تصويرن جي ملڪي نمائش لڳي آهي، جنهن ۾ ملڪ جي سيني صوبن مان پينٽنگس سان دلچسپي رکندڙ ڪيترن ئي مصور حضرات شرڪت ڪئي آهي ۽ پنهنجون ناهيل تصويرون نمائش ۾ پيش ڪيون آهن. هي حيدرآباد کان ڪهي آيو آهي ۽ هن پڻ پنهنجون ناهيل تصويرون نمائش لاءِ پيش ڪيون آهن.

هن نمائش جي خاص ڳالهه اها آهي ۽ هن نمائش کي ان ڪري به اهميت حاصل آهي جو ملڪي صدر، جنهن کي پڻ پينٽنگس سان ڪافي لڳاءُ آهي، اهو پڻ هن نمائش ۾ اچڻو آهي.

ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ڪهي آيل آرٽسٽ پنهنجي پنهنجي فن کان مطمئن آهن ۽ ڪين سؤ سيڪڙو پڪ آهي ته صدر صاحب کي سندن ئي ناهيل تصويرون وڻنديون، پر هو( جيڪو حيدرآباد کان ڪهي آيو آهي ۽

سندس ٻاروتڻ ڀرڀراڙيءَ جي هڪ ڳوٺڙي ۾ گذريو آهي) ٻڌتر جو شڪار آهي ته سندس ٺاهيل تصويرون صدر صاحب کي پسند ايڏيون نه آئيون.

اوچتو هال ۾ افراتفري مچي وڃي ٿي ۽ اعلان ٿئي ٿو ته صدر صاحب تشريف فرما ٿي رهيا آهن. نمائش جو منتظم افتخار عارف سڀني آرٽسٽن کي هڪڙي قطار ۾ بيهڻ لاءِ چوي ٿو.

صدر صاحب پروٽوڪول سان هال ۾ داخل ٿئي ٿو. گلن جي ورکا سان سندس استقبال ڪيو وڃي ٿو.

افتخار عارف واري سان سڀني آرٽسٽن جو صدر صاحب سان تعارف ڪرائڻ لڳي ٿو. هر آرٽسٽ تعارف ڪرائڻ مهل احترام سان جهڪي صدر صاحب سان هٿ ملائي ٿو. تعارف ڪرائڻ کانپوءِ صدر صاحب نمائش ۾ رکيل تصويرن ڏانهن اچي ٿو. هر تصوير کي غور سان ڏسي ٿو. آرٽسٽن جي رنگن جي زبان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ روايتي انداز سان تعريف ڪندي اڳتي وڌندو رهي ٿو.

هڪ تصوير وٽ اچي هو بيهي رهي ٿو. تصوير ڪيس پنهنجي سحر ۾ جڪڙي وٺي ٿي. ڪيس يقين ئي نٿو اچي ته حقيقتن کي ايڏي خوبصورت انداز سان ڪئنواس تي ائين به اُتاري سگهجي ٿو. پينٽنگ ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪپڙن تي چتيون لڳل هڪ غريب ماءُ، جنهن جو چهرو اڻ ڳڻت داستانن جون ڪٿائون ٻڌائي رهيو آهي، پنهنجي ٿڃ سڪي وڃڻ ڪري معصوم ٻار کي سرچائي رهي آهي. صدر صاحب زبردست تعريف ڪندي اڳئين تصوير تي اچي ٿو ۽ تصوير کي غور سان ڏسڻ لڳي ٿو. تصوير ۾ ٿر ۾ آيل ڏڪار جي تباهه ڪاريءَ جي منظرڪشي ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ هڪ طرف وڻن کي پنن کان آجو سڪي ويل ڏيکاريل آهي، ٻئي طرف هڪ ماڻهو بک ۾ پاهه ٿيل هڏائين پڃري جو ڏک ڏيندي کٽ تي ستو پيو آهي ۽ پاسي ۾ عزيزن کي پريشان ويٺل ڏيکاريل آهي. ٽئين طرف بک ۽ اُڃ جي ڪري ڪمزور ٿي ويل ڍورڏيکاريل آهن ۽ هڪ ڍور کي تڪليف جي حالت ۾ چڙيون هڻندي ۽ پاسن کان ڏوڙ اُڏامندي ڏيکاريل آهي. چوٿين طرف هڪ پنجن سالن جو ٻار ڏيکاريل آهي، جنهن کي چڊي پهريل آهي ۽ هو پيٽ جي باهه اُجهائڻ خاطر سڪل مانيءَ جو ڀورو ٿي ۾ پيل پاٿيءَ مان ڀسائي پنهنجي وات ڏانهن آڻي رهيو آهي.

ان تصوير کي ڏسڻ کانپوءِ صدر صاحب جي وات مان پاڻ مرادو هي لفظ نڪري وين ٿا، "ههڙو فن ڪڏهن بہ مري نٿو سگهي."

صدر صاحب اڳتي وڌندو رهي ٿو ۽ سموريون تصويرون ڏسڻ کانپوءِ وري ساڳين ٻن تصويرن وٽ اچي بيهي ٿو.

نمائش جي منتظم افتخار عارف کان صدر ٻنهي تصويرن جي خالق جو پڇي ٿو. افتخار عارف غلام رسول کي اڳتي اچي صدر سان ملڻ لاءِ چوي ٿو.

غلام رسول اڳتي اچي صدر سان هٿ ملائي ٿو.

افتخار عارف تعارف ڪرائيندي صدر کي ٻڌائي ٿو، "هي آهي هنن تصويرن جو خالق غلام رسول، جيڪو حيدرآباد کان ڪهي آيو آهي. قدرت کيس سٺي مصور هجڻ جي ڏات عنايت ڪئي آهي. رنگن سان ڳالهائڻ، رنگن سان احتجاج ڪرڻ، رنگن سان انساني جذبن، احساسن جي عڪاسي ڪرڻ ۽ انساني زندگيءَ ۾ جيڪو ڪجهہ وهندو واپرندو آهي ان کي ڪئنواس تي اُتارڻ جي قدرت کيس بهتر سگهہ عطا ڪئي آهي."

صدر نوجوان جي فن کان متاثر ٿيندي مخاطب ٿئي ٿو، "نوجوان! تو ۾ مون کي مستقبل جو وڏو ڪلاڪار لڪيل نظر اچي رهيو آهي، تنهنجي ناهيل تصويرن مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو آهي، تنهنجي تصويرن کي ڏسي منهنجي دل گواهي ڏئي رهي آهي تہ تون مستقبل جو وڏو ڪلاڪار آهين."

ان بعد صدر سيني آرٽسٽن ڏانهن متوجهہ ٿيندي چوي ٿو، "منهنجا عزيز پائرو! هتي اچي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪهي آيل آرٽسٽن جي فن کي ڏسي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي ۽ اهو احساس شدت سان ٿيو آهي تہ اسان جو ملڪ ٻين شعبن جيان آرٽ جي فن ۾ بہ خود ڪفيل آهي. پينٽنگ جنهن ۾ انساني جذبن، احساسن، اُمنگن سان گڏ ڪلچر جي اظهار لاءِ برش جي زبان مان ڪم ورتو ويندو آهي، جيڪو ٻين شعبن مثلن: ادب يا گائڪي آهي تہ ان جي بنسبت ڏکيو ڪم آهي.

مان هتي جڏهن آيس ۽ مون فنڪارن جو فن ڏٺو تہ مون کي حيرت سان گڏ خوشي بہ ٿي، ڇاڪاڻ جو آرٽ ملڪ جو قيمتي سرمايو هوندو آهي ۽ اسان جو ملڪ اهڙي قيمتي سرمايي سان مالامال آهي.

بدنصيب آهن اهي قومون جن وٽ آرٽ کان وني ادب تائين جو

سرمايو ناهي، جو تہ آرٽ ملڪ جي سڃاڻپ، ان جو نانءُ، عزت ۽ شهرت جو باعث بڻجندو آهي. هتي اچي هوئڻ تہ سيني جي فن مون کي متاثر ڪيو آهي، پر حيدرآباد کان ڪهي آيل غلام رسول جي فن مون کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو آهي. ان جو مطلب اهو ڪونهي تہ ٻين جي فن ۾ ڪجھ ڪونهي، ٻين جي فن ۾ بہ گهڻو ڪجھ آهي، پر غلام رسول جي فن ۾ اهي باريڪيون آهن ۽ ان جو انداز اهڙو آهي جيڪو تمام گهٽ آرٽسٽن جي حصي ۾ ايندو آهي. مون کي اميد آهي تہ توهان سڀ مايوس نہ ٿيندؤ ۽ پنهنجي فن جي بهتريءَ لاءِ اڳي کان وڌيڪ محنت ڪندؤ.“

”اڄ نوجوان آرٽسٽ غلام رسول کي سندس بهترين فن تي هڪ لک روپيا انعام ۽ صدارتي ايوارڊ ڏيڻ جو اعلان ڪيان ٿو.“

سيني آرٽسٽن جي منهن جا پنا لهي وڃن ٿا ۽ هو نہ چاهيندي بہ بي دليءَ سان منهن تي مرڪ سڃائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي تاڙيون وڄائڻ لڳن ٿا.

ٻئي ڏينهن تي ملڪ جي سمورين اخبارن ۾ غلام رسول جا فوٽا ۽ انٽرويوز لڳي وڃن ٿا.

اسلام آباد مان موٽي اچڻ کانپوءِ آرٽسٽ دوستن سندس ڪاميابيءَ جي خوشيءَ ۾ پارٽيءَ جو اهتمام ڪيو آهي، جنهن ۾ آرٽسٽن، شهر جي معزز ماڻهن ۽ ڪجھ ذاتي اديب، دوستن ان ۾ شرڪت ڪئي آهي. شرابن جا دور هلن ٿا. جام جامن سان ٽڪرائجن ٿا، چوڌرف کان مبارڪن جا پڙاڏا ڳونجڻ لڳن ٿا.

غلام رسول جي ذهن تي شراب جون چسڪيون وٺندي صدر جا لفظ ٻرڻ لڳن ٿا. ”نوجوان تو ۾ مون کي مستقبل جو وڏو ڪلاڪار لڪل نظر اچي رهيو آهي. تنهنجي ناهيل تصويرن مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو آهي، تنهنجي تصويرن کي ڏسي منهنجي دل گواهي ڏئي رهي آهي تہ تون مستقبل جو وڏو ڪلاڪار آهين.“

هن جي خيالن جو تسلسل تڏهن ٽٽي ٿو، جڏهن دروازي جي پاسي ۾ ٿيندڙ گوڙ جو آواز هن جي ڪنن تي پئي ٿو.

هو ٿڙندو ٿاٻڙجندو اتي پهچي ٿو. آسپاس وارا ماڻهو هٽي هن کي جاءِ ڏين ٿا. ميڙ ۾ ڪو شخص پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪائڻ لاءِ هن کي ڇوي ٿو،

”صاحب! هوٽل جي ٻاهران مون آرٽسٽ غلام رسول جي مان ۾ پارٽيءَ جو بينر پڙهيو، ان ڪري مون سوچيو هتي جيڪي ماڻهو آيا هوندا، انهن مان گهڻائي اهڙن ماڻهن جي ضرور هوندي، جيڪي پنهنجي دل ۾ انسانيت جو درد رکندا آهن. اهو سوچي مان اندر گهڙي آيو آهيان. صاحب! منهنجو عرض هي آهي ته منهنجو ٻچڙو اسپتال ۾ بيمار آهي، ڪيس گردي ۾ پٿري آهي. ڊاڪٽرن آپريشن تي پنجويهه هزار خرچ جو ڪاٿو لڳايو آهي ۽ پنجويهه هزار ڪري ڪٺي اچڻ لاءِ چيو آهي. مون غريب ماڻهو پٽ ست ڪري پندرهن هزار هٿ ڪيا آهن، اڃا ڏهه هزار مون کي هٿ ڪرڻا آهن. مون هتي اچي سيني کي ايلاز ڪيا آهن، منٿون ڪيون آهن ته اوهان ڪان جيڪي سري سگهي منهنجي مدد ڪيو، پر هي سڀ بجاءِ منهنجي مدد ڪرڻ جي مون کي ڪوڙو ۽ فرادي سمجهي رهيا آهن.“

ڳالهائيندي ڳالهائيندي هن جو ڳلو پرجي وڃي ٿو ۽ لڙڪ سندس نيڻن جا بند ڀڃي ڳلن تي لڪيرون ناهڻ لڳن ٿا.

هو ڳيت ڏيئي وري چوڻ شروع ڪري ٿو، ”صاحب! مان فرادي ۽ ڪوڙو ناهيان، سچ پچ منهنجو ٻچڙو راجپوتانا اسپتال جي گردن واري وارڊ ۾ بستري نمبر 4 تي زندگي ۽ موت سان مهاڏو اٽڪايو پيو آهي. اوهان کي جيڪڏهن مون تي يقين نه اچي ته اسپتال فون ڪري پڇي سگهو ٿا.“

غلام رسول هڪ اچاتري نظر هن تي وڌي. پراڻن پر ڌوتل صاف سٿرن ڪپڙن ۾ پڙهيو لکيو لڳندي به هو هن کي پڪو فرادي نظر آيو.

غلام رسول پنهنجي زبان جي لرزش تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪندي هن کي چيو، ”اڄڪلهه توهان جي پنڻ جو هي نئون اسٽائيل ٿي پيو آهي. اسان جي پارٽيءَ جو مزو خراب نه ڪر ۽ هتان هليو وڃ.“

هن وڌيڪ ڪجهه چوڻ چاهيو ته هن سختيءَ سان روڪيندي کيس چيو، ”بس هاڻي اسان وڌيڪ بيو ڪجهه به ٻڌڻ نٿا چاهيون ۽ نڪري وڃ هتان.“

هو ايلاز ڪرڻ لڳي ٿو... ۽ هي ويٽرس کي رڙ ڪري چوي ٿو، ”هن کي ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪڍو.“

ٻه ويٽر هن کي ٻانهن مان وٺي ڇڪڻ لڳن ٿا. هو رڙيون ڪرڻ لڳي ٿو. ”ڪجهه قياس ڪيو، جيڪو ڀڄي سگهيو مون کي ڏيو... منهنجو ٻچڙو مري ويندو... توهان کي به خدا اولاد ڏنو هوندو، انهن جي صدقي ئي

منهنجي مدد ڪيو.“ پر ڪنهن کي بہ هن تي قياس نٿو اچي. هن جو آواز آهستي آهستي جهيڻو ٿيندو، ٻڌڻ جي پهچ کان ڏورتي وڃي ٿو.

غلام رسول ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي وڃي ٿو ۽ هن کي وڏي واڪي گار پٽي ٿو ڏئي. ”باسٽرڊ سڄي پارٽيءَ جو مزو خراب ڪري ڇڏيو.“ ۽ هن کان ڪاميابيءَ جي نشي ۾ وسري وڃي ٿو تہ هن کي لک روپين جو مليل انعامُ ۽ صدارتي ايوارڊ ماڻهن جي تڪليفن ۽ ڏکن سورن جي عڪاسي ڪرڻ جيابدولت مليو آهي. ■

# اُڻ ٽڻ

فيبروري مهيني جون پهريون تاريخون هيون، منجهند جا ٽي ٿي رهيا هئا. سيارو پنهنجو جوڀن وڃائي پوين پساهن ۾ هو ۽ بهار جي آمد ٿي رهي هئي.
هيل بهار نينڊڙي ڳوٺ بهرام خان زرداري تي ماتم جي ويس ۾ نازل ٿي هئي.

نينڊڙي ڳوٺڙي جي ايتري ئي ننڍڙي رئيس آچر خان زرداري ۽ جي اوطاق تي ڏڌو وڇايو پيو هو.

تڏي تي ويٺي هي سوچي رهيو هو ته هن کي جلسي ۾ وڃڻ گهرجي يا نه؟

اٿين نه هو ته کو حڪومت جلسا، جلوس ڪرائڻ يا انهن ۾ شرڪت تي ڪو پابندي عايد ڪئي هئي ۽ نه ڪو وري هن کي مٿن، مائٽن طرفان مجلسن ۾ وڃڻ ڪان ڪائي جهل پئي هئي.

ٿيو ائين هو ته ٻه ڏينهن اڳ سندس مامي جي پٽ ڪبي ساهه ڪڍڻ ۾ تڪليف پيدا ٿي پئي ۽ هي مامي سان گڏجي ماروٽ ڪي شهر جي مشهور

ڊاڪٽر ڏاوچ وٽ ڪٺائي آيا هئا، جيتوڻيڪ ڊاڪٽر جو نالو گل محمد هو، پر هو پنهنجي ذات ڏاوچ جي حوالي سان مشهور ٿي ويو هو.

ڊاڪٽر مريض کي چڱيءَ طرح تپاسڻ ڪانپوءِ پنهنجو ڳاتو مخصوص اسٽائل ۾ لوڏڻ شروع ڪيو هو. موٽ ۾ هنن کان ڇرڪ نڪري ويو هو.

سندس مامي ڊاڪٽر کي ايلاز ڪندي چيو هو، ”ڊاڪٽر ڪجهه ڪر!“

چند پل جڏهن سانت جي نظر ٿي ويا ۽ ڊاڪٽر طرفان هنن کي ڪابه ورندي نه ملي ته هن جي مامي ٻيهر ڊاڪٽر کي ليلائيندي چيو هو، ”ڊاڪٽر! منهنجي ٻچڙي جو ڪو بلو ڪر.“ ڊاڪٽر جيڪو سوچن جي ساگر ۾ گم هو، تنهن ڪنڌ مٿي ڪٺي اونهو ساهه پريو هو ۽ پوءِ هنن سان مخاطب ٿيو هو، ”ڏادي دير ڪري ڇڏي اٿوَ. هاڻ ڪجهه به نٿو ٿي سگهي، هن کي واپس گهر ڪٺائي وڃو.“

ڊاڪٽر جا اهي لفظ ٻڌڻ ڪانپوءِ سندس مامي جي دل پرجي آئي هئي ۽ ڳوڙها سندس نيڻن جي اختيار جا بنديچي سانوڻ جي مينهن جيان وسڻ لڳا هئا.

ڊاڪٽر جي ان جملي ٻڌڻ ڪانپوءِ سندس مامي کي پڪ ٿي وئي هئي ته هاڻ دنيا جو ڪوبه ٻيو ڊاڪٽر سندس ٻچڙي جي جان بچائي نٿو سگهي،

ان ڪري جو ڊاڪٽر ايترو ته قابل هو جو اڄ تائين جن به مريضن بابت هن فتويٰ جاري ڪئي هئي ته، ڏادي دير ڪري ڇڏي اٿوَ. هاڻ ڪجهه به نٿو ٿي سگهي ۽ هن کي واپس گهر ڪٺائي وڃو ته. ڪيتراٽي سر ڦريا ۽ پنهنجي عزيزن سان جنون جي حد تائين محبت ڪندڙ ڊاڪٽر جي ان فرمان جي انحرافي ڪندي، مريض کي حيدرآباد يا ڪراچي ڪٺائي وڃڻ جو ڪشت ڪٺي وننداهئا، پر انهن مان به ٿورڙن خوشنصيبن کي حيدرآباد يا ڪراچي جي اسپتال جو منهن ڏسڻ نصيب ٿيندو هو، نه ته اڪثر مريض واٽ تي ئي دم ڏئي ڇڏيندا هئا.

ڊاڪٽر جي قابليت تي سوَ سيڪڙو يقين هوندي به هن مامي کي مشوروَ ڏنو ته، ”گهر ڪٺائي هلي سندس مرڻ جو انتظار ڪرڻ کان بهتر آهي ته سول اسپتال ۾ هلي ٿا داخل ڪرايونس، حيدرآباد ۽ ڪراچي ڪٺائي هلڻ جي نه پاڻ ۾ طاقت ڪونهي.“ سندس مامي کي اها ڳالهه دل سان وڃي لڳي ۽ هٿ، هٿ تي رکي چپ ڪري ويهڻ کان بهتر سمجهائين ته پٽ کي

سول اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ واري هيلي ڪي هتان مان وچڻ نہ ڏئي.

همراهہ کي ڪٽائي جڏهن هي اسپتال پهتا هئا تہ ڊاڪٽر مريض جي نبض ۽ حالت ڏسڻ ڪانپوءِ کين ٻڌايو هو تہ. ”همراهہ جي جيئڻ جو آسرو گهٽ آهي، ڪوشش ڪيون ٿا، وڏيڪ دعا ڪيو.“

مريض کي آڪسيجن تي رکڻ بعد ڊاڪٽر دوائن جو پرچو هنن ڏانهن وڌائيندي، جلديءَ ۾ دوا وٺي اچڻ لاءِ چيو.

هن مامي ڪان پرچو ورتو ۽ ڏري گهٽ ڊوڙڻ جي انداز ۾ اسٽور تي پهتو هو ۽ دوائون وٺي جڏهن اسپتال آيو تہ مامي کي زارو قطار رُئندي ڏٺو هئائين.

پل ۾ سمجهي ورتائين تہ سندس ماروٽ هي فاني دنيا ڇڏي چڪو آهي. هي لاش ڪٽائي ڳوٺ پهتا هئا، متن، مائٽن، عزيزن، دوستن کي ٻڌائڻ ۽ ڪفن دفن جو بندوبست ڪندي شام ٿي وئي هئي.

گذريل ٻن ڏينهن کان هي تڏي تي ويٺو هو. پري پري جا مٽ، مائٽ،، دوست ۽ واقف اچا بہ وقفي وقفي سان تڏي تي ٿيڻ لاءِ اچي رهيا هئا. اهو تڏي جو آخري ڏينهن هو ۽ ٻئي ڏينهن تي تڏو کڄڻو هو.

پر ٻيو ڏينهن هن جي ڪنهن بہ ڪم جو نہ هو، ڇاڪاڻ جو دادوءَ جي شهر جي ”الله والي“ مسجد ۾ رات جو انين وڳي کان هڪ عظيم الشان جلسي جو بندوبست ٿيل هو. جنهن ۾ ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻي، سکر ۽ ٻين پري پري جي شهرن کان نالي وارا مولوي، مشهور عالم ۽ پروفيسر اچڻا هئا.

هن جي لاءِ اهم ڳالهہ جلسي ۾ شرڪت جي نہ هئي، ڇاڪاڻ جو اهڙا الائي ڪيترا جلسا هن اٽينڊ ڪيا هئا، پر جلسي ۾ شرڪت هن جي ڪيريئر جي ٻهرين وک هئي، مستقبل جي روشن راهن کلڻ جي چابي هئي ۽ هن ان موقعي کي ڪهڙيءَ بہ طرح هٿان مان وڃائڻ نہ پئي چاهيو.

اُن ڪري جو هن مهل تائين هن صرف پنهنجي شهر ۽ آس پاس ۾ ٿيندڙ لوڪل جلسن ۾ شرڪت ڪئي هئي ۽ پنهنجي شعلا بيان تقريرن سان ماڻهن کي مُنڊيو هو.

اهوئي سبب هو جو سندس تقريرن کان متاثر ٿي، وڏن وڏن شهرن کان کهي آيل مشهور مولوين، عالمن ۽ پروفيسرن سان گڏ تقرير ڪرڻ لاءِ

هن کي بہ موقعو ڏنو ويو هو ۽ شهر ۽ ڀرسان شهرن جي مسجدن، مدرسن ۽ هنڌ هنڌ تي لڳل پمفليٽن ۾ تقرير ڪرڻ وارن جي لسٽ ۾ هن جو نالو بہ لکيو ويو هو، تنهن ڪري جلسي ۾ وڃڻ هن لاءِ انتهائي لازمي ٿي پيو هو.

ياد ٿو اچيس، پهريون دفعو جڏهن پنهنجي مرشد جي مسجد ۾ نعت اچي پڙهي هئائين. نعت جي وچ ۾ ۽ نعت کانپوءِ مرشد جي خليفن ۽ ٻين وڏن تعريف ۾ سبحان الله جي آوازن سان سمان ٻڌي ڇڏيو هو. ان بعد جڏهن تقرير جو وارو آيو هوس تہ پنهنجي شعلہ بيان تقرير سان سڀني وڏن تي وجد جي ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي هئائين. جلسي بعد مرشد کيس دعا ڪندي چيو هوس، ”اهو وقت پري ناهي جڏهن بهترين مقررن ۾ تنهنجو بہ شمار ٿيڻ لڳندو.“ موٽ ۾ هي مرشد جي پيرن تي ڪري پيو هو.

”بابا قل پڙهو...“ جي آواز تي هي خيالن جي دنيا مان موٽي اچي ٿو ۽ قل پڙهڻ لڳي ٿو. قل پڙهڻ ۽ دعا گهرڻ بعد سندس سنگتي مولوي احمد، مامي ۽ هن سان ڀاڪر پائي ملي ٿو ۽ دلداري ڏيندي کين چوي ٿو، ”بابا! دنيا فاني آهي، سڀني کي اڳي پوءِ هلڻو آهي... الله جي شيءِ هئي، جنهن پنهنجي شيءِ گهرائي ورتي، هاڻ صبر کانسواءِ ڪو چارو ڪونهي، تنهن ڪري صبر ڪريو.“

چند منٽ ويهي، چانهہ ڍڪ پي، هو موڪلائي اُٿي ٿو وڃي.

مولوي احمد جي وڃڻ کانپوءِ ساڳي آنڌ مانڌ ڪر موڙي من ۾ جاڳي ٿي پويس.

سوچي ٿو جلسي ۾ وڃڻ گهرجي يا نہ؟

خيال ٿو اچيس تہ وڃڻ گهرجي، نہ تہ سندس ڪيريئر جون راهون کلڻ کان اڳ ۾ ئي بند ٿي وينديون.

اوچتو سندس ماسات ڏيان ڇڪائيندي چوي ٿو، ”ماسات ٽيپهريءَ جي نماز جو ٽائيم ٿو وڃي، اُٿ هلي آذان ڏي تہ نماز پڙهون.“

ها ڇئي هو گهڙيءَ ڏانهن نهاري ٿو، جتي پنج وڄي رهيا آهن، سوچي ٿو پورا پندرهن منٽ نماز جي ٽائيم کان لنگهي ويا آهن.

هو اُٿي ٿو وضو جي سالم هجڻ جي پڪ نہ هجڻ ڪري تڪڙ ۾ وضو ڪري ٿو وٺي. وضو ڪرڻ کانپوءِ احساس ٿو ٿئيس تہ هن نيڪ نموني وضو ناهي ڪيو، ان ڪري ٻيهر وضو ڪرڻ ٿو لڳي. وضو ڪرڻ کانپوءِ

آذان اچي ٿو ڏئي، آهستي آهستي ڪري سڀ نمازي مسجد ۾ ڪنا ٿي وڃن ٿا. سندس ماسات اُٿي تڪبير ٿو هڻي.

نماز پڙهائيندي الله والي مسجد (جنهن ۾ اڄ رات انين وڳي عظيم الشان جلسو ٿيڻو آهي) جو نقشو ذهن ۾ ڦري ٿو اچيس، پاڻ ڪي پيجري ۾ بند طوطي جيان ڀاسي ٿو، ۽ پيجري مان نڪرڻ جو ڪو رستو نٿو سجهيس. ٻه رڪعتون صحيح پڙهائڻ ڪانپوءِ ٽئين رڪعت ۾ ويهي ٿو رهي.

سندس ماسات الله اڪبر جي بلند آواز سان خيالن ڪي ٽوڙي ٿو ۽ هي الله اڪبر چئي اُٿي ٿو بيهي.

نماز پوري ٿيڻ ۽ دعا گهرڻ ڪانپوءِ سندس هڪ مائٽ چوي ٿو، "مولوي صاحب! اڄ ڇا ٿيو اٿوَ؟"

مولوي صاحب طرفان ڪو جواب نه ملڻ تي سندس ماسات، هن ڪي موٽ ٿو ڏئي، "بابا! تازو ماروٺ گذاري ويو اٿس، اجا تڏو ئي ناهي ڪڇيو، هن ويچاري جو ڪهڙو ڏوهه آهي."

ان تي ساڳيو عزيز کيس دلداري ٿو ڏئي، "بابا! غم نه ڪر. دنيا دم گذر آ، اڳي پوءِ سڀني کي هلڻو آهي."

موٽ ۾ هي خاموش رهڻ ۾ ئي عافيت ٿو سمجهي ۽ ڪابه ورندي کيس نٿو ڏئي.

نماز پڙهڻ بعد وري تڏي تي اچي ٿو ويهي، بيچينيءَ مان هر هر گهڙيءَ ڏانهن نهاري ٿو.

دل چويس ٿي مامي کي ياد ڏياري ته اڄ رات الله والي مسجد ۾ عظيم الشان جلسو آهي ۽ کيس اجازت ڏئي ته هو جلسي ۾ وڃي شرڪت ڪري ۽ پنهنجي تقرير جا جوهر ڏيکاري.

پر سندس مامو، جيڪو هن ننڍڙي ڳوٺ جو چڱو مڙس به آهي ۽ هي ان جي طبيعت کان چڱيءَ طرح واقف آهي ته مامو اول ته کيس وڃڻ جي اجازت ڪونه ڏيندو، پر جي ڪاوڙ مان اجازت ڪٽي ڏنائين به ته سڏ پت ۽ مرٽي پرٽي کان هليو ويندو. ان ڪري ماٺ ۾ ئي عافيت سمجهندي، ماٺ ٿو رهي.

رکي رکي سندس سرڪش طبيعت ان ڳالهه تي اُڪسائي ٿي ته سڏ

پيٽ ۾ مرڻي پرڻي کان وڃي ته پلي وڃي، پر هن کي جلسي ۾ ضرور وڃڻ گهرجي ۽ پنهنجي ڪيريئر کي شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ختم نه ڪرڻ گهرجي.

پر انهيءَ خيال جي پاڻ ئي نفي ٿو ڪري ته اهو ته ٺيڪ آهي پر مامي جي ناراض ٿيڻ سان سڄي برادري به ناراض ٿي ويندي، پيو ته نهيو پر بابو به ڳوٺ مان نڪري وڃڻ جو فرمان جاري ڪرڻ ۾ دير ئي نه ڪندو.

سج لٿي جي نماز جو ٽائيم جيئن جيئن ويجهو ٿيڻ لڳي ٿو، تيئن تيئن بيچيني وڌ ويڌهيءَ جيان وڪوڙڻ لڳيس ٿي.

هي جلسي ۾ وڃڻ ۽ نه وڃڻ جي صليب تي ٽنگجي پيئي ٿو.

ماسات ڪيس سج لٿي جي نماز لاءِ آذان ڏيڻ جي يادگيري ڏياري ٿو.

آذان ڏيڻ لاءِ اُٿندي، ڪروڌ مان چپن ۾ پٽڪي ٿو، ”خبيث کي مرڻو به هنن ڏينهن ۾ هو.“ ■

# فيصلو

”مان تي چوائين ڪجهه به ٿئي، هاڻ توکي ڏاڙهي لهرائڻي پوندي.“ منهنجي زال گرم ٿيندي مون کي چيو.

”خدا جي بندي آهستي ڳالهاءِ، ياجائي ۽ آدا ٻڌي وٺن ته ڇا چوندا، بيو ته منهنجي ڏاڙهي توکي ڇا ڪيو، جو هٿ ڌوئي ان جي پويان اچي پئي آهين!؟“

”هزار ڀيرا توکي چيو اٿم پر توتي ڪو اثر نٿو ٿئي، هاڻ ٻڌن ته ڀلي ٻڌڻ ڏين، مان ڪنهن کان به نٿي ڊڄان ۽ مون کي ڪنهن جي به پرواهه ڪونهي.“

”مان به توکي هڪ ڀيرو وڌيڪ يعني هڪ هزار هڪ ڀيرو ٻڌائي ڇڏيان ٿو آهيان ته روحانيت ڏانهن مائل ٿيڻ کان پوءِ آءٌ ڏاڙهي لهرائي نٿو سگهان، پوءِ به تون سمجهين ڇو نٿي!“

”توکي ڏاڙهي لهرائڻي پوندي، لهرائڻي پوندي، لهرائڻي پوندي.“ منهنجي زال ٻروچڪي رڳ تي ايندي چيو.

ساڳي ٻروچڪي رڳ منهنجي ٻه ڦڙڪي پئي. چيومانس، ”آءٌ ڏاڙهي ڪونه لهرائيندس، ڪونه لهرائيندس، ڪونه لهرائيندس ۽ اصل ڪونه لهرائيندس.“

منهنجي مائي جو پارو چڙهي ويو. ڪاوڙ ۾ تماتي جيان ڳاڙهي لال ٿي وئي، ان کان اڳ جو جتون ۾ اچي رڙيون ڪري گهر مٿي تي کڻي ويهي رهي، آءٌ ڪاوڙ ۾ پير ڇنڊيندو ٻاهر نڪري آيس ۽ سڌو رُخ ڪيم پنهنجي دوست الهه بخش ڏانهن.

آس پاس جي ماحول کان بي خبر، سوچن ۾ وڪون کڻندو جڏهن آءٌ چوڪ وٽ پهتس ته هڪ همراهه، ان کان اڳ جو آءٌ سڃاڻڻ جي ڪيان، ”اڙي اشفاق آهين نه؟“ چئي مون هڏڙين جي مُٺ کي ٻاڪر ۾ پري کڻي پڪوڙيو ۽ ٻه ٽي اهڙا مروٽا ڏنائين جو پاسرائين مان نڪاءُ نڪري ويا. اکين آڏو اونده ڇانئجي وئي ۽ ڏينهن ۾ تارا ڏسڻ جو پهريون ڀيرو مون کي شرف حاصل ٿيو. ڪالهه تائين ڏينهن ۾ تارا ڏسڻ واري محاوري جو ڀيد مون تي کُلي پيو ۽ مون کي سترهن آنا پڪ ٿي وئي ته ڏينهن ۾ تارا ٻه ڏسي سگهبا آهن.

هُن ٻاڪر ڪڍيو ته مون وارو متو ڦرٽي جيان گول ڦرڻ لڳو. پاڻ سنڀاليندي هن جي نيٽن ۾ نهاريم ۽ هڪدم کيس سڃاڻيندي چيم، ”زاهد! تون ۽ هتي... مس مس ٽن سالن کان پوءِ تنهنجي شڪل نظر آئي آهي، ڪراچي لڏي وئين ته ٻاڙيا صفا اُتان جو ٿي وئين!“

”پيارا! ڪراچيءَ ۾ رهي ماڻهو مشيني زندگيءَ جو حصو ٿي وڃي ٿو، وقت ۽ زندگيءَ جا خفا مهلت ئي نٿا ڏين جو توهان جهڙن يارن سان اچي ڪچهرا ڪجن... پر تون ٻڌاءِ هي انقلاب ڪڏهن آيو؟“

ڪجهه به نه سمجهندي چيم، ”ڪهڙو انقلاب؟“

چيائين، ”ڏاڙهي وارو.“

”ٻه سال ٿيا آهن ڏاڙهي رکرائي.“ کيس ٻڌايم.

”يار! ڏاڙهي نهئي ٿي ۽ ڏاڙهيءَ ۾ سچ پچ وڻين ٿو.“

”پر مائيءَ کي ته ڏاڙهيءَ ۾ نٿو وڻان.“ ڇپن ۾ ڀِٽڪيم.

”ڇا چيئي؟“

”ڪجهه نه... ائين ئي... هل ته توکي چانهه پياريان.“

”نہ ٻئي دفعي.“

”اٿين وري ڪيئن ٿيندو.“

”اصل ۾ هينئر تڪڙو آهيان ۽ اهم ڪم ڇڏائي وري واپس ڪراچي وڃڻو آهي. بس هينئر ڇڏ، آءٌ جلد توڏي اچڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ پوءِ خوب ڪچهرا ٿيندا.“

چيومانس، ”اصل نہ ڇڏيندوسانءِ، مس مس تہ هٿ آيو آهين.“

چيائين، ”منهنجي ڳالهہ مڃ، ضد نہ ڪر آءٌ واعدو ٿو ڪيان تہ تو وٽ جلد ايندس، هينئر ضروري ڪم آهي.“

هٿيار ڦٽا ڪندي چيم، ”پر جلد اچڻ جي ڪجائين.“

”بلڪل.“ چئي پاڪر پائي موڪلايائين.

آءٌ چوڪ ٽپي سئنيما روڊ وٺي، شاهاڻي پاڙي ۾ دوست الهہ بخش جي اوطاق تي اچي پهتس. ڏسان تہ اوطاق کلي پئي آهي.

دروازي وٽ اچي سلام ورايم.

ڪتاب تان نظرون هٽائيندي سلام جو جواب ڏنائين.

”اڙي بڪر تون... اچ اچ، اندر اچ.“

صوفي تي ويهندي چيومانس، ”اڄ کان پوءِ مون کي بڪر نہ چوندو ڪر، آءٌ بہ توکي ڳيندو ڪونہ چوندس.“

ڪجهہ پل سوچڻ کان پوءِ سنجيده ٿيندي چيائين، ”ٺيڪ آ اڄ کانپوءِ آءٌ توکي بڪر ڪونہ چوندس، هونئن بہ اها حلال جانور جي توهين آ.“

چيومانس، ”آءٌ مذاق جي موڊ ۾ بلڪل ناهيان.“

يقين ڏياريندي چيائين، ”آءٌ بہ مذاق جي موڊ ۾ ناهيان ۽ مون فيصلو ڪيو آهي تہ اڄ کان پوءِ آءٌ توکي بڪر نہ چوندس.“

خوش ٿيندي چيومانس، ”ان کي ٿي تہ دوستي چئبو آهي، هاڻ تون مون سان منهنجي اصل نالي سان مخاطب ٿيندي، اٿين نہ؟“

”نہ.“

”باقي؟“

”مون تنهنجي لاءِ نئين زبردست خطاب جي چونڊ ڪئي آهي.“

”ڪهڙي خطاب جي؟“

”بس ٻڪر ڪان اڳ ۾ فقط هڪ لفظ ’جابلو‘ جو اضافو ڪيو آهي.“
”توکي چيم نه ته اڄ آءٌ مذاق جي موڊ ۾ ناهيان.“
”ٺيڪ آ مذاق ختم، اڳتي آءٌ توکي ٻڪر ٻه ڳوڻ چوندس، پر ان لاءِ هڪڙو شرط آهي؟“
خوش ٿيندي چيومانس، ”ڪهڙو؟“
”نون چڙي پوندين.“
”آءٌ ڪون چڙندس، تون ٻڌاءِ.“
”نه پوءِ ٻڌ، ان لاءِ توکي ڏاڙهي ڪوڙائڻي پوندي.“
منهنجو پارو چڙهي ويو، ڪاوڙ ۾ اٿندي چيومانس، ”آءٌ هلان ٿو.“
پانهن ۾ هٿ وجهندي چيائين، ”بس هاڻ مذاق ختم.“
مون پاڻ کي صوفي تي ڇڏي ڏنو.
ٻه منٽ ئي مس ٿيا ته، راهب فواد سلام ورائي اندر گهڙي آيو.
مون تي نظر پوندي ئي چيائين، ”ٻڪر به ويٺو آ ڇا.“
ڪاوڙ ۾ چيومانس، ”پنج مٽي ٻوري، اٿي جا دشمن، زڪوٽا جن منهنجو اڄ موڊ خراب آهي، مون سان مذاق نه ڪر.“
کلندي چيائين، ”ڇو ناشتي ۾ اڄ گاهه نه مليو اٿئي ڇا؟“
چيومانس، ”ٺلها ٻي ڊولا، ٻنهنجي لاءِ ٻه آزار ته قوم لاءِ ٻه آزار... زبان سنڀالي ڳالهاءِ، اڄ مان ڏاڍو اُداس آهيان ۽ مذاق جي موڊ ۾ ناهيان.“
سنجيده ٿيندي چيائين، ”ياڃائي سينڍلن سان مار ته ڪونه ڏني اٿئي؟“
اٿندي چيم، ”لعنت آ، اهڙي دوستيءَ تي جنهن ۾ ٻئي دوست جي احساسن جو خيال ئي نه ڪيو وڃي.“
زوري ويهاريندي چيائون، ”اسان کي خبر نه هئي ته تون واقعي به ايترو اُداس آهين.“
اُٿندي چيم، ”توهان ويهو مون کي هڪڙو ضروري ڪم ياد اچي ويو آهي، آءٌ ڪم ڇڏائي جلدي موٽي ٿو اچان.“
چيائون، ”نه تون ناراض ٿيو پيو وڃين.“
زبردستي ڇپن تي مرڪ آڻيندي چيم، ”آءٌ سچ پيو چوان، مون کي ضروري ڪم ياد اچي ويو آهي ۽ جلد موٽي ٿو اچان، توهان جهڙن جگري يارن کان ناراض ٿيڻ جو ته سوچي به نٿو سگهجي.“

اٺين چئي آءُ ٻاهر نڪري آيس، گھڙي، تي نظر وڌم ٻيپهريءَ جي نماز ۾ اڃا اڌ ڪلاڪ هو، ٿوري دير سوچڻ ڪانپوءِ سڄي ڏينهن جو ٽائيم ٽيبل ترتيب ڏئي ورتم. پهرين ماني کائبي، ان بعد ٻيپهريءَ جي نماز پڙهبي، نماز ڪانپوءِ اڌ ڪلاڪ ڏڪر، ان بعد ڪجھ گھڙيون آرام، ٽيپهريءَ جي نماز ٽائين شهر جو رائونڊ، ٽيپهريءَ جي نماز ڪانپوءِ سج لٿي جي نماز ٽائين وارو عرصو رولاڪيءَ جي حوالي، سج لٿي جي نماز ڪانپوءِ سومهڻي جي نماز ٽائين وارو ٽائيم پيرڊ پڻ رولاڪيءَ جي حوالي، سومهڻيءَ جي نماز ڪانپوءِ ذڪر ۽ پوءِ دير سان گھر وڃبو ڇو ته سڄائي ۽ پوءِ هر دفعي جيان مائي پنهنجي آتي تان لهي ايلاز ڪري مڃائي وٺندي.

سومهڻي جي نماز پڙهي، ڪلاڪ کن ذڪر ڪيم ۽ پوءِ ڏڪندي ڏڪندي گھر اچي ٺڪاءُ ڪيم، ڪمري جي در جي وٿين مان ڏٺم ته هوءَ پلنگ تي منهن ڀرتي ڪيون سُتي پئي آهي. ڪنگھندي ڪمري جي دروازي جو تاڪ ٽيلهو ڏئي زور سان ڪوليم ته جيئن ڪڙڪي ۽ ڪنگھڪر جي آواز تي خبر پويس ته آءُ اچي ويو آهيان، پر ايڏي ساري ڪڙڪي تي به هن جي ڪن تي جونءَ ئي نه سُري.

پلنگ جي ويجهو اچي ڪنگھڪار ڪيم. موٽ ۾ سُتي ئي منهن ڦيرائڻ ڪانسواءِ رخائيءَ مان چيائين، ”ٽيبل تي هاٽ پاٽ پيو اٿئي، ان ۾ ماني اٿئي ۽ فرج ۾ ڀاڄي پئي اٿئي، وجي گُرم ڪري کاءُ.“

پهرين ته دل ۾ خيال آيو ماني کائڻ ڪانسواءِ ئي سمهي ٿو پوان، پر بک به زورن جي لڳي هئي، مٿان وري سياري جي ڊگھي رات جو سوچي اهو ارادو تبديل ڪري ڇڏيم ۽ فرج مان ڀاڄي ڪڍي گرم ڪري، هاٽ پاٽ مان ماني ڪڍيم ۽ پيٽ پوڄا ڪي لڳي ويس.

ماني کائڻ ڪانپوءِ، پاڻي پي ٽانوَ پاسي تي رکي، بيڊ جي اورئين پاسي منهن ڦيرائي سمهي پيس. ڪيئي پل بنا حرڪت جي سمهيو رهيس، پر مائي پاسو نه بدلايو. سوچيم اڄ مائيءَ جو موڊ هميشه کان وڌيڪ خراب آهي، نه ته ڪاوڙيل هوندي به ماني کٽي اچي ڏيندي آهي ۽ پوءِ پنهنجي گُذريل رويي تي معذرت ڪندي ماني کائڻ لاءِ آماده ڪري وٺندي آهي، پر اڄ هُنَ جا تيور ئي ٻيا پئي نظر آيا.

سوچيم ائين رات گذري ويندي، نہ ننڊ مون کي ايندي ۽ نہ وري هُنَ کي، تنهن ڪري پرچائڻ ۾ اڄ پهل ڪرڻ گهرجي.

مون پاسو ورايو ۽ لهجي ۾ پڇتاءُ جهڙو مناس اوتي ڳلهي کان پڪڙيندي پاڻ ڏانهن پاسو ورائڻ لاءِ چيومانس.

موٽ ۾ مرچن جهڙو تکو لهجو ڪنن سان ٽڪرايو، ”ڇڏ مون کي ننڊ ڪرڻ ڏي.“

هيڪر دل ۾ آيو ڇڏي ڏيانس، پر برداشت ڪندي ڪيس چيم، ”پوپري! هڪڙي ڏينهن جي تہ ڳالهہ ڪونهي، اورتي منهن ڪر ۽ مون سان توهہ جهڙي لهجي ۾ نہ پر گلقند جهڙي لَهجي ۾ ڳالهاءِ.“

مون ڏانهن پاسو ورايائين ۽ لهجي جي تُرشيءَ ۾ ڪنهن قدر ڪمي آڻيندي چيائين، ”پوءِ منهنجي ڳالهہ مڃين ڇو نٿو؟!“

سچي جهان جو پيار لهجي ۾ سمائي چيومانس، ”تون ڇئي تہ ڏس آءٌ تنهنجي ڳالهہ نہ مڃان ائين بہ ٿي سگهي ٿو ڇا!“

”پوءِ منهنجي ڳالهہ مڃ نہ.“

”پر ڪهڙي؟“

”ڏاڙهي لهراءِ نہ، انهيءَ ڏاڙهيءَ ۾ سچ پچ تون ٻڪر ٿو لڳين... ڪالهہ منهنجي هڪ سهيلي مون سان ملڻ آئي هئي، مون ان وقت پراڻا فوٽن جا البم ٿي ڏٺا، منهنجي هٿن مان البم ڪسيندي چيائين، ”مون کي ڏي تہ مان بہ ڏسان ۽ پوءِ تو وارو پينٽ شرٽ سان ڪلين شيو ۾ نڪتل پراڻو فوٽو ڏسي چيائين، ”هي خوبصورت نوجوان ڪير آ؟“

مون ڪيس وڏي فخر سان چيو، ”منهنجو مڙس آهي.“

ان بعد تو واري تازي ڏاڙهيءَ سان نڪتل فوٽوءَ تي جڏهن نظر پيس تہ بہ ٿي پل فوٽوءَ کي ڏسڻ ڪانپوءِ چيائين، ”صفا جڻ ٻڪر.“

سندس سهيليءَ جي ٻڪر چوڻ کي تہ آءٌ هضم ڪري ويس، پر مائي جي ٻڪر چوڻ تي يڪدم منهنجو خيال پنهنجن دوستن ڏانهن هليو ويو. سوچيم ڪٿي منهنجي دوستن مان تہ ڪنهن اچي منهنجي مائيءَ کي پڙڪايو ناهي يا فون ڪري منهنجي خلاف مائي جا ڪن تہ ناهن ڀريا، پر پنهنجن انهن خيالن جي پاڻ ئي نفي ڪيم، ڇاڪاڻ جو اسين سمورا دوست

توڙي جو هڪ ٻئي سان تمام گهڻا فري آهيون، پر پوءِ به احترام جا ليڪا لتاڙڻ جو ڪڏهن سوچي به نٿا سگهون.

”پوءِ ڇا ٿو چوين؟“

”ڇا جي باري ۾؟“ سوچن کي خير آباد ڪندي چيم.

”ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي باري ۾.“

سمجهائيندي چيومانس، ”ڏس پوپري! اهڙي ڳالهه جي مون کان تقاضا چوٿي ڪرين، جيڪا منهنجي وس ۾ ئي نه هجي.“

”پر ڏاڙهي لهرائڻ ۾ آخر عيب ڪهڙو آهي؟“

”پر مان نٿو لهرائي سگهان... توکي خبر آهي نه ته شاديءَ کان به ڏينهن اڳ مون کان منهنجو وڏو ياءُ سليم ۽ منهنجا ٻيا سمورا دوست مون کي لالو حجم جي سيلون تي وني ويا هئا ۽ لالو حجم کي چيو هئائون ته هن جي ڏاڙهي لاهه. اسان کيس ٻانهن ۽ ٽنگن کان پڪڙي جهلي بيهونس ٿا. مون کين چيو هو ته مون کي ڇڏيو ۽ منهنجي صرف هڪڙي ڳالهه ٻڌو، ان کانپوءِ مان ڏاڙهي لهرائڻ لاءِ تيار آهيان. جڏهن مون کي ڇڏيو هئائون ته مون پنهنجي ياءُ کي سنجيده ٿيندي چيو هو، جيڪڏهن اوهان منهنجي ڏاڙهي لهرائڻ چاهيو ٿا ته پوءِ زبردستيءَ جي ضرورت ڪانهي، آءٌ پاڻ ٿو لهرايان... پر ان کان پوءِ آءٌ شادي ڪرڻ لاءِ اصل آماده ڪونه ٿيندس.

منهنجي ياءُ کي منهنجي ضدي طبيعت جي خبر هئي، تنهن ڪري هو ڏاڙهي لهرائڻ واري ضد تان هٿ ڪڍي ويو هو.“

”خبر آ... چڱي طرح خبر آمون کي، پر اهو ته ٻڌاءِ ڏاڙهي لهرائڻ ۾ آخر هرج ئي ڪهڙو آهي؟“

کيس قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيم، ”توکي خبر آهي ته اردوءَ جي هيڏي وڏي شاعر مرزا غالب کي به ڏاڙهي هئي ته يونان جي فلسفي ۽ ڏاهي ماڻهو سقراط کي به ڏاڙهي هئي. ان کان علاوه دنيا جي ٻين ڪيترن وڏن ماڻهن مثلاً سنڌي ڪهاڻيءَ جي چوٽيءَ جي ڪهاڻيڪارن امرجليل، جمال ابڙو کي به ڏاڙهي آهي ته مارڪس، افلاطون ۽ ارسطو کان وٺندي بهادر شاهه ظفر تائين کي به ڏاڙهي هئي.“

منهنجي مائي جوابي ڪارروائي ڪندي چيو، ”منٿو کي ڏاڙهي

ڪٽي هئي، علي بابا ڪي ڏاڙهي ڪٽي آ، نسيم ڪرل ڪي ڏاڙهي ڪٽي هئي، گوئٽي، ٽي. ايس. ايلٽ، سلمان خان، عامر خان، شاهه رُخ خان، گووندا، سني ديول، رشي ڪپور ڪي ڏاڙهي ڪٽي آهي ۽ انهن مان ته اڪثر صفا چٽ يعني ڪلين شيو آهن.“

دل ئي دل ۾ سندس ذهانت تي داد ڏيندي چيم، ”پر ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد ﷺ کي ته ڏاڙهي مبارڪ هئي ۽ سندس پيروي ڪندي ئي ڏاڙهي رکڻ کي سنت مبارڪ چيو ويندو آهي.“

دليلن ۾ مات کائيندي چيائين، ”چا به هجي پر توکي ڏاڙهي لهرائڻي پوندي، هونئن به ڏاڙهي لهرائڻ ۾ هرج ئي ڪهڙو آهي؟“

لهجي ۾ سختي آڻيندي چيم ته، ”هرج اهو آهي ته ڏاڙهي رکرائي نماز پڙهڻ ۽ ذڪر ڪرڻ سان آءٌ روحانيت ڏانهن مائل ٿي ويو آهيان.“ تون منهنجي ٿوري گهٽي ڪيل ڪمائي تي چوٽي پاٽي ڦيرڻ چاهين....!، ڪٿي تون شيطان جي ناني ته ناهين ۽ مون کي ورغلائڻ تي توکي شيطان ته آماده ناهي ڪيو؟“

منهنجي شيطان جي ناني چوڻ تي هوءَ ٻر ٽي وئي ۽ ڪاوڙ ۾ چيائين، ”تون ڏاڙهي لهرائيندين يا نه؟“

سمجهائيندي چيومانس، ”تنهنجي چوڻ تي آءٌ جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي اُتان ٽپو ڏئي سگهان ٿو، تنهنجي چوڻ تي آءٌ قتل جهڙو سنگين ڏوهه به ڪري سگهان ٿو پر ڏاڙهي لهرائي نٿو سگهان.“

”نيڪ آ جي تون ڏاڙهي نه لهرائيندي ته پوءِ آءٌ سيٽي مائٽن ڏانهن هلي ويندس.“

منهنجو پارو چڙهي ويو. ڪيس ڪاوڙ ۾ چيم، ”ڀلي وڃجان، مون کي به تنهنجي پرواهه ناهي ۽ توڪانسواءِ آءٌ مري ڪونه ويندس.“

صبح جو هن ڪپڙا پيڪ ڪيا. ڪيس روڪڻ لاءِ ڏاڍو سمجهايومانس پر سندس پوسي سان پريل دماغ ۾ منهنجي هڪ ڳالهه به نه ويٺي ۽ هو التيميٽم ڏئي هلي وئي ته، ”هاڻ مون کي وٺڻ اچين ته ڏاڙهي لهرائي پوءِ اچجانءِ، نه ته ٻي صورت ۾ مون ڏي اچڻ جي زحمت نه ڪجانءِ.“

۽ مون ڪيس اهو سوچي وڃڻ کان زبردستي نه جهليو ته ڪجهه ڏينهن ۾ ڪاوڙ ڍري ٿي ويندس ته پاڻهي موٽي ايندي يا وٺي وڃڻ لاءِ نياپو ڪندي.

ڪجهه ماڻهو پاڻ ۾ شايد ڪائنات هوندا آهن. هن جي وڃڻ ڪانپوءِ پهريون دفعو مون کي ان ڳالهه جو احساس ٿيو. نه گهر ۾ مزو ٿي آيو، نه ٻاهردوستن سان ٽائيم پاس ٿي ٿيو. کائڻ، پيئڻ، اُٿڻ، ويهڻ مطلب ته هر شيءِ بي لُطف ٿي پئي. ايستائين جو نماز، صلاة ۽ ذڪر ڪندي به هن جا خيال ۽ سوچون من کي وڪوڙڻ لڳيون. ٻين ڳالهين جي ته مون کي پرواهه ڪونه هئي، پر نماز، صلاة ۽ ذڪر ۾ بي ڌياني. اهو لڳاءُ ۽ سڪون نه پائي آءٌ پريشان ٿي ويس.

سوچيم شروعات آهي، ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ساڳيو لڳاءُ، ساڳيو اُنس، ساڳيو سڪون ۽ ساڳيو ڌيان واپس ملي ويندو ۽ پاڻ کي آٿت ڏنم ته جنهن سان زندگيءَ جو هڪ حسين سال گذاريو اٿم، ان جو ائين حواسن تي ڇانئجڻ عين فطري آهي. پر ان ڪيفيت ۾ جڏهن مهينو اچي ٿيو ته وڌيڪ پريشان ٿي ويس.

بي ڌيانيءَ سبب نماز پڙهڻ ۾ سَهَوَ (غلطين جو انگ) وڌي ويو، صلاة پڙهڻ وقت ڌيان هٽي ٿي ويو ۽ وڌي ترڪيبون اها ٿي ته اڳ جڏهن آءٌ ذڪر ڪرڻ وقت منهن گوڏن ۾ ڏئي اکيون بند ڪري ذڪر ڪرڻ لڳندو هوس ته آهستي آهستي اوندهه جهڪي ٿيڻ لڳندي هئي ۽ پوءِ سائي، نيري ۽ زرد رنگ جهڙي روشنيءَ جا ترورا گول دائرن جي صورت ۾ ڦرڻ لڳندا هئا. ان بعد ساواڻ ۽ آخر ۾ خيرو ڪندڙ روشني ڦهلجي ويندي هئي. پر هاڻ آءٌ انهن عمل کان وانجهو ٿي ويو هئس ۽ ان جو سبب مون ڄاتو ٿي ته ڌيان ۽ لڳاءُ سان ذڪر نه ڪري سگهڻ آهي.

ان کان علاوه جڏهن آءٌ روحانيت ڏانهن مائل ٿيو هئس ته خواب ڏسڻ جو سلسلو تقريباً بند ٿي ويو هو يا جيڪڏهن خواب آيا به ٿي ته مون کي ياد نه رهندا هئا، سواءِ هڪ اڌ خواب جي. جيڪي آءٌ مهيني ماسي ڏسندو هوس ۽ اهي سچا ثابت ٿيندا هئا. پر هاڻ خوابن ڏسڻ جو سلسلو ٻيهر شروع ٿي ويو هو ۽ مون سڄي سڄي رات خواب ٿي ڏٺا. اهي خواب اينترا ته عجيب و غريب ۽ حقيقتن کان پري هئا جو مون کي ڏاڍي حيرت ٿيندي هئي ۽ اهي سمورا خواب مون کي ياد به ٻيهندا هئا.

اهڙين حالتن ۾ مون کي هاڻ اهو احساس شدت سان ٿيڻ لڳو ته منهنجي هي عبادت ڪنهن ڪم جي ناهي، ان ڪري ٻئي ڏينهن تي پنهنجي

پاڻيءَ کي ساهرن ڏانهن موڪليم ته وچي پنهنجي چاچيءَ کي وٺي اچي.

منهنجو پاڻيءُ هتان جيئن اڪيلو ويو تيئن ئي اڪيلو واپس موٽي آيو ۽ مون کي اچي ٻڌايائين ته چاچيءَ چيو آهي ته، ”مون کي پاڻ اچي وٺي وڃي، پر شرط پوري ضرور ڪيون اچي.“

اهو ٻڌي مون کي ڪاوڙ ته ڏاڍي آئي پر پي ويس، ان ڪري جو مون ڪنهن به صورت ۾ ڏاڙهيءَ کان محروم ٿيڻ نه پئي چاهيو. ساڳئي وقت مون نماز، صلواة، ذڪر ۾ ساڳيو اُنس، ڌيان، لڳاءُ ۽ خوابن جي حوالي سان ايڪڙ ٻيڪڙ پر سچا خواب ڏسڻ پئي چاهيا. پر هڪ ئي وقت اهو سڀڪجهه ٿيڻ مون لاءِ ناممڪن ٿي پيو هو.

ان وچ ۾ مون ڏاڍيون دعائون گهريون، درگاهن جا چڪر لڳايا ۽ باسون باسيون پر وريو ڪجهه به نه.

رات ٿي ته سنجيدگيءَ سان سوچڻ شروع ڪيم. خيال آيو ته شايد خدا به ان ڳالهه ۾ راضي آهي ته آءٌ ڏاڙهي لهرايان، ان ڪري ئي ته منهنجون سموريون دعائون قبوليت جي سَند حاصل ڪرڻ کان محروم ٿي ويون آهن ۽ تڏهن ئي هوءَ به پنهنجي ضد تان لهڻ لاءِ تيار ڪونهي.

”لاحول ولاقوة“ چئي پنهنجو پاڻ تي لعنت ڦِٽڪار ڪيم ته آءٌ هي ڇا پيو سوچيان.

بهرحال ان رات آءٌ ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ نه ڪوڙائڻ بابت فيصلو ڪرڻ لاءِ سوچي سوچي ڇتو ٿي پيس ۽ الائي ڪيئن نيڪ رات جو ٻين وڳي مس مس وڃي هڪ فيصلي تي پهتس ۽ اطمينان جو ساهه کڻي سمهي رهيس.

صبح جو وهنجي تيار ٿي سهري جي گهر ڏانهن ڪاهه ڪيم ۽ سڌو گهر اچي نڪام ڪيم. دروازو ٽپي آڱنڌ تي پهتس ته هُنَ کي نلڪي تي هٿ منهن ڌوئيندي ڏٺم. مون تي نظر پوڻ سان خوشيءَ مان رڙ نڪري ويس. آس پاس جي ماحول جو جائزو وٺڻ ۽ اها پڪ ٿي وڃڻ ته ڪنهن به ڏٺو ۽ ٻڌو ناهي ۽ سڀ ڪمرن ۾ آهن ته مون ڏانهن ڀڄي آئي ۽ ڀاڪر پائي ڳلن تي مٺيون ڏيڻ کان پوءِ چيائين، ”ڏاڙهي ڪانسواءِ ڏس نه ڪيڏو نهين ٿو.“

مون پنهنجي اندر ڪجهه پُرندي محسوس ڪيو ۽ عجيب و غريب قسم جي مرڪ چپن تي ڦهلجي وئي. ■

## نڪ

اها فيبروريءَ جي خوشگوار منجهند هئي، سيارو پنهنجو جوبن وڃائي ٻوين پساهن ۾ هو ۽ سج جو تڙڪو جسم لاءِ انتهائي مزيدار ٿي پيو هو. اهڙي وٽندڙ سج جي تڙڪي ۾ مون اڳيان اها حقيقت پڌري ٿي ته آئون ميچوئر ٿي چڪو آهيان. مون تي اهڙي حقيقت ڪيئن پڌري ٿي؟ ان بابت آئون چڱيءَ طرح ته ٻڌائي نه ٿو سگهان، سواءِ ان جي ته ڄڻ ڪنهن غيبي قوت مون کي آگاهه ڪيو هو. شايد ان قوت پنهنجي غيبي يا خفيا طاقت جي ذريعي منهنجي ذهن ۾ اهو خيال ويهاريو هو ته آئون ميچوئر ٿي چڪو آهيان.

ميچوئر ٿيڻ سان گڏ هڪ ٽرئجڊي منهنجو انتظار پئي ڪيو. ان جي خبر مون کي تڏهن پئي، جڏهن آئون پنهنجي مسواڙي ڪوارٽر کي تالو ڏئي سيٽيون وڄائيندو چانهه پيئڻ لاءِ گهٽيءَ ۾ نازل ٿيس. گهٽيءَ ۾ پهچندي ئي منهنجي نظر سليم تي وڃي پئي، جيڪو سامهون واري ڪونيءَ تي تار تان ڪپڙا لاهيندڙ صائمه کي ٻليءَ جيان تڪي رهيو هو.

هڪ لمحي لاءِ منهنجي چهري تي ناگوار تاثر اُڀريا ۽ آئون ڪاوڙ ۾ ڦوڪجي ويس پر ٻئي لمحي منهنجي چهري تي آيل ناگوار تاثر ختم ٿي ويا ۽ منهنجي ڪاوڙ ڪافور ٿي وئي، جڏهن منهنجي نظر سليم جي نڪ تي وڃي پئي، جيڪو طوطي جي چهنب وانگر ڏگهو ٿي هيٺ مڙي ويو هو. مون اکيون ڇنڀي سليم جي نڪ ڏانهن ٻيهر نهاريو پر ٻيهر نهارڻ تي به مون کي سليم جو نڪ طوطي جي چهنب وانگر ڏگهو ٿي هيٺ وريل نظر آيو.

مون کي حيرت سان گڏ خوشي به ٿي، ان ڪري جو صائمه جي عاشقن منجهان سليم به هڪ هو ۽ منهنجو پنهنجي حريف جي وڌيل نڪ کي ڏسي حيرت ۾ مبتلا ٿيڻ سان گڏ خوش ٿيڻ فطري هو.

پاڻ ڏانهن ايڏي غور سان ڏسندي، سليم کي ڪاوڙاڇي وئي ۽ مون کي دڙڪو ڏيندي چيائين، ”ڇا ٿو ڏسين ڙي گوبلا؟“ موٽ ۾ مون ڪان تهڪ نڪري ويو. ڪاوڙ ۾ سليم ڳاڙهو ٿي ويو ۽ آئون تهڪ ڏيندو ڳهٽي اوراتگهي آيس.

سليم جي وڌيل نڪ کي ڏسي مون کي سچ پچ ڏاڍي خوشي ٿي هئي. اُن ڪري جو صائمه ۽ منهنجي وچ ۾ سليم ئي منهنجو وڏو حريف هو. اول ته شڪل صورت ۾ هو مون کان وڌيڪ خوبصورت هو، ٻيو ته قد جو پورو پنو هو، ٽيون ته رنگ به مون کان وڌيڪ صاف هئس ۽ چوٿون ته ظالم جا وار به غضب جا هئا، جن کي ڏسي مون کي لالو حجم جو اُسترو ياد ايندو هو ۽ دل چوندي هئي ته اُسترو گهمائي گوجڪ ڪري ڇڏيانس. سو سليم جي وڌيل نڪ کي ڏسي مون کي ايتري خوشي ٿي جو مون ڇانهه پيئڻ وارو پروگرام ڪئنسل ڪيو ۽ سڌو گلو گنجي جي منائيءَ واري دڪان تي اچي ٽڪاءُ ڪيم،

ڪلو منائيءَ جو آرڊر ڏيندي، جيئن ئي گلو گنجي ڏانهن نهاريم ته مون تي حيرتن جا پهاڙ ڪري پيا. ان ڪري جو گلو گنجي جو نڪ به طوطي جي چهنب وانگر ڏگهو ٿي هيٺ وريل هو.

هاڻ مون کي ڪجهه ڪجهه پريشاني ٿيڻ لڳي. گلو گنجي مون کي پاڻ ڏانهن ايڏي غور سان ڏسندي چيو، ”ڇا پيو ڏسين؟“

مون کان امالڪ نڪري ويو، ”نڪ“.

”چو ڇا ٿيو آهي منهنجي نڪ کي؟“ گلو گنجي نڪ تي هٿ لائيندي چيو.

”تنهنجو نڪ طوطي جي چهنب وانگر ڏکو ٿي هيٺ ڇو وري ويو آهي؟“

”ڇو ٿو ڪرين مشڪري.“

”نه نه آئون سچ پيو چوان.“ مون ڪيس يقين ڏياريندي چيو.

گلو گنجي ٻيهر نڪ کي هٿ لائي جاچيو ۽ پوءِ چيو، ”صحيح نه آهي!

”نه نه تنهنجو نڪ وڏي ويو آهي.“

ايتري ۾ گلو منائي توري ملازم پيڪ ڪري اچي گلو کي ڏني. ملازم تي نظر پوندي ئي مون کان ٽهڪ نڪري ويو. گلو پريشان ٿيندي چيو، ”هاڻ وري ڇا ٿيو؟“

”ڪالان ٿو نه تنهنجي ملازم جو نڪ ٻه وڏي ويو آهي.“

گلو هڪ نظر ملازم تي وڌي ۽ پوءِ چيو، ”اڇا تنهنجي پوڳ ڪرڻ جي عادت نه وئي.“

”نه نه آئون صحيح پيو چوان.“

گلو جان ڇڏائڻ واري انداز ۾ چيو، ”چئين ٿو نه ائين ئي هوندو.“

منائي شاپر ۾ وجهي گلو مون ڏانهن وڌائي. 100 روپيا ڏئي، مون منائيءَ واري شاپر گلو کان ورتي ۽ سيٽيون وڄائيندو ڪوارٽر ڏانهن موٽ ڪيم. واٽ تي منهنجي نظر سامهون ايندڙ چاچي جمن تي پئي ۽ مون کان رڙ نڪري وئي. ويجهو ٿيڻ تي چاچي جمن کي چيم، ”چاچا! ڇو پلا تنهنجو نڪ وڏي طوطي جي چهنب وانگر هيٺ مڙي ويو آهي؟“

چاچو جمن انتهائي بخيليءَ مان گهران پئي آيو، سو ڪاوڙ مان مون کي گار پئي ڏنائين. موٽ ۾ گار مان مون انجواءِ ڪيو. گهٽيءَ ۾ پهچي مون دائود درزيءَ جو دروازو کڙڪايو. جمعي جو ڏينهن هجڻ ڪري دائود دڪان تي ڪونه ويو هو ۽ ٻاهر نڪري آيو. دائود جي هٿ تي برفي رکندي منهنجي نظر وجي سندس نڪ تي پئي. دائود مرڪندي چيو، ”لاٽري نڪتي اٿئي ڇا جو منائي ٿو ورهائين؟“

ٽهڪ ڏيندي ڪيس چيم، ”لاٽريءَ کي ڇڏ، اهو ٻڌاءِ نه تنهنجو نڪ ڇو طوطي جي چهنب وانگر ڏکو ٿي هيٺ وري ويو آهي؟“

تڪڙ ۾ هن جو هٿ پنهنجي نڪ ڏانهن ويو ۽ پوءِ لڇي ٿيندي چيائين، "تنهنجي پوڳ ڪرڻ واري عادت اڃا نه وئي؟"

ان بعد مون خدن جو در کڙڪايو، جنهن جو نڪ به وڏيل ڏٺم. خدن کان پوءِ لالو، لالو ڪانپوءِ قالو، پوءِ مرچو، مطلب ته سيني جا نڪ وڏيل نظر آيم! هاڻ سچ پچ مون کي ڳڻتيءَ اچي ورايو. سليم جي وڏيل نڪ کي ڏسي منائي ورهائڻ واري خوشي ڪافور ٿي وئي. سوچيم هي ڇو مون کي سيني جا نڪ وڏيل نظر اچي رهيا آهن!؟ ان جو سبب ڳولڻ لاءِ سوچي سوچي ڇتو ٿي پيس پر تڪڙ ۾ ڪابه ڳالهه نه ويني. اوچتو هڪ سوچ ذهن ۾ آئي ته ڪٿي منهنجي اکين سان ته ڪو پرابلم ناهي ٿيو! ان سوچ جي ذهن ۾ اچڻ سان ئي سڌو رُخ ڪيم ڊاڪٽر امين ڏانهن. ڊاڪٽر امين وٽ پهچي ڪيس سموري روداد ٻڌايم ۽ نظر جي چيڪ اپ لاءِ چيم. ڊاڪٽر امين چيڪ اپ کان پهرين چيو، "ٻُڌاءِ ته منهنجو نڪ توکي ڪيئن ٿو لڳي؟"

"ڊاڪٽر، ان ڳالهه کي ڇڏ، بس تون جلدي ۾ منهنجي نظر ٽيسٽ ڪر."

ڊاڪٽر اصرار ڪندي چيو، "نه مون کي ٻُڌاءِ."

"ڊاڪٽر تون ناراض ته ڪونه ٿيندين؟"

"نه آئون ناراض ڪونه ٿيندس."

"پڪ نه."

"ها بابا پڪ."

"ته پوءِ ٻُڌ، تنهنجو نڪ ته مون کي سيني کان وڏو ٿو نظر اچي."

ايڏي اعتماد سان چوڻ جي ڪري ڊاڪٽر جو هٿ پاڻمرادو پنهنجي نڪ ڏانهن کڄي ويو ۽ هن پڪ ڪرڻ لاءِ نڪ کي هٿ لائي ڏٺو. ان بعد ڊاڪٽر چيو، "چڱو هاڻ تنهنجي اکين جي چڪاس ٿا ڪريون."

ڊاڪٽر ڪمري جي بتي وسائي ڇڏي ۽ بورڊ تي لکيل اکرن واري راڊ ٻاري مون کان اکرن بابت پڇڻ لڳو.

مون سيني اکرن بابت ڊاڪٽر کي ٺيڪ ٺيڪ ٻُڌايو. ڊاڪٽر منهنجي نظر ٺيڪ هجڻ جو اعلان ڪندي چيو، "تنهنجي نظر ٺيڪ آهي، بي فڪر رهه."

مون ويتر پريشان ٿيندي ڊاڪٽر کي چيو، "پوءِ مون کي ماڻهن جا نڪ طوطي جي چهنب وانگر مُڙيل ڇو ٿا نظر اچن؟"

ڪجھ دير لاءِ ڊاڪٽر سوچن جي سمنڊ ۾ گُم ٿي ويو ۽ پوءِ گنڀير لهجي ۾ وراڻيائين، "ان ۾ تنهنجو ڪوبہ ڏوھ ناهي، دراصل ماڻهن جا نڪ ئي وڏا ٿي ويا آهن. بي معنيٰ ۾ هو سپيرارٽيءَ جي ڪامپليڪس ۾ گهيرجي ويا آهن."

سامهون لڳل آرسيءَ ۾ نهاريم تہ مون ڪان رڙ نڪري وئي. "ڊاڪٽر! هي ڇا، مون کي تہ نڪ ئي ڪونهي!؟"

ڊاڪٽر جي چهري تي سنجيدگي تري آئي ۽ پوءِ ٿڌو ساھ ڀري چيائين، "تو جهڙن ماڻهن سان هر دؤر ۾ ائين ئي ٿيندو آيو آهي، اهي نڪ جي جهنجهٽ کان آجا هوندا آهن ۽ سمورن آزارن کان بچيل رهندا آهن."

ڪجھ بہ نہ سمجهندي آئون اُٿي بينس ۽ ڊاڪٽر کان موڪلائي ڪلينڪ مان ٻاهر نڪري آيس ۽ سڌو رُخ ڪيم پنهنجي مسواڙي ڪوارٽر ڏانهن. ■

# ڪميٽمينٽ

”منهنجي زندگيءَ جو اونداهو دؤر ڪڏهن ختم ٿيندو، منهنجي غربت جي خاتمي ۽ خوشحاليءَ جا ڏينهن ڪڏهن ايندا، منهنجي شادي ڪڏهن ٿيندي ۽ منهنجي زندگيءَ ۾ خوشگوار تبديلين جو دؤر ايندو به يا نه؟!“ اتاولو ٿيندي هن پامسٽ کان پڇيو.

پامسٽ شيشي سان پهرين هن جي ساڄي ۽ پوءِ کابي هٿ جي لڪيرن کي غور سان جاچيو. سندس جاچ هن تي انڪشاف ڪيو ته قسمت جي معاملي ۾ سندس هٿ ڏسڻ ئي اجايو آهي. ان ڪري جو پامسٽريءَ جي علم مطابق، جنهن هٿ ۾ قسمت جي لڪير نه هجي، ان جو هٿ ڏسڻ اجايو هوندو آهي.

هٿ ڏسڻ جي ويهن سالن واري تجربي دوران، سندس زندگي ۾ هي ٻيو ماڻهو آيو هو، جنهن جي هٿ ۾ قسمت جي لڪير موجود نه هئي.

زندگيءَ جي معاملي ۾ هن کي حيراني ٿي، ان ڪري جو زندگيءَ جي

لڪير صاف، سڌي هئي ۽ ڪرائيءَ سان وچي پئي ملي. زندگيءَ جي لڪير تي ڪنهن نشان جو نہ هجڻ، حادثن کان پاڪ زندگيءَ ڏانهن اشارو پئي ڪيو ۽ زندگيءَ جي لڪير جو صاف، سڌي ۽ چٽي نموني سان ڪرائيءَ تائين وڃڻ وڏي ڄمار ماڻڻ جو اشارو پئي ڪيو.

دل ۽ دماغ جي لڪيرن تي ٻيون ننڍڙيون ڇانيل لڪيرون، ڪراس ۽ انگڙ ونگڙ جا نشان، جتي هن جي اڪثر پريشان رهڻ جي ڪيفيت جي عڪاسي ڪري رهيا هئا، اُتي ذهني حوالي سان نابالغي يا گهٽ عقل رکڻ جي بہ نشاندهي ٿي ڪيائون.

هن هٿ کي ڦيرائي پھرين ساڄي ۽ پوءِ کابي هٿ جي چيچ جي پرسان شاديءَ جي لڪير کي ڳوليو. پر ڪيس مايوسي ٿي، ان ڪري جو سندس ٻنهي هٿن جي چيچ جي پاڙ هيٺان شاديءَ جي لڪير موجود نہ هئي.

هٿ ڏسڻ کانپوءِ هُنَ کي ٻڌائڻ لاءِ هِنَ وٽ جيڪو خاڪو جڙيو اهو ڪجھ هن ريت هو تہ، ”تنهنجي قسمت انتهائي خراب ۽ تنهنجي بدبختي وري اها آهي تہ تون گهٽ ۾ گهٽ نوي سالن جي زندگي ماڻيندين. انهن نوي سالن ۾ نَو سال، نَو مهينا، نَو ڏينهن تہ نهيو پر هڪ ڏينهن بہ اهڙو نہ هوندو جيڪو تولاءِ خوشين جو باعث بڻجي.

نَوي سالن جي زندگيءَ ۾ غربت توسان ڇئور جيان چنبڙي رهندي.

تنهنجي زندگيءَ ۾ شادي ڪرڻ لکيل ئي ناهي، تنهن ڪري شادي ڪرڻ وارو خيال پنهنجي ذهن مان ڪڍي ڇڏ. بس تون وڃ ۽ وڃي پنهنجي قسمت تي ماتم ڪر. توکي ٻڌائڻ لاءِ ان کان وڌيڪ مون وٽ ٻيو ڪجھ بہ ناهي.“

هن سوچيو اهو سڀ ٻڌائي، سندس زندگيءَ مان اُميد جو ڪوڙو دلاسو بہ هن کان ڦري وٺي تہ باقي وٽس بچندو ئي ڇا؟!

پر هو سراسر ڪوڙ ڳالهائي پنهنجي پيشي سان ڪيل ”سچ ٻڌائڻ“ واري ڪميٽمينٽ تان ڦري بہ تہ نٿو سگهي.

”سر! مون کي منهنجي قسمت، شادي ۽ زندگيءَ بابت ٻڌايو نہ؟“

اُتاولو ٿيندي هن پامست کي ٻيهر ڇيو.

”ها... ها... ٻڌايان ٿو.“

ڪجھ دير لاءِ ٻيهر هو ذهني ٻڌتر جو شڪار ٿي ويو. سچ ٻڌائڻ ۽ نہ

ٻڌائڻ بابت فيصلو ڪرڻ هن لاءِ ڏکيو ٿي پيو.

اوچتو هڪ سوچ هن جي ذهن ۾ آئي ۽ سندس چپن تي اڻ لکي مُرڪ ڇڏي وئي.

هن ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”نوجوان! تنهنجي زندگي تمام وڏي آهي. گهٽ ۾ گهٽ تون نوي سالن جو جيون گهاريندين.“

هڪ لمحي لاءِ پامسٽ نوجوان ڏانهن نهاريو، جنهن جي چپن تي مُرڪ تري آئي هئي. ٻئي لمحي پامسٽ چوڻ شروع ڪيو، ”تنهنجي زندگيءَ جا ايندڙ ڪجهه سال ڏکيا آهن. ان بعد تنهنجي حالتن ۾ بهتري اچي ويندي، حالتن ۾ بهتري اچڻ سان تنهنجي شاديءَ وارو معاملو به حل ٿي ويندو. اڄڪلهه تون پريشان پيو رهين. انهيءَ ڪيفيت مان نڪري اچ ۽ پريشان ٿيڻ ڇڏي ڏي. بس خوش رهڻ سان گڏ، حالتن سان مقابلي ڪرڻ جو پاڻ ۾ ساهس پيدا ڪر. ان بعد سڀ ڪجهه نيڪ ٿي ويندو، سڀ ڪجهه سمجهي وئين نه!؟“

نوجوان ڪنڌ ڌوڻي ڪيس ها ۾ جواب ڏنو، ان بعد خوش ٿيندي هو اُٿيو، پرجوش انداز سان هٿ ملائيندي پروفيسر جو ٿورو مڃيائين ۽ پوءِ کيسي مان 300 روپيا ڪڍي، پروفيسر ڏانهن وڌايائين.

پروفيسر جي چپن تي ڪجهه دير اڳ واري ڇانيل مُرڪ ٻيهر موٽي آئي ۽ هو نوجوان سان مخاطب ٿيو، ”پئسن جي ضرورت ناهي، تون منهنجي طرفان گفٽ سمجهي منهنجي في رکي ڇڏ.“

ڪجهه به نه سمجهندي نوجوان جو پئسن وارو هٿ، پنهنجي کيسي ڏانهن وڌيو ۽ پوءِ هن پئسا کيسي ۾ رکي ڇڏيا.

ان بعد هڪ ڀيرو ٻيهر نوجوان پامسٽ جو ٿورو مڃيو ۽ پوءِ ڪمري مان نڪري ويو. ■

# الميو

جنوريءَ جون پهريون تاريخون آهن، سردي پنهنجي عوج تي آهي. آءٌ پنهنجي فليٽ جي بالڪنيءَ ۾ روز جيان پنجين وڳي ڪرسي وجهي اچي ويهان ٿو ۽ چانھ جون چسڪيون وٺندي، هن کي سامهون واري روڊ تان گذرندي ڏسان ٿو. هو گذريل مهيني کان مسلسل پنجين وڳي روزانو سامهون واري روڊ تان گذري ويندو آهي. منهنجو اهو وقت مطالعي کان فارغ ٿي ذهني ٿڪ پيچڻ لاءِ چانھ ناهي، بالڪنيءَ ۾ ڪرسي وجهي اچي چانھ پيئڻ جو هوندو آهي ۽ ٺيڪ ان وقت هو سامهون واري روڊ تان گذرندو آهي.

ٽائيم جي پابندي تہ ڪير هن کان سکي، بس ڪڏهن ڪڏهن منٽ اڌ جو فرق ٿيندو آهي، نہ تہ پوري پنجين وڳي گذرندو آهي ۽ ٺيڪ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ واپسي ڪندوآهي. سندس عمر 40 سالن جي لڳ ڀڳ، گول چهري تي خوبصورت ڏاڙهيءَ جو تھ چڙهيل، سدائين پينٽ شرٽ پاتل، مٿان اوور ڪوٽ ۽ هٿ هميشه اوور ڪوٽ جي کيسن ۾ وڌل هوندا اٿس. هلڻ وقت

اڪثر ڪري، نظرون زمين ۾ کُتل هونديون اٿس، ڄڻ آس پاس جي ماحول کان ناراض هجي يا آس پاس جي ماحول سان ڪا به دلچسپي نه هجيس.

گذرندو به هميشه اڪيلو آهي. شايد ڪو به دوست، عزيز يا واقف نه اٿس يا وري ان ٽائيم تي هو ڪنهن کي به برداشت ڪرڻ نه چاهيندو هُجي يا ائين به ٿي سگهي ٿو ته ماڻهين اڪيلائي پسند هُجي.

گذريل مهيني کان منهنجي هن ۾ دلچسپي وڌندي رهي آهي. ڪيترائي ڀيرا سوچيو اٿم ته هن سان هيلو هاءِ ڪجي ۽ سندس پُراسرار شخصيت جو ڀيد معلوم ڪجي. پر هر دفعي ڪنهن اڻاتي خوف سبب رهجي ويندو آهيان.

هُنَ سان ملڻ واري خواهش کي مسلسل دٻائيندي منهنجي صبر جا پئمانا ڇُلڪي پون ٿا ۽ هن سان ملڻ جو آءٌ پڪو پهه ڪيان ٿو.

ٻئي ڏينهن تي پنجين وڳي کان پنج منٽ اڳ آءٌ روڊ تي اچي بيهان ٿو ۽ هن جي اچڻ جو بيچينيءَ سان اوسيئڙو ڪرڻ لڳان ٿو. اهي پنج منٽ مون لاءِ پنج ڪلاڪن جيڏا ٿي پون ٿا.

منٽن واري سُئي جيئن جيئن 12 واري انگ کان اڳتي وڌندي رهي ٿي، تيئن تيئن منهنجي بيچينيءَ ۾ اضافو ٿيندو رهي ٿو.

پنج لڳي ڏهن منٽن تي منهنجي بيچيني ۽ بيقراريءَ ۾ پريشانيءَ جو عنصر به شامل ٿي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ جو هتان گذرندي منٽ اڌ کان وڌيڪ هو ڪڏهن به ليٽ نه ٿيو آهي ۽ اڄ سڄا سارا ڏهه منٽ ليٽ ٿي ويو آهي.

ٺيڪ سوا پنجين وڳي هو سامهون پري کان اوور ڪوٽ جي کيسن ۾ هٿ وجهيون مون ڏانهن ايندي نظر اچي ٿو. منهنجي بيچينيءَ کي قرار ملي وڃي ٿو ۽ پريشاني پَر ڪري اُڏامي وڃي ٿي. ويجهو اچڻ تي هن سان مخاطب ٿيڻ لاءِ آءٌ مناسب لفظن جي تلاش ڪرڻ لڳان ٿو.

جيئن ئي هو منهنجي پر مان لنگهي ٿو ته آءٌ به هن سان گڏ هلڻ لڳان ٿو ۽ پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪائيندي کيس هيلو چوان ٿو.

هو روڊ تان نظرون هٽائي منهنجي نيڻن ۾ نهاريندي، هيلو جي موٽ هيلو سان ڏئي ٿو. ڪيئي پل خاموشيءَ جي نظر ٿي وڃن ٿا. ان خاموشيءَ جي درياءَ ۾ آءٌ سوال جو پٿر اڇلايان ٿو.

"اڄ توهان سڄا سارا پندرنهن منٽ ليٽ ٿي ويا آهيو، خير ته هو؟"

منهنجي سوال جو جواب ڏيڻ بجاءِ حيران ٿيندي مون کان پڇيائين، "توهان کي ڪيئن خبر پئي!؟"

آءُ مڙي پنهنجي فليٽ ڏانهن ساڄي هٿ جي اشهد آڱر سان اشارو ڪندي کيس ٻڌايان ٿو، "مٿئين فليٽ ۾ آءُ رهندو آهيان. مطالعي کان فارغ ٿي چانهه جو ڪپ ناهي، بالڪنيءَ ۾ ڪرسي وجهي اچي ويهندو آهيان ۽ نيڪ اهو وقت توهان جي هتان گذرڻ جو هوندو آهي. آءُ مهيني کان مسلسل بالڪنيءَ تان توهان کي هتان گذرندي ڏسي رهيو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن منٽ اڌ جو فرق ٿيندو آهي نه ته اوهان پوري پنجين وڳي هتان گذرندا آهيو."

اچا ڇئي هو ماٺ ٿي وڃي ٿو.

نيڪ انهيءَ لمحي هڪ ڪاراسان جي پر مان زوڪات ڪندي اسپيڊ سان گذري وڃي ٿي.

آءُ پنهنجي سوال ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي ٻيهر چوان ٿو، "پر توهان منهنجي سوال جو جواب ته ڪونه ڏنو!"

"ڪهڙو سوال؟"

"اڄ اوهان سڄا سارا پندرنهن منٽ ليٽ ڇو ٿي ويا آهيو؟"

ڪجهه پل سوچڻ کان پوءِ چوي ٿو، "اڄ ڪم ٿي ويو هو."

چوراهي تائين پهچڻ وارو مفاصلو خاموشيءَ سان طئه ٿي وڃي ٿو.

چوراهي وٽ پڄي آءُ کيس چوان ٿو، "جيڪڏهن توهان وٽ ٽائيم هجي ۽ اوهان کي خراب نه لڳي ته سامهون واري هوٽل تي هلي چانهه پيون؟"

ڪنهن ٻئي دفعي چئي، هو تيزيءَ سان ساڄي هٿ واري روڊ ڏانهن مُڙي وڃي ٿو ۽ مون کي حيران پريشان ڇڏي وڃي ٿو.

ٻئي ڏينهن تي هو هلڪي ناسي رنگ جي پينٽ مٿان سنهين لڪيرن سان اڇي شرٽ ۽ ناسي رنگ جو ئي اوور ڪوٽ پايو، هٿ اوور ڪوٽ جي کيسن ۾ وجهيو، پري کان مون ڏانهن ڏوڪيندو نظر اچي ٿو.

ويجهو پهچڻ تي منهنجي نيڻن ۾ نهاريندي هيلو چوي ٿو.

موٽ ۾ آءُ پڻ کيس هيلو چوان ٿو ۽ هن سان گڏ هلندي هڪ نظر گهڙيءَ تي وجهان ٿو، جتي اڃا پنجن ۾ پنج منٽ آهن.

آءُ کيس چون ٿو، "اڄ توهان پنج منٽ اڳ اچي ويا آهيو."

موٽ ۾ هو صرف مُرڪڻ تي اڪتفا ڪري ٿو.

چند پلن بعد آءُ ڪيس چوان ٿو، ”توهان ناراض نه ٿيو ته هڪڙي ڳالهه چوان؟“

ڪجهه پل هو منهنجي نيڻن ۾ تڪيندو رهي ٿو. (چڻ سوچيندو هجي ته اجازت ڏيانس يا نه) ۽ پوءِ ٿڌو ساهه ڀريندي چوي ٿو، ”چئو“.

”توهان جي مک تي ڇانيل اُداسيءَ جا ڪڪر، توهان جي پيشانيءَ جون گهريون لڪيرون، ڇڏيل ڏاڙهي ۽ توهان جو ڪنڌ جهڪائي هلڻ ظاهر ڪري ٿو ته توهان سان ڪو وڏو حادثو ٿي گذريو آهي يا وقت جي ظالم هٿن توهان کان توهان جي ڪا قيمتي شيءِ کسي ورتي آهي يا وري توهان اهو ڪجهه ڏٺو ۽ ٻڌو آهي، جيڪو ماڻهوءَ کي ڳنڀير ڪري ڇڏيندو آهي، درد جي ڳلين ۾ وٺي وڃي هيڪلو ڪري ڇڏيندو آهي، زماني جي شور شرابي کان ڏکي پري ڪري سانت جي وادين ۾ ڇڏي ايندو آهي... مون کي لڳي ٿو توهان سان پڻ ائين ٿيو آهي؟“

هن جي پيشانيءَ جا گهنج وڌيڪ گهرا ٿي ويا ها، حيرانيءَ وچان منهنجي منهن ۾ تڪڻ لڳي ٿو ۽ پوءِ ڳنڀير لهجي ۾ وراڻي ٿو، ”توهان بلڪل ٺيڪ سمجهيو آهي... مون سان واقعي اهڙو ڪجهه ٿيو آهي.“

چوراهي وٽ پهچڻ تي آءُ ڪيس چوان ٿو، ”ڇا خيال آ... اڄ چانهه نه پيئجي، انهيءَ بهاني سان ڪچهري به ٿي ويندي...“

موٽ ۾ هو ٽڪڙ ۾ چوي ٿو، ”اقبال پارڪ ۾ هلي ٿا ويهون ۽ اُتي ٿا ڪچهري ڪيون.“

”هلو ائين به ٺيڪ آ.“ اقبال پارڪ تائين پهچڻ وارو مفاصلو خاموشيءَ سان طئه ٿي وڃي ٿو. پارڪ ۾ پهچي هڪ ڪنڊ ۾ پيل خالي بئنچ تي اچي ويهون ٿا:

ڪجهه پل ترسي گفتگو جي سلسلي کي اتان کان ملائيندي آءُ هن کان پڇان ٿو، ”سوير توهان ڳالهه پئي ڪئي ته مون سان پڻ اهو ڪجهه ٿيو آهي، ته اهو ڪجهه ڇا آهي؟“

”اهو ڪجهه جيڪو نه ٿيڻ کپندو هو.“

”ڇا ٿيڻ نه کپندو هو؟“

"توهان ڪڏهن محبت ڪئي آهي؟" مٺهنجي سوال جو جواب ڏيڻ بجاءِ الٽو مون کان سوال ڪري ٿو.

"ها ڪئي آهي، پر اهو منهنجي سوال جو جواب تہ ڪونهي؟"

"چاٽان ٿو پر ان گفتگوءَ جي ڪڙي ضرور آهي. مون بہ ڪنهن سان اهڙي محبت ڪئي هئي ۽ بدلي ۾ منهنجي ماس ۾ عذابن جا ڪنڊا پوکيا ويا."

مون کيس مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، "ڏک تہ سکن جي سونهن هوندا آهن، هوئن بہ اها محبت ئي ڪهڙي جنهن ۾ درد پلئہ نہ پون. پرينءَ جي تہ هر شيءِ سان پيار ڪبو آهي."

"چاٽان ٿو پر، منهنجي محبت ان قسم جي ناهي، جيڪا توهين سمجهو ٿا. منهنجي محبت مختلف قسم جي آهي ۽ توهان ان جي دز تائين بہ پُڄي نہ سگهندؤ."

چئلينج قبول ڪرڻ واري منهنجي رڳ ڦڙڪي پئي ٿي.

چند لمحن جي سانت کان پوءِ آءٌ کيس چوان ٿو، "ءِ اها محبت توهان کان کسجي وئي؟"

"ها."

"يقيناً توهان لاءِ قيمتي هوندي؟"

"ها ايتري قيمتي جنهن جي کسجڻ کان پوءِ زندگي پنهنجي معنيٰ ئي وڃائي ويٺي آهي."

"توهان کان توهان جي محبوبا وقت جي ظالم ماڻهن کسي ورتي؟"

"توهان کي چيم نہ تہ منهنجي محبت مختلف قسم جي آهي ۽ توهان ان جي دڙ تائين بہ نہ پڄي سگهندؤ."

ذهن ڳولا جي دڳ تي نڪري پئي ٿو ۽ ڪافي سوچ ويچار کان پوءِ بہ خيال مون کي پلئہ پون ٿا.

آءٌ کيس چوان ٿو، "توهان کان توهان جو ڪو گهرو دوست کسجي يا جدا ٿي ويو آهي؟"

"نہ."

"توهان کان توهان جي ملڪيت، گهر، زمين وغيره کسجي وئي آهي؟"

"نہ."

ذهن وري ڳولا جي دڳ تي هلي پئي ٿو. هن دفعي جيڪو خيال پلئه پئي ٿو، ان متعلق مون کي پڪ ٿي وڃي ٿي ته هُجي نه هجي ضرور ائين ٿيو هوندو ۽ پوءِ آءٌ کيس فخريه انداز سان چوان ٿو، ”توهان جو اهو قيمتي اثاثو توهان جا والدين هئا؟“

منهنجي منهن ۾ چند پل تڪڻ کان پوءِ هو چوي ٿو، ”والدين سڀني لاءِ واقعي قيمتي اثاثو هوندا آهن ۽ ان ۾ به ڪو شڪ ڪونهي ته اهو اثاثو ڏهه سال اڳ مون کان کسجي چڪو آهي، پر مون کان جيڪا قيمتي شيءِ کسجي وئي آهي، اها اجا بي آهي.“

ڪجهه پل سوچن جي نظر تي وجن تا ۽ پوءِ آءٌ کيس چوان ٿو، ”والدين جهڙي ئي ڪا هستي. توهان جو ڪو مٽ مائٽ، عزيز دوست جنهن سان توهان جو عقيدت جي حد تائين پيار هجي، اهو جدا ٿي ويو آهي.“

”مٽ مائٽ، عزيزن جو جيستائين ڪو تعلق آهي ته اهڙي ڪا به هستي ناهي، باقي دوستن جو جيستائين ڪو تعلق آهي ته ان حوالي سان آءٌ اڪيلائي پسند رهيو آهيان ۽ مون زندگيءَ ۾ دوست ناهيا ئي ناهن.“

حيران ٿيندي آءٌ کانئس پڇان ٿو، ”اڪيلائي توهان کي عذاب ناهي ڀاسندي؟“

موٽ ۾ هو چوي ٿو، ”ان ۾ حيران ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي، اڪيلائي ته زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو سچ آهي، ماڻهو اڪيلو ڄمي ٿو، اڪيلو وڏو ٿئي ٿو، اڪيلو اُٿي ٿو، اڪيلو ويهي ٿو، اڪيلو پوڙهو ٿئي ٿو ۽ اڪيلو ئي هن دنيا مان هليو وڃي ٿو... خدا به ته اڪيلو آهي، پوءِ ان جي باري ۾ توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟“

سندس جواب جيڪو آخر ۾ سوال ڇڏي وڃي ٿو، منهنجي وجود جي عمارت کي ڌوڏي ڇڏي ٿو.

چند پل ترسي هو چوي ٿو، ”چا خيال آهي واپس نه هلڻ گهرجي.“

”ها... بلڪل.“

ڪجهه پل خاموشيءَ سان هلندا رهون ٿا ۽ پوءِ هو ڦيريون دفعو مون کان سڌو سوال ڪري ٿو، ”اياز جي باري ۾ توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟“

”ڪهڙي اياز جي ڳالهه پيا ڪريو؟“

”شيخ اياز جي.“

”بهترين شاعر آهي ۽ اهڙا آڳرين تي ڳڻڻ جيترا شاعر هوندا آهن، جيڪي بهترين هوندا آهن.“

”اها راءِ اڳ واري اياز لاءِ آهي يا پوءِ واري اياز لاءِ؟“

”ٻنهي لاءِ آهي.“

”لڳي ٿو توهان اياز کي چڱيءَ طرح ناهي پڙهيو؟“ هو مُرڪندي وراڻي ٿو.

”توهان جي نظر ۾ چڱي طرح پڙهڻ ڪيئن ٿيندو آهي؟“

”منهنجي نظر ۾ چڱي طرح پڙهڻ ائين آهي ته شين کي تنقيدي نظر سان پڙهڻ گهرجي. نه صرف اهو پر ان تنقيد جي آڌار تي آخر ۾ شين تي راءِ پڻ جوڙڻ گهرجي. ضروري ناهي ته پوءِ اها راءِ پرفيڪٽ ئي هجي، پر راءِ هُجي ضرور.“

”اياز بلڪ هر رائيٽر کي مون ائين پڙهيو آهي.“

”پوءِ توهان کي اڳ واري اياز ۽ پوءِ واري اياز ۾ ڪو فرق نظر نه آيو؟“

”توهان جي نظر ۾ اهو فرق ڪهڙو آهي؟“

منهنجي نيڻن ۾ نهاريندي چوي ٿو، ”اڳ وارو اياز ڌرتي ۽ ڌرتيءَ وارن ماڻهن سان ڪميٽيڊ آهي، هو شاعريءَ ذريعي جدوجهد ۽ مزاحمت جو درس ڏئي ٿو. جڏهن ته پويون اياز مزاحمت ۽ جدوجهد پاران دعائن پنڻ جو درس ڏئي ٿو.“

”دعائون پنڻ ڪو عيب ته ڪونهي! دعائون ته پناٺي به پنيون آهن، پيو ته ڦڪري حوالي سان هر ماڻهوءَ ۾ تبديليون ايندڀون رهنديون آهن. اهو ڪو ايڏو مسئلو ته ڪونهي، پيو ته اياز جي دعائن ۾ به ساڳيو شاعراڻو رنگ آهي.“

موٽ ۾ هو ڪجهه چوڻ بجاءِ مُرڪڻ تي ئي اڪتفا ڪري ٿو.

ايتري ۾ فليٽ اچي وڃي ٿو. آءٌ بيهڻ جي ڪيان ٿو ته هو تڪڙ ۾ چوي ٿو، ”هلو مون وٽ هلي چانهه پيئو. ان بهاني سان منهنجو گهر به ڏسي ايندؤ.“

آءٌ بغير ڪجهه چوڻ جي هن سان گڏ هلڻ لڳان ٿو. روڊ جي پرئين پر هڪ وين ۽ موٽر سائيڪل هارون ڏينديون اڳتي وڌي وڃن ٿيون. هن جي گهر تائين پهچڻ وارو مفاصلو خاموشيءَ سان طئه ٿي وڃي ٿو.

هڪ عاليشان بنگلي وٽ پهچي هو چوي ٿو، ”هي آهي منهنجو گهر.“

دروازي جي ٻاهران بيٺل چوڪيدار اسان کي ڏسي دروازو کولي ٿو. اسين ٻئي اندر داخل ٿيون ٿا.

خوبصورت لان. جنهن جي پاسن کان چنبيلي، گلاب، موتئي ۽ ٻين گلن جا ٻوٽا پوکيل آهن، ٽپي اچون ٿا. مون کي ڊرائينگ روم ۾ وٺي اچي ٿو. صوفن ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو، ”ويهو.“

آءٌ ويهي رهان ٿو. صوفي جي ٻي ڪنڊ پاڻ واريندي هو فضل بابا کي سڏ ڪري ٿو.

چند لمحن بعد فضل بابا اسان جي سامهون ادب سان هٿ ٻڌي اچي بيهي ٿو، هو مون کان پڇي ٿو، ”چانهه پيندؤ يا ڪافي؟“

آءٌ کيس چانهه لاءِ چوان ٿو.

هو فضل بابا کي هڪ ڪوپ چانهه ناهي ڪٽي اچڻ لاءِ چوي ٿو. فضل بابا حاضر چئي ٻاهر هليو وڃي ٿو.

آءٌ ساڻس مخاطب ٿيان ٿو، ”هڪ ڪوپ ڇو؟“

”ان ڪري جو آءٌ چانهه ۽ ڪافي ٻئي ناهيان پيئندو.“

ٿوري ئي دير ۾ چانهه اچي وڃي ٿي. ڪجهه گهڙيون رکي هو مون کان پُڇي ٿو، ”توهان ادب سان رڳو پڙهڻ جي حد تائين لڳاءُ رکندا آهيو يا پاڻ به ڪجهه لکندا آهيو؟“

چانهه جي سُرڪي ڀريندي چوان ٿو، ”ٿورو گهڻو آءٌ لکندو به آهيان.“

”نثر ۾ يا نظم ۾؟“

”نثر ۾.“

”نثر ۾ ڪهڙي صنف؟“

”تقريباً سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر خاص ڪري ڪهاڻيون وڌيڪ لکيون آهن.“

”توهان ڪهاڻي تي ئي وڌيڪ طبع آزمائي ڇو ڪئي آهي؟“

”ان ڪري جو آءٌ سمجهان ٿو ته ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ آءٌ وڌيڪ سگهارو اظهار ڪهاڻيءَ ۾ ئي ڪري سگهان ٿو.“

چند پل ترسي هو پُڇي ٿو، ”توهان ڇو لکندا آهيو؟“

آخري سُرڪ ڀري ڪپ ٽريءِ ۾ رکندي آءٌ کيس چوان ٿو، ”لکڻ مون

لئہ پنهنجي هئڻ جي احساس جو نانءُ آهي. لکڻ کانسواءِ سچ پچ آءٌ اڌورو ۽ نامکمل آهيان. لکڻ منهنجي زندگي، لکڻ منهنجي بندگي آهي، ٻي معنيٰ ۾ اهو سوال ائين آهي، جيئن توهان کنهن کان پڇو تہ توهان ڇو جيئندا آهيو؟"

تڏو ساهہ پريندي هو اُٿي بيهي ٿو ۽ مون کي چوي ٿو، "اچو تہ توهان کي پنهنجو اسپيشل ڪمرو ڏيکاريان."

آءٌ تجسس وچان هن سان گڏ ڪمري ۾ داخل ٿيان ٿو. سڄو ڪمرو تصويرن سان ڀريو پيو آهي ڀتين تي وڏيون وڏيون پينٽنگس لڳل آهن، ڪجهہ تصويرون فرش تي ڀتين سان ٽيڪ لڳائي، ترتيب سان چوڌرف ٿوري ٿوري وٿي جي رکيل آهن.

مٿان مٿان ڀتائيءَ جو خيالي پورٽريٽ آهي ۽ سندس هٿ ۾ تنبورو آهي، ان جي هيٺان سمنڊ ڪناري جي پسِ منظر ۾ اياز جو ٺهيل پورٽريٽ آهي.

ساڄي پاسي واري ڀت تي هڪ تصوير ۾ موئن جي دڙي واري ناچڻي جو پورٽريٽ آهي. کاٻي پاسي واري ڀت تي ٺهيل تصوير ۾ وڏن وارن، ڇڏيل ڏاڙهي، ڪپڙن تي لڳل ڇتين ۾ ڪيترن ٿي درويش صفت ماڻهن کي جهومندڙ انداز ۾ ڏيکاريل آهي ۽ تصوير جي هيٺان هيءَ سٽ لکيل آهي:

**جنهن دل پيتا عشق دا جام، سا دل مستو مست مدام.**

اوپر طرف واري ڀت تي لڳل هڪ تصوير ۾ قلم کي خاردارن تارن ۾ جڪڙيل ۽ پاسن ۾ هڪ ٻئي جي ڀٺيان بيٺل ماڻهن جي وات تي پٽيون ٻڌل ڏيکاريل آهي. اولهہ طرف واري ڀت تي لڳل سموريون تصويرون وري تجريدي آرٽ جو نمونو آهن. غرض تہ اُتي پيل هر تصوير پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

هڪ نظر سيني تصويرن تي وجهي وجڻ کان پوءِ آءٌ کيس چوان ٿو، "زبردست ڪليڪشن آهي."

موٽ ۾ هو منهنجي نيڻن ۾ نهاريندي مُرڪي پئي ٿو ۽ ڪجهہ گهڙيون ترسي چوي ٿو، "اها صرف ڪليڪشن ناهي، بلڪ اهي سموريون تصويرون مون پاڻ ناهيون آهن."

هڪ سٺي مصور سان ملندي مون کي زبردست خوشي ٿئي ٿي. آءٌ انهيءَ خوشيءَ جو اظهار ڪندي، پنهنجو هٿ ساڻس ملائڻ لاءِ اڳتي وڌائيندي چوان ٿو، "مون کي توهان جهڙي سُٺي مصور سان ملندي سچ پچ ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي."

موٽ ۾ هٿ ملائڻ بجاءِ هو منهنجي هٿ کي تڪيندو رهيو هو، مون کي سخت شرمندگيءَ جو احساس ٿيو هو.

چند سيڪنڊ منهنجي هٿ کي تڪڻ ڪانپوءِ هو رکائيءَ سان چوي ٿو، ”آءٌ توهان سان هٿ ملائي نٿو سگهان.“

هن جا لفظ منهنجي حساس من تي تيزاب جو ڪم ڏين ٿا. ندامت جي احساس کان بچڻ لاءِ آءٌ کيس چوان ٿو، ”معاف ڪجو، سمجهي نه سگهيس ته هڪ سٺي مصور ۽ امير ماڻهوءَ سان هٿ ملائڻ جي قابل اڃا آءٌ نه ٿي سگهيو آهيان.“ ائين چئي آءٌ، تڪڙو مڙان ٿو ۽ جلديءَ ۾ اتان نڪري وڃڻ چاهيان ٿو. منهنجي ارادن کي هو ڄاڻي وٺي ٿو ۽ تڪڙ ۾ هڪ منٽ بيهڻ لاءِ چوي ٿو. آءٌ پنيرو ئي بيهي رهان ٿو.

ڳنڀير لهجي ۾ هو ورائي ٿو، ”آءٌ ڪلاڪار آهيان ۽ هڪ ڪلاڪار گهٽ ۾ گهٽ ائين ڪڏهن به نٿو سوچي سگهي ته اڳيون ماڻهو منهنجي هٿ ملائڻ جي قابل آهي يا نه...!؟“

آءٌ مڙي سندس منهن ۾ نهارڻ لڳان ٿو. اُداسيءَ جا ڪڪر هن جي چهري تي ڳهرا ٿيڻ لڳن ٿا.

چند پل ترسي هو ڳنڀير لهجي ۾ ورائي ٿو، ”توهان کي ڇيو هوم ته مون کان منهنجي قيمتي شيءِ کسجي وئي آهي. هينئر توهان کي ان بابت ٻڌائڻ انتهائي ضروري ٿي پيو آهي.“

هن جو آواز ڀرو ٿي پئي ٿو. نڙيءَ ۾ ڄڻ ڪجهه ڦاسي پئيس ٿو. ڪجهه گهڙيون ترسي چوڻ لڳي ٿو، ”جان وڃڻ بجاءِ منهنجي دشمنن اها قيمتي شيءِ پنج سال اڳ مون کان کسي ورتي هئي. تون ڄاڻڻ چاهين ٿو نه ته منهنجي اها قيمتي شيءِ ڪهڙي هئي ته ڏس...!!“

هو اوور ڪوٽ جي کيسن مان ٻئي هٿ ڪڍي ٿو ۽ منهنجي آڏو جهليندي چوي ٿو، ”هڪ ڪلاڪار سان ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو الميو ٿي سگهي ٿو.“

مون تي حيرتن جا پهاڙ ڪِري پون ٿا، يقين ئي نٿو اچي ته هڪ ڪلاڪار سان ايڏو ظلم به ٿي سگهي ٿو ۽ آءٌ سندس ڪراين وٽان ڪپيل هٿن وارين ٻانهن کي حيرانيءَ ۽ پريشانيءَ وچان گهوريندو رهجي وڃان ٿو. ■

# سيٽسفيڪشن

دروازي جي زور سان کڙڪي تي هي جاڳي پوي ٿي. سندس نظرون گهڙيال ڏانهن کڄيَ وڃن ٿيون، جتي هڪ وڄي رهيو آهي. هي بيدليءَ سان بيڊ تان اٿي ٿي ۽ دروازي وٽ پهچي، پڇي ٿي، ”ڪير؟“

”مان آهيان شمن.“ جواب مليس ٿو.

”شمن تون، ۽ هن ٽائيم تي!؟“ هوءَ دروازو کوليندي پڇيس ٿي.

”ٻڌايانءِ ٿو، اندر ته اچڻ ڏي.“

هوءَ دروازي تان پري ٿي، اندر اچڻ لاءِ ڪيس جاءِ ڏيئي ٿي. اندر گهڙڻ شرط هو پنهنجي مقصد ڏانهن ايندي چوي ٿو، ”گراهڪ ڦاسايو اٿم. سو به جهڙو تهڙو نه رئيس زادو آ، رئيس زادو!“

”توکي خبر ناهي ته ٻارهين کان پوءِ آءٌ رات جو ڌنڌو ناهيان ڪندي!؟“

”ڄاڻان ٿو، پر ٺاهوڪي آسامي آ. مون ٺٽي چاهيو ته ان تي توکانسواءِ ٻيو ڪير قبضو ڪري. وڏي ڳالهه ته نائيٽ جا پنج هزار ڏيندئي.

آيو ۽ مرسڊيز تي آ ۽ رات ۾ آهن ۽ باقي ۽ چار ڪلاڪ. تون ڪيس پنهنجي چار ۾ ڦاسائي، پنهنجو ڪري ونينس ۽ پوءِ ويهي مال کاءُ."

ڪجهہ دير ترسي چويس ٿو، "پوءِ گهرائي وٺانس."

ڪجهہ پل سوچڻ کانپوءِ چويس ٿي، "گهرائي وٺينس."

هو ٻاهر وڃي ڪيس اندر وٺي ٿو اچي.

"هيءَ آهي هتان جي حسن جي شهزادي، جنهن لاءِ ماڻهو الائي ڪٿان، ڪٿان ڪان سيڙجي ايندا آهن." هڪ نظر ۾ هو ڪي چين آڱر ۾ ڦيرائيندي ننهن ڪان چوٽيءَ تائين هن جو جائزو وٺندي چوي ٿو، "هن ڪان ته هزار دفعا وڌيڪ سهڻي منهنجي زال آهي، تو هرو ڀرو منهنجو ٽائيم خراب ڪيو." هو ڪاوڙ مان پير چنڊيندو ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

سوري ريما چوندي شمن ۽ هن ڪان موڪلائي ٿو.

دروازو بند ڪندي تن من ۾ باهہ لڳي ٿي وڃيس.. سوچي ٿي مون جهڙي حسين عورت ڪي هن اهڙي بيدرديءَ سان نڪرايو. موڻ ڪي نڪرايو... جنهن لاءِ مردن جون قطارون لڳيون پيون هونديون آهن، هڪ دفعو اچڻ ڪان پوءِ هر مرد مون وٽ بار بار ايندو آهي ۽ منهنجي لاءِ پنهنجي سموري دولت لٽائڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي، منهنجا نخرا خوشيءَ سان برداشت ڪندو آهي. منهنجي هر خواهش جي تڪميل ڪندو آئي ۽ هي... هي حرامزادو مون ڪي نڪرائي هليو ويو.

ننڊ هن جي نيڻن ڪان ڪوهين ڏور ٿي وڃي ٿي. نڪرائجڻ جو شديد احساس من ۾ ڪنڊي جيان چڀي پويس ٿو. بي چيني، بيقراري ڪر موڙي جاڳي پويس ٿي. هي انهيءَ احساس ڪان ڇوٽڪاري لاءِ ٽيبل تان گولڊ ليف جو پاڪيٽ کڻي ٿي ۽ سگريٽ دکائي تڪڙا تڪڙا ڪش هڻڻ لڳي ٿي. هر ڪش سندس بيچينيءَ ڪي ختم ڪرڻ بجاءِ ان ۾ هيڪاندو اضافو ڪندو رهي ٿو. سگريٽ ختم ڪري مٿان ٻيو سگريٽ دکائي ٿي. پر سندس بي چيني، بيقراري ڪي گهٽائڻ ۾ ٻيو سگريٽ ۽ سڦل نٿو وڃي. صوفي تان اٿي ڪبٽ مان وسڪيءَ جي بوتل ڪڍي ٿي ۽ نيٽ وسڪيءَ جا ٽي پيگ هڻي وڃي ٿي. پر سندس بيچينيءَ ۾ گهٽتائي بجاءِ اضافو ئي ٿيندو وڃي ٿو. وسڪيءَ جو چوٿون پيگ هڻڻ ڪان پوءِ گهڙيال تي نظر ڊوڙائي ٿي، جتي ٽي وڄي رهيا آهن.

سوچي ٿي هاڻ آرام ڪرڻ گهرجي. صبح جو ڏنڊو بہ ڪرڻو آهي. بتي بند ڪري بيڊ تي آهلجي پوي ٿي، پر ننڊ هن جي نيڻن ڳان ڪوهين ڏور... نڪرائي وڃڻ جو شديد احساس ڪر ڪٽي سامهون اچي ٿو بيهي، ننڊ واريون گوريون کائڻ لاءِ اُٿي ٿي، بتي ٻاري ڪبٽ ڏانهن وکون کڻي ٿي تہ دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿئي ٿي.

دروازي وٽ پهچي پڇڻ کان سواءِ ئي ڪاوڙ مان دروازو کولي ٿي ڇڏي. چابين جو ڇلو ڦيرائيندي ساڳيو نوجوان اندر گهڙي ٿو اچي. ”جانِ من مون کي پسند جي ڪابہ ڇوڪري نہ ملي، سوچيم اڄوڪي رات توسان ئي دل وندرائجي. جلدي تيار ٿي وٺ تہ هلون. رات ڪافي وهامي وئي آهي.“

هن جي تن من کي ٻاهہ لڳي ٿي وڃي، انتهائي ضبط مان ڪم وٺندي کيس چوي ٿي، ”مون کي توسان ناهي هلڻو، مهرباني ڪري هليو وڃ.“

”جانِ من ايڏي بي نيازي نيڪ ناهي. شمن سان پنج هزار طئہ ٿيا هئا، پر هينئر آءٌ توکي هزار بہ مٿي ڏيندس. بس تون جلدي تيار ٿي وٺ.“

هن جي ضبط جا سمورا بند پڄي پون ٿا، ”تون سمجهين ڇا ٿو پاڻ کي؟ دولت سان تون جهڙيون تهڙيون عورتون خريد ڪري سگهين ٿو پر ريما جهڙيون نہ.“

”آءٌ سڀ سمجهان ٿو، تون ائين ڪري پنهنجو ريٽ وڌائي رهي آهين، مون کي سڀ منظور آهي، تون ڏهہ ٻارنهن، جيڪي چوندينءَ توکي ڏيندس. بس جلدي تيار ٿي وٺ.“

”مسٽر تون لک روپيہ بہ ڏين تہ بہ آءٌ ڪونہ هلنديس. مهرباني ڪري هتان هليو وڃ.“

”رليڪس... رليڪس.“

”واٽ رليڪس... آءِ سي گيٽ آئوٽ... نڪري وڃ هتان.“

نوجوان هن جا تيور ڏسي جلدي ۾ ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

هي دروازو بند ڪرڻ کان پوءِ بتي وسائي بيڊ تي آهلجي پئي ٿي ۽ ننڊ کيس پنهنجي ٻاڪر ۾ پڪوڙي وٺي ٿي. ■

## مصنوعي دنيا جو حصو

هو منهنجي سامهون وينو آهي، جنهن کي آءٌ پيار مان اشفاق بدران اِشو چوندو آهيان. اِشو جي زندگيءَ جي ٻيڙي هميشه طوفانن جي گهيري ۾ رهي آهي. هن ماءُ پيءُ، ڀائرن، ڀيڻن، ٻين رشتن ۽ دوستن جا انيڪ روپ اهڙا ڏٺا آهن، جن کي ذهن قبولڻ کان نابري واريندو آهي.

هن محبت نفرت، دوستي دشمني، هارجيت ۽ زندگيءَ جي ٻين مڙني رُخن سان گڏ زندگيءَ کي ايترو ته ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي جو خود زندگي هن لاءِ معنيٰ وڃائي بي معنيٰ ٿي پئي آهي.

ان جو مقصد ڪو اهو ناهي ته هن کي زندگيءَ سان پيار ناهي، هن کي زندگيءَ سان پيار آهي، بلڪ بي انتها پيار آهي، اڄ کان به وڌيڪ پيار آهي، ان ڪري جو زندگيءَ جي ٽائيم فريم ڪٽڻ تيڻ ڪانپوءِ، نفرت جي گنجائش ئي نه رهندي آهي. ها البت هن کي زندگيءَ کان لاتعداد شڪايتون ضرور آهن. نه صرف زندگيءَ کان پر لاتعداد ماڻهن کان پڻ. پر هو شڪايتن جو ذڪر هرو ڀرو ڪندو ناهي.

هن جي چپن تي اڃ جتي مرڪ رقص ڪندي هئي، اُها هاڻ غائب ٿي چڪي آهي. اڄ جتي چهرو هشاش بشاش هوندو هوس، اُتي اُداسي پنهنجا پر پکيڙي ڇڏيا آهن. هاڻ ته اُنَ اُداسيءَ جون چغليون سندس اکيون به هڻڻ لڳيون آهن، جنهن ڪان هو پريشان رهڻ لڳو آهي.

هو نٿو چاهي ته زندگي هن سان جا مذاق ڪئي آهي، ان مذاق جي خبر ماڻهن کي پوي ۽ پوءِ موت ۾ ماڻهو همدردين جا سڪا سندس جهول ۾ وجهن. هو پيار ضرور چاهي ٿو، محبت ضرور چاهي ٿو، پر همدردي، رحم وارا احساس ۽ رحم واريون نظرون افورڊ نٿو ڪري سگهي.

هن کي ڪتابن سان عشق آهي، دوستن سان جنون جي حد تائين پيار آهي. سندس دوستن جو موت ۾ رويو ڪهڙو آهي، هو سوچيندو ضرور آهي، پر ان جو اظهار ناهي ڪندو ۽ انهن لاءِ پنهنجي دل ۾ پوءِ به اٿاهه پيار رکندو آهي ۽ "باهر باق نه نڪري" واري فڪر کي هن بقايا زندگيءَ جو حصو بنائي ڇڏيو آهي. هو سمورين خوشين ۽ خواهشن کي الوداع ڪري چڪو آهي، زندگيءَ ڪيس ڪينسر جهڙو روڳ ڏئي ڇڏيو آهي. پر هو پوءِ به ٿهڪ ڏيندو آهي، ٽوٽا هٽي ڪلندو ۽ ڪلائيندو آهي، ان ڪري جو هُنَ پنهنجي لاءِ طئه ڪري ڇڏيو آهي ته، "اڄ جي خوشيءَ کي سڀاڻي جي ڏک تي قربان ناهي ڪرڻو."

"ڇا پيو سوچين؟"

منهنجي خيالن جي دنيا آڏو سوال جي ديوار آڻي بيهاريائين.

"ٿڪي ويو هوس."

"خيال ڪجاڻ ڪٿي گم نه ٿي وڃين؟"

"گم ته سيني کي ٿيڻو آهي اِشو!"

"پر وقت کان اڳ ۾ ته نه ٿيڻ گهرجي نه."

"اهو تون پيو چوين اِشو؟!"

موت ۾ ڇهري تي ڏک جا ڪڪر ڇانئجي وڃنس ٿا. ماحول تي ڪيتري ئي دير تائين مانار ڇانئجي وڃي ٿي.

"اِشو اڄ توسان ڪچهري ڪرڻ تي مود جڙيو آهي، واعدو ڪر ته آءُ جيڪو به توکان پڇندس، ان جو جواب هميشه وانگر زماني ساز ٿي نه

ڏيندين ۽ اڄ جيڪي ٻه ڳالهيون ٿينديون اهي دل جي زبان سان ٿينديون؟"
"ڇا ملندئي اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ سان؟"
"هر ڳالهه ۾ موٽ جي اُميد رکڻ ضروري آهي ڇا!"
چند پل هو سوچن جي ساگر ۾ ٻڏي وڃي ٿو ۽ پوءِ چوي ٿو، "پڇ ڇا ٿو پڇڻ چاهين؟"
"تو ڪڏهن سوچيو آهي ته تون پيدا ڇو ٿيئن؟"
هو پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي دکائي ٿو ۽ ڪش هڻي دونهون فضا ۾ ڇڏيندي، ڳنڀير لهجي ۾ ورائي ٿو، "پنهنجي حصي جون ذلتون پائڻ لاءِ."
"زندگيءَ ۾ پائڻ لاءِ ذلتن کان علاوه ٻيو به ته گهڻو ڪجهه آهي!؟"
"ڄاڻان ٿو، پر مون جيڪو ڪجهه ڏٺو ۽ سَنو آهي، ان بابت توکي ٻڌايو اٿم." هو گهرو ڪش هڻي دونهون فضا ۾ ڇڏيندي ورائي ٿو.
"ڄاڻين ٿو نه اِشو! ته سگريٽ تنهنجي لاءِ ڪيترا نقصانڪار آهن، پوءِ ايترا سگريٽ ڇو ٿو ساڙين؟"
"تون ماني ڇو کائيندو آهي، تون پاڻي ڇو پيئندو آهين، تون آڪسيجن ڇو کڻندو آهين ۽ تون آرام ڇو ڪندو آهين؟ ان ڪري نه ته جي تون ائين نه ڪندين ته زنده رهي نه سگهندين، يقين ڄاڻ ته ائين آءٌ به سگريٽن کانسواءِ هلي نه سگهندس، سگريٽ منهنجي زندگيءَ جو حصو ٿي ويا آهن، توڙي جو آءٌ ڄاڻان ٿو ته هو آهستي آهستي مون کي موت جي اجگر بلا جي ڦاٽل وات ڏانهن آڻي رهيا آهن ۽ جڏهن آءٌ موت جي ان اجگر بلا جي منهن ۾ آيس ته هو مون کي ڳڙڪائڻ ۾ دير ئي نه ڪندي، پر پوءِ به سگريٽ نٿو ڇڏي سگهان."
"تنهنجي زندگيءَ جو مقصد ڪهڙو آهي اِشو؟!"
"ڇانورن جي تلاش."
"پوءِ توکي ڇانورن جي حاصلات ٿي؟"
هو سگريٽ ايش ٽري ۾ وسائيندي چوي ٿو، "ان ٿڪيل مسافر جيان. جيڪو رستي ۾ آيل ڪنهن وڻ جي ڇانوري ۾ گهڙي کن ويهي ٿڪ پچي ۽ پوءِ ٻيهر سفر جاري رکي، بس ايتري ڇانوري جي حاصلات ٿي آهي."
"زندگي گذارڻ لاءِ ايترو ڇانورو ڪافي ناهي؟"

طنزيہ مرڪ چپن تي ڦهلجي وڃيس ٿي، ڪن پل ترسي چوي ٿو، ”جنهن جو وجود ئي جون جهڙو هجي، ان لاءِ اهڙا ڇانورا معنيٰ ئي ڪهڙي ٿا رکن! اهو بلڪل ائين آهي، جيئن ڪنهنجي اڳ دريا پيئڻ جي هجي ۽ ان جي چپن تي وري ڪٽي رکي وڃي.“

”زندگي ڇاهي تنهنجي نظر ۾؟“

”بس خرچ ڪرڻ لاءِ ڏينهن مليا آهن ۽ اُهي خرچ ڪرڻا آهن.“

”پلا تنهنجي موڙي ڇاهي؟“

هو چپن تي سگريٽ آڻي ٿو، تيلي ٻاري سگريٽ دکائي وڏو ڪش هڻي، دونهين کي اندر ڇڪي وڃي ٿو ۽ پوءِ دونهون ٻاهر ڪڍي وراڻي ٿو، ”آگرين تي ڳڻڻ جيترين خوشيون ۽ آسمان تي ڇانيل لاتعداد تارن جيترا ڏک.“

”ڏک ڇا آهن؟“

”زهر ڇا آهي؟“

”اهو منهنجي سوال جو جواب تہ ناهي؟“

”اهوئي تنهنجي سوال جو جواب آهي.“

”تنهنجي نظر ۾ نفرت ڇاهي؟“

”دل ۾ دشمنيءَ جي جذبي پاليندڙ ڪنهن شخص کان پڇ.“

”ڪوڙ ڇاهي؟“

”هڪ طرفو سچ.“

”پلا سچ ڇاهي؟“

”هڪ پاسائون ڪوڙ.“

”منافقت ڇاهي؟“

”جيڪا روز اسان جون اکيون، اسان جا چپ، اسان جو جسم ۽ اسان جي دل ڪندي رهندي آهي.“

”بي معنيٰ ۾ تہ تون بہ منافق آهين نہ؟“

سگريٽ جو ڪش هڻي دونهون فضا ۾ ڇڏيندي چوي ٿو، ”ماڻ ڇا هر ماڻهو منافق آ. منافقت اها دولت آهي، جيڪا هر ماڻهوءَ کي ورثي ۾ ملندي آهي.“

”زندگي گذارڻ جا سونهري اصول ڪهڙا آهن؟“

"دوکو، نڳي، ڪوڙ، ٻين جا حق غصب ڪرڻ، منافقت ۽ اهو سمورو ڪجهه، جنهن سان ٻين جي روح تائين گهائل ڪري سگهجي."
هن جي لهجي ۾ ڪروڌ اچي ويو هو.
"خوشي ڇا هي؟"
"سگريٽ جو آخري ڪش هڻي، دونهون فضا ۾ ڇڏي هو ۽ پوءِ سگريٽ کي ايش ٽري ۾ آڱوٺي ۽ آڱر جي مدد سان مروڙي وسائي ڇوي ٿو،
"پاڻ کي فريب ڏيڻ جو نالو."
"تون ايترو مايوس ڇو آهين؟"
هو جڳ ٽيبل تان کڻي پاسي ۾ رکيل گلاس ۾ پاڻي اوتي ٿو، گلاس ڀري، ٽيبل تي جڳ رکي ٿو ۽ پاڻيءَ جو گلاس کڻي مون ڏانهن وڌائيندي چوي ٿو، "پاڻي پيئندين؟"
انڪار ۾ آءٌ ڪنڌ لوڏيان ٿو ته هو موٽ ۾ هڪ ساهيءَ ۾ گلاس خالي ڪري وراڻي ٿو، "ڇا پئي چيئي؟"
"تون ايترو مايوس ڇو آهين؟"
پئنٽ جي کيسي مان رومال ڪڍي چپن کي صاف ڪندي الٽو مون کان پڇي ٿو، "تون ايترو پرأميد ڇو آهين؟"
"ان ڪري جو مايوسي گناهه آهي، هاڻ ٻڌاءِ ته تون ايترو مايوس ڇو آهين؟"
"پاڻ کي اُميد جو ڪوڙو دلاسو ڏيڻ کان بهتر آهي ته سچائي کي تسليم ڪري ونجي."
"پر سوير ته تو چيو آ سچ هڪ پاسائون ڪوڙ هوندو آهي؟"
"پر ساڳي وقت هڪ پاسائون سچ به ته هوندو آهي."
"تو ڪڏهن محبت ڪئي آهي؟"
"جانورن ۽ پکين کي محبت ڪندي ڏٺو اٿئي؟"
"ها."
"پوءِ مان ته انسان آهيان."
"آءٌ عام محبت جي ڳالهه نٿو ڪريان، پر ان خاص محبت جي ڳالهه ڪريان ٿو، جيڪا جڏهن ڪنهن سان ٿي ويندي آهي ته ان جي تصور ڪانسواءِ ٻيو سڀ ڪجهه وسري ويندو آهي."

”ها ڪئي آهي اهڙي محبت.“

”ڀوءِ ان جي حاصلات ڇا ٿي؟“

”محبت جي مغالطي ۾ پاڻ ڀٽائيءَ جي فڪر جا پوئلڳ آهيون.“

”ڪهڙو فڪر؟“

**”ڳوليان ڳوليان م ُ لهان، شال مَ ملان هوت،**
**من اندر جا لوچ، ملڻ سان ماٺي ٿئي.“**

باقي محبت ۾ جيستائين حاصلات جي ڳالهه آهي ته پرينءَ ڪي پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان حاصلات ڪانپوءِ باقي ٻئي ڪنهن حاصلات جي گنجائش ۽ طلب به ناهي رهي.“

”پلا تون لکندو ڇا جي ڪري آهين؟“

هو ٿيوڻ سگريٽ دکائي ٿو ۽ ٻه ڪش هڻڻ ڪانپوءِ دونهون فضا ۾ ڇڏيندي وراڻي ٿو، ”اندر ۾ بيچينين جا جيڪي طوفان آهن، انهن کي ماٺو ڪرڻ کان علاوه منفرد نظر اچڻ ۽ مشهوريءَ جي ڏاڪن تي چڙهي شهرت جي بلنديءَ تي پهچڻ لاءِ لکندو آهيان.“

”بيچينين جي طوفانن کي ماٺو ڪرڻ لاءِ لکڻ ته سمجهه ۾ اچي ٿو، پر منفرد نظر اچڻ سان گڏ مشهوريءَ جي ڏاڪن تي چڙهي شهرت جي بلنديءَ تي پهچڻ لاءِ لکڻ وارو عمل سنو ته ڪونهي.“

”عمل سنا هجن... ممڪن ئي ناهي.“

”جيڪي ماڻهو غريبن جي مدد ڪندا آهن ۽ بنا ڪنهن لالچ جي ٻين جا بار پنهنجي ڪلهن تي کڻي وتندا آهن، انهن جا عمل خراب ڪيئن ٿيا؟“

”بنا لالچ جي ائين ممڪن ئي ناهي.“

”تنهنجي نظر ۾ اهڙن ڪمن جي موٽ ۾ سندن ڪهڙي لالچ هوندي آهي؟“

”ثناءُ جي.“

”ثناءُ جي؟“

”ها ثناءُ جي. ثناءُ اهو ميوو آهي جنهن کي کائڻ ڪانسواءِ ڪو به رهي ناهي سگهندو.“

تنهنجي نظر ۾ ”اڪيلائپ ۽ تنهائي ڇا آهي؟“

”دنيا جي وڏي ۾ وڏي حقيقت. جنهن حقيقت جي آڏو دنيا جي ٻيون سموريون حقيقتون ڏنڊلائجي وينديون آهن.“

”يلا ڪيئن؟“

” ماڻهو اڪيلو ڄمي ٿو، اڪيلو وڏو ٿئي ٿو، اڪيلو پوڙهو ٿئي ٿو ۽ اڪيلو ئي مري وڃي ٿو، ۽ ماڻهوءَ جي ساٿي بہ اڪيلائپ يعني تنهائي آهي. “

”اهڙو ڪو خيال، جيڪو تنهنجي ذهن ۾ اڪثر ايندو هجي؟“

ٿڌو ساھ ڀريندي وراڻي ٿو، ”فنا، فنا... فنا ۽ بس فنا!“

اوچتو دروازي تي کڙڪو ٿئي ٿو، اسان جي گفتگو جو سلسلو منقطع ٿي وڃي ٿو. اشفاق سگريٽ جو آخري ڪش هڻي، دونهون فضا ۾ ڇڏيندي، سگريٽ کي ايش ٽري ۾ مروڙي، اُٿي ٺي ڇڏي ٿو ۽ پوءِ اُٿي دروازو کولي ٿو.

مظهر، انور، حفيظ ۽ فتاح ٿڪ ڏيندا اندر گهڙي تا اچن.

ٿوري دير اڳ ماحول تي ڇانيل اُداسي ٽهڪڙن جي ترنم ۾ گم ٿي وڃي ٿي.

آءٌ اِشو ڏانهن نهاريان ٿو، جيڪو پڻ دوستن جي ٽهڪن جو ساٿ ٽهڪن سان ڏيندي مصنوعي دنيا جو حصو ٿي وڃي ٿو. ■

# پاڻي

هاٿيءَ جي سڏ تي صبح کان وٺي، ننڍڙي جهنگل جا سمورا جانور آهستي آهستي تلاءَ تي ڪنا ٿيڻ شروع ٿيا هئا. هاٿي اوچائيءَ واري ٽڪري تي بيٺو هو ۽ بيتابيءَ منجهان گهڙي گهڙي سونڊ کي مٿي ڪري پڇي رهيو هو، ”اڃا تائين هرڻ ڇو نه پهتا آهن؟“

سهڻ ڳان وني لومڙي ۽ ٻلن تائين سيني هرڻن جي دير کان بي خبريءَ جو اظهار ٿي ڪيو.

هاٿيءَ جي برداشت ڪان جڏهن ڳالهه ڇڙهي وئي ته رڙ ڪري لومڙين کي حڪم ڏنائين ته جلديءَ ۾ هرڻن کي پيش ڪيو.

شاطر لومڙين ادب وچان ڪنڌ جهڪائي، هاڪار ڪئي ۽ پوءِ هرڻن کي وٺڻ لاءِ راهي ٿي ويون.

سمورن جانورن کي تلاءَ تي ڪٺي ٿيڻ واري هاٿيءَ جي اوچتي اعلان پريشان ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري جو اڳ جڏهن به تلاءَ تي ڪٺي ٿيڻ جو هاٿي اعلان ڪيو هو ته سندس لهجو ٻاجهارو هوندو هو. ان ڪانسواءِ تلاءَ تي

ڪني ٽيڻ جي سبب ڪان بہ سمورن جانورن ڪان آگاهہ ڪندو هو تہ جيئن هو صلاح مشوري جي حوالي سان اڳواٽ تيار ٿي اچن. پر هن دفعي هن ائين نہ ڪيو هو.

جنهن جي ڪري سمورن جانورن جي ذهن ۾ اهو سوال گردش ڪري رهيو هو تہ سندن بادشاهہ ڪي هن هنگامي اجلاس گهرائڻ جي آخر ضرورت ڇو محسوس ٿي؟

جهڙيءَ ريت هاٿيءَ کي هرڻن جي پهچڻ جو بي چينيءَ سان انتظار هو، اهڙيءَ ريت سمورا جانور پڻ هرڻن جي پهچڻ لاءِ اوترائي اُتاولا هئا. ان ڪري جو سندن ذهني آنڌ مانڌ جو خاتمو، هرڻن جي اچڻ ڪانپوءِ ئي ممڪن هو.

بگهڙ سهي ۽ زيبرا جي من ۾ خيال آيو تہ هو پنهنجي آقا ڪان ڪني ٽيڻ جو سبب پڇن. پر هو بي ادبي جي خيال ڪان چپ ٿي ويا ۽ ڪجهہ ڪچڻ بدران، هرڻن جي پهچڻ واري انتظار کي اوليت ڏنائون.

هڪ سهي جنهن جي نظر ڏاڍي تکي هئي، تنهن اعلان ڪيو تہ، "جهان پناهہ! هرڻ لومڙين سان گڏاچي رهيا آهن."

تلاءُ تي پهچي هرڻن جُهڪي ادب وچان هاٿيءَ کي سلام ڪيو.

هاٿيءَ سلام جو جواب ڏيڻ بدران ڪاوڙ وچان دير سان اچڻ جو ڪائنن سبب پڇيو؟

هاٿيءَ جي اهڙي رويي تي هرڻ انتهائي ڏڪارا ٿي ويا ۽ سندن اکيون آليون ٿي ويون.

هاٿيءَ کي جڏهن پنهنجي سوال جو جواب نہ مليو تہ هن اڃا بہ تکي لهجي ۾ ڪائنن دير سان اچڻ جو سبب پڇيو؟

هن دفعي هرڻن جي چڱي مڙس، جنهن تي ٻڍي هرڻ ڪانپوءِ چڱ مڙسيءَ جي پڳ آئي هئي، تنهن دير سان اچڻ لاءِ معذرت ڪندي چيو، "قبلا! اسان جي ٻڍي هرڻ جي طبيعت رات جو دير سان اچانڪ خراب ٿي وئي هئي، جنهن ڪري اسان کي هتي اچڻ ۾ دير ٿي وئي آهي."

"ان لاءِ هڪ اڌ هرڻ جو اُتي رهڻ ڪافي هو، توهان سڀني ڇا پئي ڪيو؟" هاٿي انتهائي ڪاوڙ وچان کين چيو.

"جهان پناهہ توهان جي ڳالهہ درست آهي، پر ڇاهي جو هو اسان جو

انتهائي بزرگ هرڻ آهي، تنهن ڪري ان ڪي اهڙي حالت ۾ ڇڏڻ اسان ڪان نہ پئي پڳو."

"ڇڱو ڇڱو نيڪ آ وڏيڪ ڃاڙي نہ هڻ."

ڪجهہ دير لاءِ ماحول ۾ ماٺ ڇانئجي وئي ۽ پوءِ هرڻ ڏڪاري لهجي ۾ هاٿيءَ سان مخاطب ٿيو، "جهان پناهہ! جان جي امان ملي ۽ گستاخي معاف ٿئي تہ ڪجهہ عرض ڪيان؟"

ٿوري دير لاءِ هاٿي ماٺ ٿي ويو ۽ پوءِ بيزاري وچان چيائين، "چئہ".

"قبلا سائين! اسان سان اوهان جو لهجو هميشه پيار، محبت ۽ پاجهہ وارو رهيو آهي، جڏهن تہ اڄ اوهان جو لهجو بدليل آهي. ان جو ڪهڙو سبب آهي؟"

ڪجهہ دير لاءِ هاٿي مُنجهي پيو ۽ پوءِ وڏي رڙ ڪندي چيائين، "وات بند ڪر پنهنجو، منهنجو لهجو مَٺيو ناهي ۽ ساڳيو آهي."

هاٿيءَ جي وڏي رڙ سبب هرڻ سان گڏ سمورا جانور ڊپ وچان هڃي ويا. ٿوري دير لاءِ ماحول ۾ ٻيهر ماٺار ڇانئجي وئي ۽ پوءِ ان ماٺار کي ختم ڪندي، سمورن جانورن سان مخاطب ٿي هاٿي چوڻ لڳو، "هڪ عرصي کان برسات ناهي پئي، جنهن ڪري تلاءُ جو پاڻي سُڪي اڌ کان وڌيڪ گهٽ ٿي ويو آهي. اجا بہ جي برساتون ڪجهہ عرصو نہ پيون تہ باقي بچيل پاڻي بہ ختم ٿي ويندو. پاڻيءَ جي ختم ٿيڻ سان اسان جو جياپو تنگ ٿي ويندو. ان بابت اوهان کي ڪو تڪي جو احساس آهي؟"

هاٿي پنهنجي ڳالهہ ختم ڪئي ۽ سواليہ نظرن سان سڀني جانورن کي ڏسڻ لڳو.

ٿوري دير اڳ سمورا جانور، جيڪي هاٿيءَ جي رويي تي ڏڪارا هئا، تن جي چهرن تي هاڻ ڏک بدران احسانمنديءَ جا تاثر ڦهلجي ويا. پنهنجي بادشاهہ لاءِ سندن دل ۾ پيدا ٿيل غلط فهمي ختم ٿي وئي ۽ ان احساس سندن دلين ۾ هاٿيءَ لاءِ تهائين وڌيڪ عزت پيدا ڪري ڇڏي تہ بادشاهہ سندن جياپي لاءِ ڪيڏو نہ پريشان آهي.

ماحول تي ڇانيل ماٺ وارو وقفو جڏهن وڌيڪ طويل ٿيڻ لڳو تہ لومڙي گنڀير لهجي ۾ ورائيو، "بادشاهہ سلامت! اسان جو تہ ايڏانهن ڌيان ئي نہ ويو هو. پاڻيءَ جي کوٽ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ڪانپوءِ سچ پچ اسين توهان جي عظمت جا وڌيڪ قائل ٿي ويا آهيون."

هاٿي سونڍ سان مٿو ڪنهندي چيو، ”نهيو نهيو وڌيڪ ٽيڪرن جي ضرورت ناهي. هاڻ اهو سوچيو ته پاڻيءَ جي ڪوٽ لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“

سمورا جانور پاڻيءَ جي ڪوٽ بابت پاڻ ۾ صلاح مشورا ڪرڻ لڳا. ڪافي دير کان پوءِ ڪتي پڇنگي سمورن جانورن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪيو ۽ چوڻ لڳو، ”جهان پناهه! منهنجي صلاح هي آهي ته سمورن جانورن کي گهرجي ته هو پنهنجي ضرورت کان گهٽ پاڻي استعمال ڪن.“

هاٿيءَ جون سواليه نظرون سمورن جانورن ڏانهن کڄي ويون.

سهي ڪتي جي صلاح تي اعتراض واريندي چيو، ”جهان پناهه! اها خبر ڪيئن پئجي سگهندي ته هر جانور پنهنجي ضرورت کان گهٽ پاڻي واپرائي رهيو آهي. تنهن ڪري منهنجي نظر ۾ اهو مشورو قابل قبول ناهي.“

ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ هرڻ جي چڱي مڙس چيو، ”اسان مان هر جانور کي ٽن وقتن کان وڌيڪ پاڻيءَ استعمال ڪرڻ نه گهرجي.“

اُٺ چيو، ”قبلا سائين! ائين ڪرڻ سان جيڪو پاڻي بچيو آهي، ايترن سارن جانورن جي ڪري ڪجهه ڏينهن مس هلندو. تنهنڪري منهنجي صلاح آهي ته هر جانور کي ڏينهن ۾ فقط هڪ ڀيرو پاڻي پيئڻ گهرجي.“

اُٺ جي ڳالهه تي زيبرا اعتراض واريندي چيو، ”اُٺ اهڙو جانور آهي، جيڪو پنهنجي ٿوهي ۾ ڪاڌو ۽ ڪجهه پاڻي جمع ڪري رکندو آهي. تنهن ڪري اُن جو گذارو ته هڪ ڀيرو پاڻي پيئڻ سان ٿي ويندو، پر ٻيا جانور ايتري اُڃ برداشت ڪونه ڪري سگهندا. تنهن ڪري ڪجهه ٻيو سوچيو.“

گدڙ، جيڪي ڪافي دير کان خاموش هئا. ٽن مان هڪ گدڙ، جيڪو سيني گدڙن منجهان سينيئر هو، تنهن چيو، ”جهان پناهه! زيبرا ٺيڪ ٿيو چوي، ڏينهن ۾ پاڻيءَ جو هڪ وقت استعمال ٻيا جانور افورڊ ڪري نه سگهندا. تنهن ڪري منهنجي صلاح آهي ته، هر جانور کي ڏينهن ۾ ٻه چڪر يعني؛ صبح ۽ شام پاڻي استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي ۽ انهي پاڻيءَ جي استعمال جي اجازت ٻه ضرورت کان وڌيڪ ڪنهن ٻه جانور کي نه ڏني وڃي.

گدڙ جي صلاح هٿي وڃي هنڌ ڪيو ۽ سمورا جانور هڪ آواز ٿي چوڻ لڳا، ”ها ها گدڙ ٺيڪ ٿيو چوي، ائين ئي ڪرڻ گهرجي.“

سڀني جي چڱي مڙس هڪ ڀيرو ٻيهر اعتراض واريندي چيو، "سڀني جانورن جي ان صلاح سان آءٌ بہ متفق آهيان، پر اها خبر ڪيئن پوندي تہ هر جانور ٻن وقتن جي ضرورت کان وڌيڪ پاڻي استعمال نہ پيو ڪري."

اهڙن موقعن تي لومڙي جي صلاح جي اهميت وڌي ويندي هئي. تنهن ڪري گيندڙن جي چڱي مڙس بادشاهہ سلامت سان مخاطب ٿي چيو، "قبلا سائين! لومڙيءَ کان بہ ڪجهہ پڇو تہ ان باري ۾ سندس ڪهڙي راءِ آهي؟"

هاٿي لومڙيءَ ڏانهن ڏسندي چيو، "ان باري ۾ تون ڪجهہ چوڻ چاهيندينءَ؟"

لومڙي پڇ لوڏڻ کان پوءِ مؤدبانہ انداز ۾ چوڻ لڳي، "قبلا! سائين منهنجي خيال ۾ سمورن جانورن جي گڏيل راءِ اهميت واري آهي تہ هر جانور کي بہ پيرا پنهنجي ضرورت مطابق پاڻي استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي."

هاٿيءَ کي لومڙيءَ جي صلاح پسند نہ آئي ۽ بيزار ٿيندي چيائين، "پر اها خبر ڪيئن پوندي تہ هر جانور ٻن پيرن جي ضرورت کان وڌيڪ پاڻي استعمال نہ پيو ڪري؟"

"ان جو حل بہ آسان آهي، جهان پناهہ! ڪو هڪڙو جانور ان ڪم تي رکي ڇڏجي تہ جيئن ڪوبہ جانور ٻن پيرن جي ضرورت کان وڌيڪ پاڻي استعمال نہ ڪري."

هاٿيءَ کي چالاڪ لومڙيءَ جي ذهانت تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، پر هن ضبط مان ڪم وٺندي چيو، "اٿين تہ ٺيڪ ڪري سگهجي. ان ڪري جو هر جانور کي پنهنجي ضرورت مطابق بہ پيرا پاڻي استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ کانپوءِ بہ باقي بچيل پاڻي ٿورڙا ڏينهن هلندو."

سمورن جانورن هڪ آواز ٿي چيو، "جهان پناهہ! پوءِ توهان ئي ڪٿي ٻڌايو تہ اسان کي ڇا ڪرڻ کپي؟"

ڪجهہ گهڙيون هاٿي خاموش رهيو ۽ پوءِ چوڻ لڳو، "مون کان پهرين هن جهنگل جو بادشاهہ آخري بچيل شينهن هو، جنهن جي مرڻ کانپوءِ بادشاهيءَ جي پڳ مون تي آئي آهي، اٿين نہ؟"

سمورن جانورن هڪ آواز ٿي چيو، "ها سائين".

"۽ بادشاهہ جي هر حڪم کي لبيڪ چوڻ توهان تي فرض ٿو بڻجي اٿين نہ؟"

سمورن جانورن هڪ ڀيرو ٻيهر ها سائين ۾ جواب ڏنو.

"تہ پوءِ آءٌ جيڪو بہ حڪم ڏيان، اهو اوهان کي مڃڻو پوندو"؟ حاڪماڻي انداز ۾ هاٿيءَ چيو.

موٽ ۾ ساڳي فرمانبرداريءَ سان سمورن جانورن ها ۾ جواب ڏنو.

ڪجهہ گهڙيون هاٿي ترسيو ۽ پوءِ چوڻ لڳو، "منهنجو حڪم هي آهي تہ توهان مان ڪوبہ جانور مون کان سواءِ تلاءُ جو پاڻي استعمال نہ ڪندو."

هاٿيءَ جي اوچتي اهڙي اعلان تي سمورن جانورن جي منهن جا رنگ لهي ويا ۽ ڏک وچان ڪين سڪتو طاري ٿي ويو. هو حيراني ۽ پريشانيءَ منجهان هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا.

ڪافي دير کانپوءِ چالاڪ لومڙيءَ پنهنجو چپ ٽوڙيو، دل ٻڌي بادشاهہ سان مخاطب ٿي، "حضور! توهان جو اهو فرمان اکين تي، پر ڪجهہ سوچيو تہ ائين ڪرڻ سان جهنگل جا جانور زندهہ ڪيئن رهندا. انهن جي زندهہ نہ رهڻ جو بہ خير آهي، پر رعيت جي نہ هجڻ سان اوهان جي بادشاهي سلامت ڪيئن رهندي؟!"

لومڙيءَ جي، ڪمان مان نڪتل چالاڪيءَ واري تير ڪم ڏيکاريو ۽ هاٿيءَ سونڊ سان مٿي کي کنهندي ٻڌتر جو شڪار ٿي ويو.

پر اها ٻڌتر واري ڪيفيت ڪجهہ گهڙيون ئي هاٿيءَ تي سوار رهي ۽ هو جلدئي ان ڪيفيت مان نڪري آيو.

ان ڪري جو لومڙي جيتري ذهانت هاٿيءَ وٽ بہ هئي. هاٿيءَ سوچيو بادشاهي تہ وري بہ اچي سگهي ٿي، ان لاءِ زندهہ رهڻ ضروري آهي. هونئن بہ بادشاهيءَ کان وڌيڪ اهم جياپو آهي، جي اهو ئي نہ هوندو تہ بادشاهي ڪهڙي ڪم جي.

ان ڪري هاٿي پنهنجي فيصلي تي اٽل رهندي پنهنجو اعلان ٻيهر ورجايو تہ، اڄ کانپوءِ ڪوبہ جانور مون کانسواءِ تلاءُ جو پاڻي استعمال نہ ڪندو."

لومڙيءَ جهڙي چالاڪيءَ مان ڪم وٺندي، پنهنجي فيصلي جي حق ۾ دليل ڏيندي، رعيت کي مطمئن ڪرڻ لاءِ هاٿي وڌيڪ چيو، "مون هي فيصلو چڱيءَ طرح سوچي سمجهي توهان سڀني جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيو آهي. ان ڪري جو اسين سمورا جانور جيڪڏهن انهيءَ پاڻيءَ تي اڪتفا

ڪري هٽ، هٽ تي رکي ويهي رهنداسين ته اسان جو جياپو تنگ ٿي ويندو. تنهن ڪري توهان سڀني جانورن کي سپاٽي ڪان ئي پاٽيءَ جي تلاش لاءِ جهنگل مان نڪري وڃڻ کپي ۽ پاٽيءَ جو بندوبست ڪرڻ کپي. منهنجو هي اٽل فيصلو آهي ۽ ان بابت آءٌ وڌيڪ ڪجهه به ٻڌڻ نٿو چاهيان.

سمورن جانورن کي پاٽيءَ بابت سندن بادشاهه جو جواز ڪنهن حد تائين معقول لڳو، پر پوءِ به هو بادشاهه جي اهڙي فيصلي تي ڏڪارا ٿي ويا.

بهرحال بادشاهه جي فيصلي کي مڃڻ ڪان سواءِ سندن لاءِ ٻيو ڪو چارو ئي نه هو. نتيجي ۾ ٻئي ڏينهن سڄو جهنگل هاٿيءَ ڪانسواءِ، سمورن جانورن ڪان خالي ٿي ويو.

هاٿيءَ پاٽيءَ جي تلاءُ تي قبضي ڪرڻ ڪانپوءِ ڏاڍو خوش هو. خوشيءَ ۾ هو روز ڪڏندو، رڙيون ڪندو ۽ پاٽيءَ ۾ وهنجڻ جا مزا وٺندو رهيو. پر اهي مزي وٺڻ وارا ڏينهن انتهائي مختصر ثابت ٿيا.

پر واري جهنگل جي جانورن کي جلدئي خبر پئجي وئي ته هاڻ هاٿيءَ ڪانسواءِ جهنگل ۾ ٻيو ڪوبه جانور نه ٿو رهي. نتيجي ۾ انهن جهنگل تي ڪاهه ڪئي ۽ اڪيلي هاٿيءَ کي نيست ۽ نابود ڪري، ان جهنگل تي قبضو ڄمائي ويهي رهيا. جنهن جهنگل تي قبضي ڪرڻ جو اڳ هو تصور به نه پئي ڪري سگهيا. ■

# جهاتيون

هوٽل تي ويٺي هڪ نظر گهڙيال تي وڌم، اڃا دوست جي اچڻ ۾ پندرهن منٽ هئا. سوچيم هو منهنجو دوست ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟! پندرهن ڏينهن اڳ جي ئي تہ ڳالهہ آهي جو اسين هڪ ٻئي لاءِ اجنبي هئاسين.

آءُ جنهن ٽيبل تي ويهندو هئس، هو بہ ساڳي ٽيبل تي اچي سامهون واري ڪرسي والاري ويهندو هو ۽ پوءِ چانهہ جو آرڊر ڏئي، بيڙي دکائي خيالن ۾ الوپ ٿي ويندو هو. بيڙي دکي جڏهن آڱرين کي سيڪ ڏيندي هئس تہ هو چرڪ ڀري هوٽل جي دنيا ۾ موٽي ايندو هو يا وري بيري جي بيڙي دکي پوري ٿيڻ کان اڳ چانهہ کٽي اچي ٽيبل تي رکڻ وقت، کڙ کڙ جو آواز خيالن جي دنيا مان واپسيءَ جو سبب بڻبو هوس. واپسيءَ تي هڪ لمحي لاءِ اسان جون نظرون ملنديون هيون، پنهنجائپ جو احساس جنم وٺندو هو ۽ ٻئي لمحي وري هڪ ٻئي لاءِ اجنبي بڻجي ويندا هئاسين.

ائين ڪيترن ئي ڏينهن تائين ٿيندو رهيو هو ۽ پوءِ وچوٽيءَ ڳي ختم

ڪرڻ جي شروعات هن طرفان ٿي هئي. هڪ ڏينهن اچڻ سان هن سلام ڪيو هو ۽ پوءِ سامهون واري ساڳي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو هو.

ان بعد اسين هڪ ٻئي جي ڪافي ويجهو ٿي ويا هئاسين. آءٌ سمجهان ٿو اسان جي ويڇڙائپ جو هڪڙو ڪارڻ هي هو ته اسين ٻئي عمر جي ان حصي ۾ هئاسين، جڏهن خواهشون دل جي نگريءَ کي الوداع چئي هليون وينديون آهن. ٻيو سبب آءٌ سمجهان ٿو اسان جي اڪيلائپ هئو.

جڏهن اسان هڪ ٻئي جي اڃا به وڌيڪ ويجها ٿي حالي احوالي ٿياسين ته ٻيون به ڪيتريون ئي هڪجهڙايون نڪري آيون.

هڪ ته 60 واري ڏهاڪي ۾ هوندي، اسان ٻنهي مان ڪنهن به شادي نه ڪئي هئي. ٻيو ته هن جي اڳيان پويان ڪير به نه هو ۽ آءٌ وري ڦوهه جوانيءَ ۾ مامن، چاچن، سؤٽن، ماساتن ۽ ٻين عزيزن کي ڇڏي شهر هليو آيو هوس ۽ وري ڪڏهن به موٽي ڳوٺ نه ويو هوس.

ٽيون ته ساڳي مل ۾ صبح واري شفٽ ۾ هو ڪم ڪندو هو، جڏهن ته رات واري شفٽ ۾ آءٌ ڪم ڪندو هوس.

مون سوچيو عمر جي ساڳي حصي ۾ هئڻ، ساڳي مِل ۾ ڪم ڪرڻ، هڪ ٻئي سان ملڻ، حالي احوالي ٿيڻ ۽ هڪ ٻئي سان سور سلڻ جو نانءُ ئي ته دوستي ناهي. دوستي ته قرآن وانگر مقدس رشتو آهي. جيئن قرآن جو نانءُ ذهن تي تري اچڻ ڪانپوءِ ازخود تقدس جو احساس دل ۾ جنم وٺندو آهي، ائين دوستيءَ جي نانوَ تي به ته ساڳيو احساس دل ۾ جنم وٺندو آهي ۽ جيئن قرآن تي ماڻهو پنهنجو سڀ ڪجهه واري ڇڏيندو آهي، ائين دوستيءَ ۾ به ته ماڻهو پنهنجو پاڻ واري ڇڏيندو آهي.

”پوءِ آءٌ هن کي دوست ڇو ٿو چوان؟“ (ذهن ۾ سوال ڪر ڪٽي ٿو)

”ٻيو ڪو متبادل لفظ به ته مون وٽ ڪونهي!“ (پاڻ کي پاڻ موٽ ٿو ڏيان)

تڏو شوڪارو پري اندر ۾ پيدا ٿيل ٻوسٽ کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندي آءٌ سوچيان ٿو، متبادل لفظ نه هجڻ ڪري اسين ماڻهن ڪيئن نه دوستي جهڙي عظيم رشتي جا ٻکيا اديڙي ڇڏيا آهن. دوستيءَ جو لباس ڦاڙي ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيو آهي ۽ دوستيءَ جي نانوَ تي ايتريون ته ويساهه

گهاٽيون ڪيون آهن جو ماڻهن جو دوستيءَ جي ناتي تان ب اعتماد کڄي ويو آهي.

سلام ورائي هو سامهون واري ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. احساس جي واديءَ مان نڪرندي وعليڪم السلام سان موٽ ڏنيمانس.

ڪجهه دير ائين ئي ويٺا رهاسين ۽ پوءِ ماٺ کي ٽوڙيندي کيس چيم، ”ڪالهه تون پنهنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽائي ويو هئين، تو اهو ضرور ٻڌايو ته جڏهن مون سلميٰ سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته هن خودڪشي ڪري ڇڏي، پر تو اهو ڪونه ٻڌايو ته تو هن سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڇو ڪيو هو؟“

”ٻڌائيندس. ضرور ٻڌائيندس، پر ان کان اڳ ۾ آءٌ توکان ڪجهه ٻڌڻ چاهيان ٿو.“

”ڇا ٿو ٻڌڻ چاهين؟“

”تنهنجي شادي نه ڪرڻ جي باري ۾.“

مون قميص جي پاسي واري کيسي مان سستي برانڊ جي سگريٽ جو پاڪيٽ ڪڍيو. پاڪيٽ جو ڍڪ لاهي، هن آڏو پاڪيٽ جهليندي، سگريٽ پيئڻ جي کيس آفر ڪيم. هن هڪ سگريٽ پاڪيٽ مان ڪڍي ورتو.

ڪجهه گهڙين لاءِ خيالن ۾ الوپ ٿي ويس ۽ پوءِ سگريٽ دکائي، ڪش هڻي دونهون فضا ۾ ڇڏيندي، پنهنجي ڦوهه جوانيءَ جا ورق اٿلائيندي، هن کي ٻڌائڻ لڳس.

”هن جو نالو سهڻي هو. مائٽن سندس نالو بلڪل ٺيڪ رکيو هو. هوءَ هئي به ته سراپا سونهن. وڏيون وڏيون ڪاريون اکيون، ويڪري پيشانيءَ جي هيٺان ڄاڙا ڀرون، گول چهرو، ننڍڙا پر خوبصورت چَپَ. گلابي ڳل. ڪٽڪائون رنگ ۽ ڪارا ڊگها وار، هن کي ڏسي ڪائنات تخليق ڪندڙ تي ايمان پختو ٿيڻ لڳندو هو.

مان ڇا ڳوٺ جا سمورا ڇوڪرا هن جي اکين ۾ پاڻ وڃائڻ چاهيندا هئا. هن جي گلابي ڳلن کي ڏسڻ سان منهنجي دل ۾ ئي نه پر سيني جي دل ۾، سندس ڳلن تي چمين جي برسات ڪرڻ جي خواهش ڪري موڙي جاڳي پوندي هئي. هن جي ڪتابي چهري کي هٿن ۾ جهلي پڙهڻ لاءِ

ڪنهن ڪافر جي دل ۾ خيال نہ آيو هوندو، سيني جي دل هن جي چپن تي چپ رکي، دنيا جهان جي خفين کان آجو ٿي وڃڻ چاهيندي هئي، هن جي گهاٽن وارن جي ڇانوَ ۾ ابدي ننڊ ڪرڻ جا سپنا سيني جون اکيون ڏسنديون هيون ۽ هن سان زمان مڪان جي پابندين کان آجو ٿي رهاڻيون ڪرڻ لاءِ سيني جي دل سٽون ڪائيندي هئي.

• پر اهي سموريون سعادتون مون کي نصيب ٿيون. هن جي گرم ياڪرن جو ڇهاءُ ڇيت ٻڌجي اڃا بہ منهنجي دل ۾ ڇپي رهيو آهي.

هوءَ چوندي هئي، ”جنهن سان نينهن جا ناتا جُڙندا آهن، ان سان شادي ڇو ناهي ٿي سگهندي ۽ آسمان تي بي جوڙ جوڙا ڇو ٺهندا آهن؟“

هن جو اشارو پنهنجي مڱيندي مختيار ڏانهن هوندو هو. آءٌ وري ڪيس ڪو جواب ڏيڻ بدران سوچڻ لڳندو هوس تہ ان جماعتون پاس ڪرڻ کانپوءِ بہ منهنجي دل ۾ ڪڏهن اهڙيون ڳالهيون ناهن آيون ۽ هي اڻ پڙهيل هوندي، اهڙيون ڳالهيون ڪيئن ڪري وٺندي آهي؟!... شايد گهري محبت سڀ ڪجهہ سيکاري ڇڏيندي آهي ۽ هن جي محبت بہ تہ مون سان گهري هئي، سمونڊ جيڏي گهري.

منهنجي ڳلن تي منيون ڏيندي هوءَ چوندي هئي، ”مون کي صرف تون کپين... صرف تون نہ تہ پوءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ، زندگي بہ نہ.“

آءٌ سندس اهڙين ڳالهين تي ڇرڪي پوندو هوس. هن جي محبت جو دنگ مون کان شروع ٿي مون تي ئي ختم ٿيندو هو. محبت ۾ هو ايترو اڳتي نڪري وئي هئي، جتان ڪيس موٽائڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿي ٿيو.

۽ پوءِ اسان جي محبت ۾ وڇوڙو اچي ويو. هوءَ هميشه هميشه جي لاءِ مون کان وڇڙي وئي ۽ آءٌ ڳوٺ ڇڏي شهر هليو آيس ۽ وري ڪڏهن بہ موٽي ڳوٺ نہ ويس.“

”ڇا هن جي شادي مختيار سان ٿي وئي؟“

”نہ.“

”تہ پوءِ اهو وڇوڙو ڪيئن آيو؟“

ٿڌو ساهہ ڀري ڳنڀير لهجي ۾ وراڻيم، ”پهرين تون پنهنجي ڪهاڻي پوري ڪر، بعد ۾ توکي ٻڌايان ٿو.“

هن سگريٽ جو آخري ڪش هڻي، سگريٽ ايش ٽري ۾ وسايو ۽ پوءِ چوڻ لڳو، ”هوءَ به ته مون سان ايتري ئي گهري محبت ڪندي هئي ۽ هينئر تائين گهري محبت ٻوڙي مارڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪيو به ڇا هي!؟“

مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي هئي ته هوءَ منهنجي ويجهو نه اچي پر دلين تي اختيار ڪنهن جا هليا آهن، جو منهنجو پنهنجي دل تي اختيار هلي ها. ائين هو منهنجي تمام گهڻو ويجهو اچي وئي، ايترو ويجهو جو آءٌ پنهنجي ساهن ۾ هن جا ساهه محسوس ڪرڻ لڳندو هوس ۽ اڄ به ته پنهنجي ساهن ۾ مون کي هن جا ساهه محسوس ٿيندا آهن پر اڄ اُهي ساهه منهنجي ساهه مُنجهائڻ جو باعث بڻجندا آهن.“

هن وڏو ساهه پربو ۽ پوءِ مون سان مخاطب ٿيندي چوڻ لڳو، ”معاف ڪجائين آءٌ شايد پنهنجي ڳالهين جو ورجاءُ ڪري رهيو آهيان؟“ .

”نه نه تون ٻڌاءِ. محبت جي ڳالهين جي ورجاءُ جو به پنهنجو مزو هوندو آهي.“

”ها ته توسان ڳالهه پئي ڪيم ته اڄ هن جا ساهه جڏهن آءٌ پنهنجي ساهن ۾ محسوس ڪندو آهيان ته منهنجو ساهه مُنجهڻ لڳندو آهي، نه صرف ساهه مُنجهڻ لڳندو آهي پر دل جي ڌرتيءَ تي محشر برپا ٿي ويندو آهي ۽ آءٌ پاڻ کي باهه ۾ سڙندي محسوس ڪندو آهيان. چاهيندو آهيان ته اها باهه ساڙي رک ڪري ڇڏي پر ايترو ڏيٺ آهيان شايد جو 30 سالن کان اها باهه ساڙي رک ڪرڻ ۾ ڪامياب ناهي ٿي.

بهرحال هوءَ مون سان منهنجي ساهن جيترو جڏهن ويجهو ٿي هئي ته شادي ڪرڻ جي تقاضا شروع ڪري ڏني هئائين. آءٌ ڪيس ڪو جواب ڏيڻ بدران، سندس سوال ئي هر دفعي لنوائي ويندو هوس.

هن جي تقاضا وڌندي ئي پئي وئي، منهنجي نٽائڻ جا رستا بند ٿيندا پئي ويا، آءٌ سوڙهو ٿيندو پئي ويس ۽ پوءِ صفا سوڙهو ٿي ويس.

اڄ به اهو ڏينهن مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي، جڏهن آخري پيرو اسين ڪيفي جارج ۾ مليا هئاسين. اهو ڏينهن جمعي جو هو، ڇوندا آهن جمعي جو ڏينهن ڀلارو ۽ مبارڪ هوندو آهي، پر مون تي جمعي جو ڏينهن سدائين عذاب بڻجي نازل ٿيو آهي.

هن کي ڦکو وڳو پاتل هو، چهرو ميڪ اپ کان آجو هوس. سندس چهري مان اداسي ليٽاڪا پائي رهي هئي، هوءَ چُپ هئي، ڄڻ ڪيس ڏپ هجي تہ جي ڳالهائيندي تہ روئي پوندي. بيرو چانهہ جو آرڊر وٺي هليو ويو. ڪافي دير ڪانپوءِ ڳالهائڻ لاءِ چپ چورئائين تہ لهجو ساٿ ڇڏي ويس. ڪجهہ پل ترسي اعتماد بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ پوءِ چوڻ لڳي، ”آءٌ توسان شادي ڪرڻ لاءِ سنجيده آهيان، تون مون سان شادي ڪندين يا نہ؟“

مون ڪيس ٻڌائڻ چاهيو تہ شادي ڪرڻ ڪانپوءِ محبت، محبت ناهي رهندي ۽ ان جو موت واقعي ٿي ويندو آهي. پر هوءَ هيو ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نہ هئي، ان ڪري اڌ ۾ منهنجي ڳالهہ ڪٽيندي چيائين، ”ها يا نہ ۾ جواب ڏي، آءٌ هيو ڪجهہ بہ ٻڌڻ نٿي چاهيان.“

مون پنهنجي وجود کي الائي ڪيئن سهيڙيو هو ۽ پوءِ انتهائي بي رحميءَ واري لهجي ۾ مختصر جواب ڏنو هوم، ”نہ... قطعي بہ نہ.“

سندس نيڻن جي سمنڊ ۾ منهنجو جواب طوفان بڻجي نازل ٿيو، سمنڊ ۾ زوردار ڇوليون پيدا ٿيون ۽ پوءِ هن جي نيڻن جا بند ٽُٽي ڳلن کي پسائيندڙ ڇولين ۾ جذب ٿينديون ويون.

هوءَ حيرانيءَ وچان مون کي تڪيندي رهي ۽ پوءِ اُٿي بيهي رهي، هٿ ۾ پڪڙيل ٽشوءَ سان ڳوڙها اُگهي، ٽشو ٽيبل تي ڇڏيائين ۽ پرس کڻي، تڪڙا تڪڙا قدم پريندي هوٽل مان نڪري وئي هئي.

هن جي وڃڻ پڄاڻان بي اختيار ٿي مون ٽشو ٽيبل تان کڻي ورتو هو ۽ پوءِ ڪيتري ئي دير تائين پنل اکين سان ديوانن وانگر ٽشوءَ کي چمندو رهيو هوس.“

ڪجهہ دير لاءِ هو خاموش ٿي ويو. جڳ کڻي گلاس ۾ پاڻي اوتيائين، سُرڪ پري نڙي آلي ڪندي چيائين، ”پوءِ هيو جمعو هن جي موت جي خبر کڻي آيو، زهر کائي هن خودڪشي ڪري ڇڏي.“

”پر ايترو پيار ڪندي بہ تو هن سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڇو ڪيو؟“ مون اُتاولو ٿيندي ڪانئس پڇيو.

”ان ڪري جو هڪ حادثي ۾ آءٌ هميشہ هميشہ جي لاءِ مردانگيءَ کان محروم ٿي ويو هوس.“

"سگريت دکائي ڪش هڻي دونهون فضا ۾ ڇڏيندي ڪيس چيم،
"ان ڳالهه کان آگاهه ڪندي، تون سندس حياتي ته بچائي پئي سگهئين؟"
"هن جي خودڪشي ڪرڻ ڪانپوءِ ان غلطيءَ جون مون کي احساس ٿيو هو، پر جيڪڏهن منهنجي جاءِ تي تون به هجين ها ته ائين ئي ڪرين ها، جيئن مون ڪيو هو - ان ڪري جو محبت ۾ هوءَ ايترو ته اڳتي نڪري وئي هئي جو مون کي يقين جي حد تائين شڪ هو ته هوءَ، منهنجي ان محروميءَ سان سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندي ۽ مون کي پاڻ سان شادي ڪرڻ لاءِ آماده ڪري وجهندي."
مون سگريٽ جو وڏو ڪش هڻي سوچيو، "تيڻ لاءِ زندگيءَ ۾ چا چا نٿو ٿئي، زندگيءَ اسان سان کهڙا کهڙا نه ڊراما ٿي ڪري ۽ انهن ڊرامن جو ڊراپ سين ڪيڏي نه ڀيانڪ روپ ۾ ظاهر ٿو ٿئي!"
"هاڻ تون پنهنجي زندگيءَ جي ڪهاڻي بيان ڪر."
مون سوچن جي ڄار مان پاڻ ڇڏايو. سگريٽ جو ڪش هڻي اندر ۾ پرجي ويل غبار کي دونهي سان گڏ ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيم ۽ پوءِ ڪيس ٻڌائڻ لڳس، "منهنجي زندگيءَ سان وابسته ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي انتهائي مختصر آهي."
"اها چنڊ جي جوڀن جي رات هئي، صبح ساڻ ئي هلڪا بادل آسمان تي ڇانيل هئا ۽ ڪيڏي مهل انهن گهرو تي سج سان اکبوٽ به ٿي ڪري ورتي. شام ٿيندي ٿيندي اُهي وڏيڪ گهرا ٿي ويا ۽ رات ٿي ته چنڊ کي انهن پنهنجي مڪمل آغوش ۾ وٺي ڇڏيو."
"منجهند جو ماٺي پرڻ لاءِ ويندي، هن مون کي راتِ جو ملڻ لاءِ اشارو ڪري ڇڏيو هو."
اڌ رات جو گهرن کان پرپرو ٻنيءَ ۾ ٺهيل ساڳي پيهي ۾ اسين دنيا جهان کان بيپرواهه هڪ ٻئي جي ڀاڪرن ۾ هئاسين، منهنجي چپن کي چُمندي هن چيو هو، "پوءِ مون کي ڪڏهن ٿو وٺي هلين پاڻ سان، هاڻ ته مختيار سان منهنجي شاديءَ جون ڳالهيون به ڇُرڻ لڳيون آهن."
"بس مٺي! هاڻ تورن ڏينهن جي ڳالهه آهي، ڪجهه پئسا مون گڏ ڪري ورتا آهن ۽ ڪجهه اڃا هٿ ڪرڻا آهن، ان بعد اسين هتان نڪري هلنداسين ۽ پوءِ هميشه هميشه جي لاءِ هڪ ٻئي جا ٿي ويندا سين."

”پر ڪيترا ڏينهن؟“
”بس هڪڙو مهينو.“

اوچتو منهنجي ڪنن تي ماڻهن جي پيرن جا آواز پيا، ان سان گڏ هڪلن جو گوڙ، نہ ويندين نہ ويندين... مون سهڻيءَ کان پاڪر ڇڏايو ۽ وٺي ڀڳس ۽ تيزيءَ سان ڀڄندو ويس. پويان فائر ٿيو ۽ ان سان گڏ هڪ رڙ فضا ۾ بلند ٿي، خاموش ٿي وئي. سهڻي ڪاري ٿي وئي ۽ ڪارو ڀڄي ويو. ڪجھ پل ائين خاموشيءَ جي نظر ٿي ويا ۽ پوءِ هو اُٿي بيٺو. جھڪيل ڪنڌ سان آءٌ بہ اُٿي بيٺس. جڏهن ڏٺائين تہ آءٌ ڪنڌ مٿي ڪٽي نہ سگهندس تہ خدا حافظ چئي ڪائونٽر ڏانهن رُخ ڪندي چيائين، ”آءٌ بل ڏيندو ٿو وڃان.“

منهنجو جسم ڳورو ٿيندو ويو، پانيم تہ ٿڳون جسم جو وڏيڪ بار سهي نہ سگهنديون، ان ڪري مون پاڻ کي ڪرسيءَ تي ڇڏي ڏنو. ∎

## زيان

"سماج ۾ اهم حيثيت" جي سري هيٺ ٿيندڙ مذاڪري کي خطاب ڪندي تاريخدان چيو، "بدنصيب آهن اُهي قومون جن وٽ تاريخي ورثو ڪونهي ۽ ان کان وڌيڪ وري بدبخت اُهي قومون آهن، جن کي تاريخ جي اهميت ۽ حيثيت جو ادارڪ ڪونهي. ان ڪري جو تاريخ مان قومون سبق پرائي ترقيءَ جي راهه تي گامزن ٿينديون آهن. تنهن ڪري هر ماڻهوءَ کي پنهنجي تاريخي ورثي متعلق نه صرف ڄاڻ رکڻ گهرجي، پر ان جي حفاظت سان گڏ تاريخي ورثي کي نظر ۾ رکندي شاندار مستقبل لاءِ انفرادي طور پنهنجو پنهنجو، ڪردار به ادا ڪرڻ گهرجي، ان ڪري آءٌ اهو چوندس ته سماج ۾ تاريخ جي ئي سڀ کان وڌيڪ اهميت ۽ حيثيت آهي."

سياستدان چيو، "مڃون ٿا ته تاريخ جي اهميت تسليم شده آهي پر بدڪردار حڪمرانن ۽ ڦورو لٽيرن ڪامورن، پيرن، ميرن، وڏيرن ۽ سرمائيدارن کان پنهنجا حق وٺڻ لاءِ سياسي سجاڳي، سياسي شعور ۽

سياسي جدوجهد جي ضرورت آهي. تنهن ڪري هر ماڻهوءَ کي سياست ۾ حصو وٺڻ گهرجي ۽ پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ سياسي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ۽ اسان جي نجات جو رستو به ان ۾ آهي. تنهن ڪري آءٌ اهو چوندس ته سماج ۾ سڀ کان وڌيڪ اهميت سياست جي آهي."

اديب چيو، "تاريخ جي اهميت کان انڪار ڪونهي، ڇو ته اها تاريخ به قلم ذريعي لکي آهي پر تاريخ ۾ گهڻي ڀاڱي ڪوڙ هوندو آهي، ان ڪري جو اها تاريخ اڪثر درٻاري ليکڪن کان لکائي وئي آهي. سياست کان به انڪار ڪونهي، پر درست سياست اسان وٽ ٿئي ڪونه ٿي. اڪثر سياستدان وڪائو مال آهن، جي ائين نه آهي ته پوءِ ساڳيو مقصد هوندي به الڳ الڳ تنظيمن ۽ پارٽين جي صورت ۾ جدوجهد ڇو ٿا ڪن.

تنهن ڪري آءٌ چوندس ته قلم ۾ تلوار کان وڌيڪ طاقت آهي، قلم قومن جون تقديرون بدلائي ڇڏيندو آهي، ان ڪري ماڻهن کي ان طاقت جو ڀرپور استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ ظلم، ڏاڍ، جبر ۽ استحصالي قوتن خلاف اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ ان جو استعمال ڪرڻ گهرجي.

ان بنياد تي آءٌ اهو چوڻ ۾ حق بجانب آهيان ته سماج ۾ اديب ۽ ادب جي ئي وڌيڪ اهميت ۽ حيثيت آهي."

مولوي جذباتي انداز ۾ تقرير ڪندي چيو، "هي سڀ جيڪي واري واري سان ڳالهائي ويا آهن، اهي اصل ۾ اهل راهه تان ٿڙيل آهن ۽ ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ ۾ به ههڙن ماڻهن جو هٿ آهي. هي سڀ سچ ته رحم لائق ماڻهو آهن. آءٌ سندن لاءِ دعا ئي ڪري سگهان ٿو ته الله کين صحيح ڏس تي لائي.

باقي اسان جي تباهي ۽ بربادي جا ڪارڻ هي آهن ته اسان الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙڻ ڇڏي ڏنو آهي، الله جا احڪام وساري ڇڏيا آهن. روزو رکڻ، نماز پڙهڻ، زڪواة ڏيڻ، تسبيح پڙهڻ ۽ الله جو ذڪر ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي ان ڪري ئي بک، بيروزگاري، پاڻيءَ جو بحران ۽ بيون ايڊز جهڙيون خطرناڪ آفتون اسان تي عذاب جي صورت ۾ نازل ٿيون آهن.

تنهن ڪري آءٌ چوندس ته الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو ۽ الله جا احڪام بجا آڻيو، ان ۾ ئي اسان جي نجات جو رستو آهي."

مولويءَ کان پوءِ اين جي اوز جي ڊائريڪٽر جو وارو آيو، هن

ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”مون کي ڪل ٿي اچي ته هي جيڪي هيترن ماڻهن قوم کي نجات ڏيارڻ جا رستا ٻڌايا آهن، اهي ڪڏهن پاڙي جي معمولي مسئلن مثال طور: گهٽين ۾ پيل گندگيءَ جا ڍير، بجليءَ جي ٽيندڙ روز اک ٻوٽ، گٽرن جي بند ٿيڻ سان گهرن آڏو بيٺل گندو پاڻي، واٽر سپلاءِ جي پائيءَ جو اٿ ڏينهن بند ٿيڻ ۽ ان جهڙا ٻيا انيڪ مسئلا حل ڪرائڻ ۾ ٿي ڪڏهن سنجيده نه ٿيا آهن ۽ ڳالهيون وري قومن کي نجات ڏيارڻ جون ڪري رهيا آهن. آءٌ ذاتي طور ڪيترن اهڙن اديبن، تاريخدانن، سياستدانن ۽ مولوين کي سڃاڻان جيڪي پنهنجي گهر جا مسئلا حل ڪرڻ جي به اهليت ناهن رکندا.

تنهن ڪري دوستو! انهن ماڻهن جي ڳالهين ۾ نه اچو ۽ وڏيڪ نه صرف پنهنجي گهر، پاڙي، ڳوٺ يا شهر جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ سنجيده ٿيو، نه صرف سنجيده ٿيو پر پاڻ پتوڙيو به. هوندئن به بهتريءَ جي عمل جي شروعات پهرين گهر، پوءِ پاڙي ۽ بعد ۾ شهر کان ئي ان جو تسلسل صوبي ۽ ملڪ تائين ڦهلجي ويندو آهي. ان ڪري آءٌ توهان کي گذارش ٿو ڪيان ته گهر، پاڙي، ڳوٺ ۽ شهر جي مسئلن جي حل لاءِ سماجي تنظيمن جو ساٿ ڏيو، جيڪي ڳوٺن کان شهرن تائين اسڪول کولڻ، غريبن کي نلڪا فراهم ڪرڻ ۽ هنري سکيا کان وٺي روزگار جي حاصلات لاءِ ننڍڙا ننڍڙا قرض ڏيڻ تائين ڪيترائي عملي ڪم ڪري رهيون آهن.“

آخر ۾ دانشور جو وارو آيو، ”جنهن تاريخدان، سياستدان، اديب، مولوي ۽ اين جي اوز جي ڊائريڪٽر کي چالاڪ لومڙيون ڪوٺيو، پنهنجي دانشورانا انداز ۾ سيني جي ڪل لاٿي. قوم جي جهالت تي ماتم ڪرڻ جو چيو ۽ ان جهالت جو ڪارڻ تعليم جي گهٽتائي ڄاڻايو ۽ سڄو زور تعليم جي اهميت، افاديت ۽ ڦهلاءُ تي ڏنو. هن اين جي اوز جي نالي ۾ ڪم ڪندڙ تنظيمن کي ٺڳن جي ٽوليءَ سان ڀيٽيو، جيڪي نالي ماتر ڪم ڪري، ڪاغذي ڪارروائي ۾ وڏا وڏا ڪم ڏيکاري سمورا فنڊ هڙپ ڪري وڃن ٿيون.

هڪ پيرو پيهر هن تعليم جي اهميت تي روشني وڌي، پنهنجي فهم ۽ فراهست کي وڌائڻ لاءِ ڪتابن جي مطالعي ۽ دانشورن سان ڪچهريون ڪري ذهني سطح کي وسعت بخشڻ جا مشورا ڏنا ۽ پوءِ اسٽيج تان لهي وڃي پنهنجي نشست سنڀالي.

ان بعد اسٽيج سيڪريٽريءَ ڪنهن نتيجي تي پهچڻ لاءِ واري واري سان هڪ پيرو بيهر سيني کي گهرائڻ کان آگاهه ڪندي، تاريخدان کي سڀ کان پهرين ڳالهائڻ جو موقعو فراهم ڪيو.

ڊائيس تي اچي تاريخدان سيني کي غلط قرار ڏنو ۽ تاريخ کي درست ڪونيو، بين شعبن کي ثانوي حيثيت ڏني ۽ تاريخ کي اوليت ڏيندي، ان جي اهميت کي وڏيڪ اجاگر ڪيو.

سياستدان، ساڳي ريت سياست کي اهميت ڏني ۽ بين جي حيثيت ثانوي قرار ڏني.

اديب، مولوي، اين جي اوز جي ڊائريڪٽر ۽ دانشور، غرض ته سيني بين کي گهٽ ۽ پاڻ ۽ پنهنجي شعبي جي اهميت ۽ حيثيت کي وڏائي چڙهائي پيش ڪيو. بحث جڏهن وڌي ويو ۽ ڳالهه چندا پٽ جي عروج تائين پهتي ته آئيڊينس مان هڪ نوجوان اُٿي بيٺو ۽ وڏي واڪي سيني سان مخاطب ٿي چوڻ لڳو:

"معاف ڪجو! ٿن ڪلاڪن کان آءٌ توهان جي بڪواس ٻڌي رهيو آهيان. توهان آهيو جو، ڪنهن جي حيثيت کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهيو، جنهن قوم جي باشعور فردن جو اهڙو حال هجي، جيڪي هڪ ٻئي جي حيثيت تسليم ڪرڻ لاءِ به تيار نه هجن، اُهي قوم کي ڇا ڏئي سگهندا!؟

مهرباني ڪري پنهنجي ذاتي انائن جي کول مان نڪري اچو. سڀني ڳالهين، پوءِ اُهي ڪنهن جي به طرفان ڪيون وڃن يا ٿين، انهن جي تائيد ڪرڻ سکو، نه صرف تائيد ڪرڻ سکو، پر انهن تي عمل ڪرڻ به سکو.

مون کي هتي اچي پنهنجا ٽي ڪلاڪ زيان ڪرڻ تي سچ ته سخت افسوس ٿي رهيو آهي."

اسٽيج تي ويٺل سماج جي ڪريم ماڻهن جا ڪنڌ شرمندگيءَ جي احساس وچان جهڪي وڃن ٿا.

۽ نوجوان ڪاوڙ ۽ ڪروڌ منجهان پير چنڊيندو هال مان نڪري وڃي ٿو. ■

# سفر

ڪالهه رات ئي هن تي انڪشاف ٿيو تہ هي مري رهيو آهي. هڪڙي مرڻ جي شروعات تہ تڏهن کان ئي ٿي ويندي آهي، جڏهن پهرين رڄ سان ٻار جي صورت ۾ انسان جو نزول ڪائنات اندر ٿيندو آهي ۽ ان سمي کان سندس موت ڏانهن سفر شروع ٿي ويندو آهي پر ٻيو موت وقت کان اڳ بہ ٿي ويندو آهي ۽ ماڻهو مري ويندو آهي.

هن سوچيو اهڙو موت ڪيڏو نہ ڀيانڪ آهي، جنهن ۾ ماڻهو زندهہ هوندي بہ مئل هجي. سمورا اختيار وٽس هجن، پوءِ بہ هو بي اختيار هجي. کلڻ چاهي تہ کلي نہ سگهي، روئڻ چاهي تہ روئي نہ سگهي، پيار ڪرڻ چاهي تہ پيار ڪري نہ سگهي، دنيا جي حسناڪين مان مزو وٺڻ چاهي پر وٺي نہ سگهي ۽ زندگيءَ سان پيار ڪرڻ چاهي بہ تہ پيار ڪري نہ سگهي.

ذهن تي زور ڏئي هن زندگيءَ جي ڪتاب جا ورق اٿلائڻ چاهيا تہ هي جيڪو مري رهيو آهي، تہ ان مرڻ جي شروعات ڪڏهن کان ۽ ڪيئن ٿي؟

هن جي ذهن تي 17 سال اڳ وارو منظر تري آيو، جڏهن هو 20 سالن جو ڀڳيرو جوان هو، ان وقت هي زندگيءَ سان ايترو پيار ڪندو هو، جيترو پيار ڪنهن ايڊز جي مريض کي، اها خبر پئجي وڃڻ ڪانپوءِ ٿي ويندو آهي ته سندس زندگيءَ جو ڏيئو اُجهامڻ وارو آهي.

سچ به ته زندگيءَ سان هن کي 17 سال اڳ ۾ ايترو ئي پيار هو ۽ هي ايتري ئي ڀرپور ۽ خوشگوار زندگي گذاري رهيو هو، جيتري ڀرپور ۽ خوشگوار زندگي گذارڻ جو ماڻهوءَ وٽ تصور هوندو آهي.

۽ پوءِ ان ڀرپور ۽ خوشگوار زندگيءَ ۾ هڪڙي تبديلي تڏهن آئي هئي، جڏهن سندس محبوبا جي گهر وارن، هن کي رشتو ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. هن ان ناخوشگوار تبديليءَ سان سمجهوتو ڪري ورتو ۽ جڏهن هُن جي محبوبا جي شادي سندس سؤٽ سان طئه ٿي وئي هئي ته ان ناخوشگوار تبديليءَ سان به هن سمجهوتو ڪري ورتو هو، پر شاديءَ کان هڪ ڏينهن اڳ جڏهن هن جي محبوبا زهر کائي، هن کانسواءِ ٻئي ڪنهن جو به نه ٿيڻ لاءِ خودڪشي ڪري ڇڏي ته هن جي اختيار جا بند ڀڄي پيا هئا ۽ هي بي اختيار ٿي پيو هو. سندس دل جي دنيا ۾ اٿل پٿل اچي وئي هئي، سموريون خوبصورتيون پنهنجو اثر وڃائي بدصورتين ۾ تبديل ٿي ويون هيون ۽ زندگي هن لاءِ اهڙي چابيءَ واري رانديڪي جيان ٿي پئي هئي، جنهن جي چابي ڀڃي پئي هجي ۽ اهو کيڏڻ جي لائق ئي نه رهيو هجي.

۽ پوءِ سندس زندگي حالتن جي تيز وهڪري ۾ لڙهي وئي هئي. کائڻ پيئڻ، اُٿڻ ويهڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ تان ڌيان هٽي ويو هوس. شيو وڌي ويندي هئس ته ان جو احساس ئي نه ٿيندو هوس، چار چار ڏينهن ڪپڙا نه مٽيندو هو. موسيقي جيڪا روح جي غذا پاسندي هوس، اُها ٻڌڻ ڇڏي ڏني هئائين. ڪتاب جن سان جنون جي حد تائين محبت ڪندو هو، اهي پڙهڻ ته نهيو پر ڏٺي به نه وٺندا هئس. آرٽ موويز، جيڪي چاهه سان ڏسندو هو، ڏسڻ ڇڏي ڏنيون هئائين ۽ ڪرڪيٽ جنهن لاءِ هو چوندو هو ته آءٌ زندگيءَ ۾ بيو سڀ ڪجهه ڇڏي سگهان ٿو پر ڪرڪيٽ نه، ان تان به ارواح ڪٽو ٿي ويو هوس ۽ ڪرڪيٽ کيڏڻ به ڇڏي ڏني هئائين.

هن پنهنجي محبوبا جي موت کي انتهائي سنجيده ورتو هو. رڳي

رکي اهو خيال اتاولو ۽ بيچين ڪري وجهندو هوس ته جيڪڏهن هي محبتن جي شاهراهه تي، هن کي نه وڻي اچي ها ته اڄ هو زندهه هجي ها ۽ خودڪشي نه ڪري ها.

محبوبا جي موت جو غم هن کي اندران ئي اندران کائڻ لڳو هو ۽ پوءِ ان ڏک کان فرار لاءِ هن لکڻ ۾ پناهه ڳولي هئي. ڪهاڻين مٿان هن ڪهاڻيون لکيون هيون. ڏات جي برسات مٿس ساوڻ جيان وسي هئي.

وقت اڳتي سرڪندو ويو هو، محبوبا جي وڇوڙي جي ڏک جي شدت ۾ ڪمي ايندي وئي ۽ ڏات جو ڀاڪر کيس سمجهوتن جي دنيا ڏانهن وٺي وڃڻ ۾ ڪنهن قدر ڪامياب ٿيو هو.

ٿوري دير لاءِ هن زندگيءَ جي ڪتاب جا پنا اٿلائڻ بند ڪيا ۽ اٿلايل پنن تي غور ويچار ڪرڻ لڳو. نتيجي ۾ تائين پڄڻ ۾ کيس ڪا مشڪل درپيش نه آئي ۽ ڄاڻي ورتائين ته سندس آهستي آهستي مرڻ جي شروعات محبوبا جي وڇوڙي سان ئي ٿي وئي هئي.

چند ساعتون ترسي، هن ٻيهر زندگيءَ جي ڪتاب جا ورق اٿلائڻ شروع ڪيا. کيس ياد آيو ته ڏات جي ڀاڪر ۾ اچڻ کانپوءِ. هن پنج سال ڪهاڻيون لکيون هيون ۽ مختلف رسالن ۾ ڇپجڻ لاءِ موڪليندو ويو هو. رسالن طرفان هن کي ڏاڍي سٺي موٽ ملي هئي ۽ ڪهاڻيڪارن جي صف ۾ سندس نالو به ڳڻجڻ لڳو هو.

۽ پوءِ زندگيءَ ڏانهن باقاعده موٽائڻ ۾ سندس ماءُ جون ڪوششون شروع ٿي ويون هيون. ماءُ جي مسلسل اسرار جي آڏو، هن جي انڪار گوڏا کوڙيا هئا ۽ هي ماسات سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو.

شادي ڪرڻ کانپوءِ به هن جي اندر جي دنيا ۾ ڪا خاص تبديلي نه آئي. بس اينترو ٿيو هو جو شادي ڪرڻ تي نه هن کي خوشي ٿي هئي ۽ نه ئي ورڻي ڏک. ها باقي شادي ڪرڻ کانپوءِ هن جي زندگيءَ ۾ ڪوڙ ساريون تبديليون ضرور آيون هيون.

شادي ڪرڻ کانپوءِ سواءِ ضرورت جي ڳالهائڻ صفا گهٽائي ڇڏيو هئائين ۽ اڳ کان وڌيڪ سنجيده ٿي ويو هو. ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏنيون هئائين ۽ ٻين سمورين مصروفيتن تان هٿ ڪڍي، پنهنجي والد جي ڪاروبار

۾ هٿ ونڊائيندي، پاڻ کي مصروف ڪري ڇڏيو هئائين. ان کان علاوه دوستن سان پڻ ميل ميلاپ ختم ڪري ڇڏيو هئائين.

دوست جڏهن ملندا هئس ته شڪايت ڪندي چوڻ لڳندا هئس، ”يار! رات جو ٿي سهي سنوڪر ڪلب تي اينڊو ڪر، توسان ڪچهري ڪرڻ ۽ تنهنجي گيم ڏسڻ لاءِ سچ ته ڏاڍا ماندا هوندا آهيون.“ تڏهن موٽ ۾ دوستن کي ڪجهه چوڻ لاءِ وٽس خاموشي ۽ ڦڪي مرڪ جي بيو ڪجهه به نه هوندو هو.

گيم تي ڪيس ياد آيو ته هڪ پيري دوست در ڪڙڪائي گيم تي هن کي زوري وٺي ويو هو ۽ ٻڌايو هئائينس ته پنجاب مان هڪ رانديگر آيو آهي، جيڪو سڀني ڪلب جي رانديگرن کي رانديون هنيون ٿو وڃي. سندس راند ڪيڏڻ جو انداز هوبهو تو جهڙو آهي. تو وانگر بغير ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي شاٽ هڻي بال ڪولي ٿو ڇڏي. ان کان علاوه ريورس شاٽ، بال کي گهمائڻ، بال کي ڊبل پاڪيٽ ڪرڻ، اسٽرائيڪر سلپ ڪرائڻ، ريڊ بال ڪٽڻ سان گڏ ڪلر ناهڻ کان وٺي راند ڪيڏڻ جا سمورا انداز بلڪل تو جهڙا اٿس.

هو جڏهن دوست سان گڏجي ڪلب تي پهتو هو ته سڀني دوستن ۽ ڪلب جي ميمبرن خوشيءَ وچان هوڪرا ڪري سندس استقبال ڪيو هو ۽ پوءِ ٻنهيءَ جو مقابلو شروع ٿي ويو هو. هر سٺي شاٽ تي ٻنهي کي تاڙين سان داد ملي رهيو هو.

پهرين گيم پنجاب جو رانديگر هن کي آسانيءَ سان هٽي ويو هو، ٻي گيم به هن کان کٽي ورتي هئائين ۽ ٽئين گيم به زبردست مقابلي ڪانپوءِ هو ئي کٽي ويو هو.

ٽئين گيم کٽڻ کان پوءِ هُن پنجابي ڳاڙڙ اردوءَ ۾ چيو هو، ”هي رانديگر آهي، جنهن کي سيڙجي گهران وٺي آيا آهيو!“

موٽ ۾ هن هڪ نظر پنهنجي ساٿين تي وڌي هئي. سڀني جا مُنهن لٿل ڏسي، ساٿن مخاطب ٿيو هو، ”راند کي راند ئي سمجهڻ گهرجي، جنهن ۾ جيت ۽ هار ٿيندي رهندي آهي ۽ جيت ۽ هار کي اهڙي سنجيدگيءَ سان وٺڻ نه گهرجي. توهان پنهنجي چهرن تان اُداسيءَ کي ختم ڪريو ۽ پراُميد ٿيو، اڳئين راند لاءِ. ۽ پوءِ لاڳيتو ان پنجاب جي رانديگر کان هن ٽي گيمون کٽي

ورتيون هيون. نہ صرف اهو پر بيست آف سيون بہ هن کان کٿي ورتي هئائين.

موٽ ۾ سندس ساٿين جي خوشيءَ جو ڪاٿو ئي نہ هو ۽ هو ڪرا ڪري ٻڪين ڀئجي ويا هئس.

هن زندگيءَ جي ڪتاب جا ورق اٿلائڻ بند ڪيا ۽ اٿلايل ورقن جو جائزو وٺڻ لڳو. جائزو وٺڻ بعد هو نتيجي تي پهتو تہ سندس شادي زندگيءَ ۾ خوشگوار تبديليون اچڻ بجاءِ، ناخوشگوار تبديليون آنديون ۽ هو ذميوارين جي احساس سبب ڪاروبار ۾ ايترو تہ گم ٿي ويو جو پنهنجي زندگيءَ جي ساٿي سميت دوستن کي بہ ٽائيم ڏيڻ بند ڪري ڇڏيائين. ان کان علاوه پئسي جي پويان هو ايترو اڳتي نڪري ويو جو لکڻ کان وٺي سنوڪر کيڏڻ، ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ، موسيقي ٻڌڻ سميت ٻين سمورين دلچسپين کي وساري وينو.

ڪجهہ پل ترسي هن زندگيءَ جي ڪتاب جا ٻيهر ورق اٿلائڻ شروع ڪيا. کيس ياد آيو تہ شاديءَ جي ڏيڍ سال کانپوءِ هن کي پٽ ڄائو هو. پٽ جنهن لاءِ ماڻهو سڱائون باسيندا آهن، پيرن، ولين، مرشدن جون حاضريون ڀريندا آهن ۽ هر اهو سنوڻ ساڻ ڪندا آهن، جنهن سان پٽ جي ڄمڻ واري خواهش پوري ٿيڻ جو امڪان نظر ايندو اٿن ۽ پوءِ جڏهن پٽ جي ڄمڻ واري سندن خواهش پوري ٿيندي آهي تہ هو خوشيءَ ۾ ناهن ماپندا. سندن زندگيءَ ۾ بهار اچي ويندو آهي ۽ هو پاڻ کي دنيا جا خوشقسمت ۽ امير ترين ماڻهو سمجهڻ لڳندا آهن.

پر هن کي پٽ جي ڄمڻ تي بہ خوشي نہ ٿي هئي. ڇٺيءَ جي ڏينهن، جڏهن زال هن کي چيو هو تہ، ”پٽ جو نالو ڇا رکون؟“ تہ ڪجهہ گهڙين لاءِ هي پريشان ٿي ويو هو، ڇاڪاڻ جو پٽ جي نالي رکڻ ڏانهن تہ هن جو ڌيان ئي نہ ويو هو. ڪجهہ پل ترسي زال کي چيو هئائين، ”جيڪو بہ توکي مناسب نالو لڳي رکي ڇڏينس.“

موٽ ۾ زال هن کي حيرت وچان تڪيندي رهجي وئي هئي.

ٻيهرين پٽ جي ڄمڻ کان ٻن سال بعد کيس ڌيءَ ڄائي هئي. جڏهن پٽ جي آمد ئي زندگيءَ ۾ ڪا تبديلي نہ آڻي سگهي تہ ڌيءَ جي آمد تي سندس زندگيءَ ۾ ڪن خاص تبديلين جي رونما ٿيڻ جو تہ سوال ئي پيدا نٿي

ٿيو. ائين ڏيءَ جي ڄمڻ کان ٻن سالن بعد وري ڪيس پٽ ڄائو، پر هن جي زندگيءَ ۾ ڪا به تبديلي نه آئي.

هن زندگيءَ جي ڪتاب جا ورق اٿلائڻ بند ڪيا ۽ اٿلايل ورقن کي ڄاچڻ لڳو. سندس جاچ هن تي انڪشاف ڪيو ته ٻار جي مُرڪ جا انسان جي اندر جي ڪائنات تبديل ڪري ڇڏيندي آهي، پٿر دل ماڻهوءَ کي ميڻ ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ان مُرڪ کي پسڻ بعد اندر جي اونداهين ۾ روشني ڦهلجي ويندي آهي ۽ ماڻهوءَ جو زندگيءَ سان موهه جو رشتو وڌيڪ پختو ۽ پائيدار ٿي پوندو آهي. پر هي ئي شايد ايترو ڪنور ٿي پيو هو جو ٻارن جون زندگيءَ سان ڀرپور مرڪون به هن تي اثر انداز نه ٿي سگهيون هيون.

صبح جو پيءُ سان گڏجي شوروم تي وڃڻ، منجهند جو گهر اچي ڪلاڪ سوا آرام ڪرڻ کانپوءِ وهنجي سهنجي تيار ٿي وري شوروم تي وڃڻ ۽ رات جو دير سان گهر موٽڻ کان پوءِ ماني کائي سمهي پوڻ، چاڪيءَ جي ڍاند وانگر هڪڙي مخصوص دائري ۾ ڦرڻ کي ئي هن زندگي سمجهيو هو.

عمر جي 37 سالن جي اسٽيج تي بيهي، هن زندگيءَ جي گذريل 17 سالن تي نظر ڊوڙائڻ کانپوءِ سوچيو، زندگيءَ کي سمجهوتن جي ور چاڙهي اصل ۾ هي زندگيءَ کان ئي ڪوهين ڏور هليو ويو هو.

هن سوچيو اها به ڪا زندگي هئي، جنهن ۾ هن لکڻ تان هٿ ڪڍي ڇڏيو. دوستن کي ٽائيم ڏيڻ ڇڏي ڏنو، سنوڪر ڪيڏڻ ڇڏي ڏني، زندگيءَ سان ڀرپور مرڪ کي ڇڏي ڇپن تي ڪاروباري مرڪ چنبڙائي ڇڏي، زال سان جيون ساٿي هجڻ جي ناتي ڪڏهن به ان انداز سان پيش نه آيو، جيڪو هڪ زال جو حق هوندو آهي ۽ هو وري ايتري صابرين نڪتي جو ڪڏهن زبان تي هڪ لفظ شڪايت جو نه آندائين، ان کان علاوه موسيقي ٻڌڻ، فلمون ڏسڻ، ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ ڇڏي ڏنائين، نه صرف اهو پر ڪڏهن ٻارن کي گهمائڻ لاءِ وٺي نه ويو، ٻارن کي ڇاتيءَ سان لائي پيار پري چُمي ته ڏيڻ ٺهيو پر ڪڏهن ٻارن کي پيار پري نگاهه سان به نه نهاريو ۽ ڪنن هوندي به ٻارن جا پيار ڀريا ٻاتا ٻول ٻڌي نه سگهيو.

هن سوچيو هي ته ذري گهٽ مرڻ وارو هو، ان ڪري جو اخبارن ۾

ماڻهن جي بي دردي‌ءَ سان قتل ٿيڻ، نوجوانن جو آپگهات ڪرڻ، نارين جي عزت پائمال ٿيڻ، ماڻهن جي اغوا ٿيڻ، پاڻ ساڙڻ، وڏيرن جي ظلمن، پنجاب جو سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙو هڻڻ، نوڪرين مان سنڌي ماڻهن کي زوري ڪڍڻ، اهڙيون ۽ ان جهڙيون ٻيون خبرون جڏهن پڙهندو هو ته هن تي ڪوبه اثر نه ٿيندو هو. ڪيس اهي خبرون احساسن جي وادين ڏانهن وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب نه ٿينديون هيون. انهن خبرن تي جتي ٻيا ماڻهو ڏند ڪرٽيندا هئا، پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪندا هئا ۽ انهن جو جتي رت ٽهڪندو هو، اُتي اهڙين خبرن جي موت ۾ هن تي ڪوبه اثر نه ٿيندو هو. ها باقي من جي ڪنهن ڪنڊ مان اهو خيال ضرور اُڀري ايندو هوس ته، ”ائين نه ٿيڻ گهرجي.“

ذري گهٽ مرڻ بابت به هن وٽ اهوئي دليل هو ته جيڪڏهن سندس من ۾ ”ائين نه ٿيڻ گهرجي“ وارو خيال نه اچي ها ته پوءِ پڪ سان هي مري وڃي ها. ان ڪري جو هن جاڙي ورتو هو ته احساسن ۽ جذبن جي ختم ٿي وڃڻ سان ماڻهوءَ جو به موت ٿي وڃي ٿو.

ذري گهٽ مرڻ بابت اڃا به هن کي خبر نه پوي ها. جيڪڏهن هي ڪالهه رات ٿڪاوٽ جي احساس سبب شوروم تان جلد واپس گهر نه موٽي ها.

هٿ منهن ڌوئي هي جڏهن بيڊ تي اچي ويٺو هو ته سندس زال هن آڏو ماني اچي رکي هئي ۽ پوءِ وڌيڪ گرميءَ جي احساس سبب ورانڊي گهي چڙهي، اُتي ئي ڪنڊ ۾ مصلو وڇائي نماز پڙهڻ لاءِ وڃي ويٺي هئي.

اڃا هن نماز پڙهڻ لاءِ تياري ئي مس ورتي هئي ته سندس ڌيءَ به هن سان گڏ اچي ويٺي ۽ گڏجي نماز پڙهڻ لاءِ ماءُ سان آتو ڪيو هئائين. ماڻس کيس ڏاڍو سمجهايو هو ته ٻارن تي نماز فرض ڪونهي، صبح جو سوير کيس اسڪول وڃڻ لاءِ اٿڻو به آهي، ان ڪري وڃي آرام ڪري، پر هو پنهنجي ضد تي ويٺي رهي هئي. نيٺ مجبور ٿي ماءُ هن کي نماز پڙهڻ جي اجازت ڏني هئي.

هي ماني به کائيندو رهيو هو ۽ ٻنهي کي نماز پڙهندي به ڏسي رهيو هو. ماني کائڻ کانپوءِ، باٿ روم ۾ وڃي واش بيسن تي هن هٿ ڌوتا، گرڙي ڪئي، توال سان هٿ اُگهيا، چپ خشڪ ڪيا. هڪ نظر سامهون لڳل شيشي تي وڌي هئائين ۽ پوءِ بي ترتيب وارن کي هٿن جي آڱرين سان ڦٽي ڪري ترتيب ۾ آندو هئائين ۽ پوءِ ٻاهر نڪري باٿ روم جو دروازو بند ڪيو هئائين.

ٽيبل وٽ پهچي هن جڳ ڪنيو هو، گلاس ۾ پاڻي اوتيو هئائين ۽ هڪ ساهيءَ ۾ گلاس خالي ڪري ويو هو. پاڻي پيئڻ ڪانپوءِ هن واچ تي نظر وڌي هئي، جتي سادا نَو ٿي رهيا هئا. ماني ڪائڻ، باٿ روم ۾ وڃڻ ۽ پاڻي پيئڻ ڪانپوءِ ڪيس گرميءَ جو احساس ٿيو ۽ اُٿي وڌي هن اي سي گي هاءِ ڪول تي رکي ڇڏيو هو.

ٿڪاوٽ جي احساس سبب هن واڪ جو پروگرام ملتوي ڪيو هو ۽ بيڊ تي آهلي پيو.

چند ساعتون ئي مس گذريون ته هن جي ڪنن تي آواز پيو. نماز پوري ڪرڻ کان پوءِ سندس گهر واري ڌيءَ سان مخاطب هئي، ”ڌيءَ هاڻ دعا گهر ته الله سائين توکي امتحان ۾ پاس ڪري.“

انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي هُن چيو هو، ”نه امان! آءٌ اها دعا ڪونه گهرنديس.“

”يلا دعا گهر ته الله سائين توتي ڪا به مصيبت نه اچي.“

”نه امان اها دعا به نه گهرنديس.“

”چڱو يلا دعا گهر ته الله سائين توکي وڏي ڄمار ڏئي.“

”نه اها دعا به نه گهرنديس.“

”يلا جيڪا دل چوئي، اها دعا گهر.“

”جيڪا به دل گهري؟“ سندس ڌيءَ ڪنڌ ورائي، هڪ نظر هن کي ڏٺو هو ۽ پوءِ چيو هو.

”ها ڌيءَ جيڪا به دل گهري.“

هُن اکيون بند ڪيون هيون ۽ پوءِ معصوم هٿ سيني آڏو آڻي، دعا لاءِ ٻُڪَ جهليندي چوڻ شروع ڪيو هئو، ”الله سائين تون منهنجي بابا کي ڇڏ ته هو وڪي، انو ۽ مون سان تمام گهڻو پيار ڪري، هو منهنجي دوست ڪلثوم جي بابا وانگر اسان کي اسڪول ڇڏي به اچي ۽ وٺڻ به اچي، هو ڪلثوم جي بابا وانگر اسان کي پڪنڪ تي به وٺي وڃي، هو ڪلثوم جي بابا وانگر اسان سان ويهي ڳالهيون به ڪري، هو ڪلثوم جي بابا وانگر اسان لاءِ گفٽ به وٺي اچي، هو ڪلثوم جي بابا وانگر... ۽ پوءِ سندس ڳلو ڀرجي ويو هو ۽ هو سڏڪن ۾ ويڙهجي وئي هئي. هي بيڊ تي اُٿي ويهي رهيو هو ۽ جڏهن ته ماڻس نننڍڙيءَ کي ڀاڪر ۾ ڀري ٻاهر وٺي وئي هئي.

ان بعد چاهڻ جي باوجود هن کي ننڊ نہ آئي هئي ۽ مجبور ٿي هن کي ننڊ جي ڳوري کائڻي پئي هئي.

ٻئي ڏينهن هو شوروم تي هوندي بہ شوروم تي ڪونہ هو. ڪنن ۾ بس هڪ ئي آواز ٻُري رهيو هوس، ”الله سائين منهنجي بابا کي چئہ تہ هو اسان سان تمام گهڻو پيار ڪري، اسان کي اسڪول ڇڏي بہ اچي تہ وٺي بہ اچي، اسان سان ويهي ڳالهيون ڪري، اسان کي پڪنڪ تي وٺي وڃي، اسان لاءِ گفٽ وٺي اچي...“ ان بعد سڏڪن مٿان سڏڪا سڄو ڏينهن پيڇو ڪندا رهيا هئس ۽ هو جلد ئي شوروم تان گهر موٽي آيو هو ۽ ماني کائڻ کانسواءِ ئي ٻئي وسائي طبيعت نيڪ نہ هجڻ جو چئي سمهي پيو هو.

زندگيءَ جا قيمتي سترنهن سال مُردن جيان گذارڻ تي هن کي سخت افسوس ٿي رهيو هو، هن سوچيو هاڻ هي پاڻ کي مرڻ نہ ڏيندو.

موت کان زندگيءَ ڏانهن سفر ڪرڻ واري فيصلي هن جي من ۾ سرهائي اوتي ڇڏي. هو نئين اُتساهہ سان اُٿيو، ٻئي ٻارڙائين ۽ پنهنجي ٻارن کي زندگيءَ ۽ پيار سان ڀرپور مٺيون ڏنائين.

رات اڌ کان وڌيڪ گذري وئي هئي، پر ننڊ هن جي نيڻن کان ڏور هئي ۽ نہ ئي وري ڪو هن ننڊ ڪرڻ بہ چاهي پئي. ان ڪري جو سترنهن سالن کان مسلسل هو ننڊ ئي تہ پيو هو ۽ اڄ ئي تہ سندس اک کُلي هئي. اک کُلڻ کانپوءِ هي ننڊ ۾ گهاريل سترنهن سالن جي سفر کي لتاڙي آيو هو. ■

# مختصر ڪهاڻيون

# ورجاءُ

جڏهن پڙهڻ جي عمر جو ٿيو ته سندس والدين اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ بجاءِ مال چارڻ وارو ڪم هن جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ هٿن ۾ ڪتابن ۽ قلم ڪڻڻ واري عمر ۾ هو مال چارڻ لاءِ لڪڻ ڪڻڻ تي مجبور ٿي ويو هو.

جوان ٿيو ته لوفرن جي سنگت جي ور چڙهي جوانيءَ جي مستيءَ ۾ اچي جيل جي هوا به کاڌائين.

۽ جڏهن پوڙهائپ جي سرحد ۾ داخل ٿيو ته سمورا اختيار پٽس ڏانهن منتقل ٿي ويا.

”هي ڪم هيئن نه ٿيڻ گهرجي، لوفرن سان گڏجي پرايون ننگن ڏانهن وڃڻ بند ڪر نه ته جيل جو منهن ڏسندين، خدن ڳي فصل لهڻ سان پئسا ڏيڻا اٿئي، مال بيمار پيو آهي، ان جو ڪو بلو ڪر، گهر ڪي به ڪجهه ٽائيم ڏيندو ڪر، ننڍڙي کي اسڪول ۾ داخل ڪراءِ، مون سان به ڪي گهڙيون ويهي حال احوال اورينده ڪر“.

اهڙين ۽ اهڙين بين ڪيترين ڳالهين جي موٽ ۾ پٽ کان ورندي ملندي اٿس، ”بابا! اهي سڀ اسان نوجوانن جا ڪم آهن، تون پنهنجو وقت گذاري وئين، هاڻ ويهي الله ڪر ۽ اسان کي اسان جي حال تي ڇڏي ڏي.“

تن گهڙين منجهه اڪيلائپ جو عذاب پيو ڳڻيندي شدت سان احساس ٿيڻ لڳندو اٿس ته، ”وقت ڪيئن نه پاڻ کي ورجائي رهيو آهي.“ ■

# موهہ

ماهر نفسيات جي ڪمري ۾ داخل ٿي هن سلام ورايو ۽ پوءِ ڊاڪٽر سان هٿ ملائي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

ڊاڪٽر ڪيس وعليڪم السلام سان موٽ ڏني.

ٿانيڪو ٿي ويهڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر ڪانئس پڇيو، "فرمايو؟"

موٽ ۾ ٿوري دير هو ڊڏتر جو شڪار ٿي ويو ۽ پوءِ چوڻ لڳو، "ڊاڪٽر صاحب! منهنجو پرابلم هي آهي تہ موهہ ناهي رهيو."

"ڪهڙين ڳالهين ۽ شين ۾ موهہ ناهي رهيو؟"

"ڊاڪٽر صاحب! هاڻ ڇا ٻڌايان... ڪاٺڻ پيئڻ، اُٿڻ ويهڻ، ٽي وي ڏسڻ، اخبار پڙهڻ، موسيقي ٻڌڻ کان وٺي دوستن جي ڪمپنيءَ تائين، ائين سمجهو تہ ڪنهن بہ شيءِ ۾ موهہ ناهي رهيو."

ڊاڪٽر جي اکين ۾ چمڪ پيدا ٿي وئي، نڪ جي چوٽيءَ تي رڙهي آيل چشمي کي هن ساڄي هٿ جي اشهد آڱر سان ڏڪو ڏئي ٺيڪ ڪيو ۽ پوءِ ساڳي آڱر هن جي دل تي رکڻ ڪانپوءِ لفظ لفظ تي زور ڏئي چيائين، "موهہ اصل ۾ هوندو ناهي، پر هتي پيدا ڪرڻو پوندو آهي." ■

# فرض

پاسي واري جڳهہ مان همراهہ نڪري آيو ۽ هن سان اچي گرم جوشيءَ سان مليو.

”ڏيو خبر پائو! جڳهہ جو ڪم ڪڏهن تا شروع ڪرايو؟“

”گهٽو ڪري اڄ نلڪو لڳي ويندو ۽ سياڻي يا ٻئي ڏينهن کان جڳهہ جو ڪم شروع ٿي ويندو.“

”ڏادو سٺو. فرسٽ ڪلاس.“

”پائو! هند ڪٽولو ڪٽي اچان؟“

”نہ ادا مهرباني.“

”پلا مانيءَ جو بندوبست ڪيان؟“

”نہ ادا ڪائي ڇڏي آهي.“

”پلا چانهہ چڪو نهرايان؟“

”نہ ادا هاڻ پيتي آهي.“

"ڪنهن ٻي شيءِ جي ضرورت هجي ته ٻڌايو."
"نه ادا في الحال ڪنهن شيءِ جي ضرورت ناهي، پئي ته پري ناهيو."
"ها، ها ڀائو! ٻنا حجاب جي چئجو، پاڙيسري هجڻ جي ناتي سان توهان جي ڪم اچڻ آخر ته اسان تي فرض ٿو بڻجي نه."
ڪجهه گهڙيون هو ترسيو ۽ پوءِ ٻيهر رازداراڻي انداز ۾ چوڻ لڳو، "ڀائو! ڇريون ڪوٺيو ته هن (هٿ جي اشاري سان هن جڳهه ٻڌائيندي چيو) جاءِ جي پارت هجيو، هتان منهنجو چوريءَ واٽر سپلاءِ جو پلاسٽڪ جو پائيپ ٿو وڃيو، ان جي پارت هجيو."
ٻُلهارجڻ واري راز تان پردو کڄڻ ڪانپوءِ هن جي چپن تي مُرڪ تري آئي ۽ پوءِ موٽ ڏناٿينس، "ڀائو! ڪو فڪر نه ڪر، پاڙيسري هجڻ جي ناتي سان توهان جي پائيپ جو خيال ڪرڻ آخر ته اسان تي فرض ٿو بنجي نه." ■

# جلدي

”الله ڪيس جنت نصيب ڪري، مرحوم ڏاڍو پلو ماڻهو هو.“ (هڪ دوست)

”يار! ماڻهو تہ ڏاڍو ڀلو هو، پر هڪ عادت ڏاڍي خراب هوندي هئس، منهن تي سچ ڦهڪائي ڏيندو هو ۽ ماڻهن کي اذيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو هو.“ (ٻيو دوست)

”بهرحال خدا ترس ضرور هو ۽ ڏکئي وقت ۾ جيڪو لڙي ويندو هوس تہ هروڀرو ڪنڌ ڪونہ ڪڍائيندو هو.“ (ٽيون دوست)

”ها پر گدلو بہ هوندو هو، ننهن وڌا ٿي مٽيءَ سان ڀرجي ويندا هئس تہ بہ نہ لاهيندو هو، ڏاڙهي وڌي ويندي هئس تہ اها بہ وقت تي ننڍي نہ ڪرائيندو هو، ڪپڙن تي مير جو تهہ چڙهي ويندو هوس پر بدلائيندو نہ هو، بگل ۽ هينيان وار بہ سدائين وڌيل هوندا هئس.“ (چوٿون دوست)

”بگل ۽ هينين وارن جي توکي ڪيئن خبر پئي؟“ (پهريون دوست)

”يار! ڪچهرين ۾ پاڻ کُلي ٻڌائيندو هو ۽ ٻين دوستن کان بہ پڇي وٺندو هو.“

”ظالم جا اکر بہ پلا هئا تہ ڪهاڻيون بہ سٺيون لکندو هو.“ (پنجون دوست)

”اکر واقعي چڱا هوندا هئس، باقي ڪهاڻيون وري ڏوڙ سٺيون لکندو هو، رڳو موضوع هوندو هئس سيڪس.“ (ڇهون همعصر اديب دوست)

”سادو بہ ڏاڍو هوندو هو، سادگيءَ جي ڪري پائر ۽ دوست مال ڪائي ويس ۽ پڇاڙيءَ ۾ سچو ٿي ويو هو.“ (ستون دوست)

”پر يار! هي مهل وڃڻ جي ڪونہ هئس، 30 سالِ بہ ڪا عمر آهي؟“ (پهريون دوست)

”برابر سچ ٿو چوين، پر اجل جو ڪو ٽائيم مقرر ٿورئي آهي!“ (ٻيو دوست)

”مون کي يار! هن جون ڪجهہ عادتون عجيب لڳنديون هيون.“ (ٽيون دوست)

”ڪهڙيون عادتون؟“ (چوٿون دوست)

”پڙهڻ ۾ اسپيڊ تيز هوندي هئس، مهيني ۾ پنج ڇهہ ڪتاب چٽ ڪري ويندو هو، ڪنهن ڪهاڻيءَ جو پلاٽ ملندو هوس تہ تيستائين سُک جو ساهہ نہ کڻندو هو، جيستائين ڪهاڻي لکي پوري نہ ڪندو هو، سگريٽ، سگريٽ جي مٿان جلائيندو هو، هڪ ئي وقت بہ بہ ڪتاب مطالعي هيٺ هوندا هئس، هفتي ۾ اٺ ڏهہ خط دوستن کي لکي ونندو هو، چُستي ۾ هوندو هو تہ هڪ ئي وقت ڪيترائي گڏيل ڪم ڪري ونندو هو، ڪابہ ڳالهہ ڪوبہ ڪم ذهن ۾ ايندو هوس تہ چاهيندو هو بس هينئر ٿي وڃي. پنهنجا تڪڙا بہ ڪتاب ڇپرائي ورتائين، بہ ماهي رسالي جا ست شمارا ڪڍي ويو ۽ پنهنجي اداري طرفان ٻن ٻين دوستن جا ڪتاب بہ ڇپرائي ويو.“

”ها يار! پوين ڏينهن ۾ شابس هجيس جو مهيني ڏيڍ ۾ 150 صفحن جو ناول بہ لکي ويو.“ (پنجون دوست)

”ٿوري وقت ۾ هو پنهنجي وت ڪان وڌيڪ ڪم ڪري ويو.“ (ڇهون دوست)

”توهان ٻئي سچ ٿا چئو! واقعي هن کي هر ڪم ۾ تڪڙ هوندي هئي، وڏي مان وڏو ڪم چاهيندو هو تہ سيڪنڊن ۾ ٿي وڃي. سچ تہ تيزيءَ سان هن کي عشق هو، تڏهن تہ مرڻ ۾ بہ جلدي ڪري ڇڏيائين.“ (ستون دوست) ■

## ليکڪ جا ٻيا ڪتاب

1. معجزو تنهنجي پيار جو آهي (خاڪا ـ مضمون ـ ڪالم ـ ايياس)
2. ايئن ئي جيئندا رهون ٿا (نثري نظم)
3. منجهان سڪ سبيل (ادبي خط)
4. اتفاق (ناول)

## اداري طوفان ڇپايل ڪتاب

1. پاڇي (ڪهاڻيون) مشتاق پربڙي
2. جوڀن رت جون سوڪڙيون (شاعري) مانجهي زرداري
3. روڀن جو چهرو (ڪهاڻيون) راجن مگريو
4. سفر (ڪهاڻيون) مشتاق پربڙي

## ڪتاب ملڻ جا هنڌ

1. روشني ڪتاب گهر، حيدرآباد
2. ڪريمي بوڪ هائوس، صدر، حيدرآباد
3. شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو، حيدرآباد
4. رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
5. عزيز ڪتاب گهر، سکر
6. قاسم ميمڻ بوڪ اسٽال، دادو
7. جنيد بوڪ اسٽور، دادو
8. شان بوڪ ڊپو، سانگهڙ

ان کانسواءِ سنڌ جا سمورا بوڪ اسٽال

ڇانورن جي تلاش ۾ نڪتل هي ڪهاڻيڪار اڄ به سفر ۾ آهي. ان اعتماد سان ته وقت ۽ پڙهندڙ سندس ڪهاڻين کي هرو ڀرو نظر انداز نه ڪري سگهن. باوجود ان جي جو هن گهڻو تڻو پنهنجيءَ ذات جي سيٽسفيڪشن لاءِ ئي لکيو آهي ۽ ان لاءِ به، ته هن کي سليقي سان صرف لکڻ ئي ايندو آهي. پوءِ به ڪيس ويساهه آهي، سندس ادبي پورهيو ڪارج رکي ٿو. ان ڪارڻ ئي هو لڳاتار لکي رهيو آهي. ادب جي بارگاهه ۾ نذرانهء عقيدت طور ڏيڻ لاءِ وٽس تحريرن کان علاوه ٻي ڪا موڙي به نه ڪونهي نه! هن جي موڙي ۾ ته آگرين تي ڳڻڻ جيترين خوشين ۽ آسمان تي ڇانيل لاتعداد ستارن جيترا ڏک آهن.



پاڻ کي ڪوڙن دلاسن ۾ رکڻ بجاءِ زندگيءَ جي سچائين کي تسليم ڪندڙ هي مشتاق "ڳوليان ڳوليان مَ لهان" جي فڪر جو پوئلڳ آهي. ۽ انهيءَ ڪارڻ شايد سندس نظر ۾ اڪيلائي وڏي ۾ وڏو سچ آهي، اصل حقيقت آهي ۽ ان پٺيان به هڪڙو ڪارڻ آهي ۽ اهو ڪارڻ آهي: سندس گهربون اکيون. جن ۾ گهرائي سان نهارڻ کانپوءِ ماڻهو پاڻ مرادو پاڻ کي اونهين گهرائين ۾ ٻڏندي پائيندو آهي - ۽ جنهن به سندس گهربن اکين ۾ نهاريو هوندو، ان کي مشتاق پاڻ به گم ٿيل لڳو هوندو. اهڙي وڇايل ٻار وانگي جنهن کي وائڙو، منجهيل ۽ روئڻهارڪو ڏسي ڪوبه راهگير همدرديءَ خاطر ڪيس دڳ لائڻ لاءِ پنهنجي ڇيچ آڇيندو آهي/ پڪڙائيندوآهي ۽ مشتاق به گهڻين ئي ڇيچون/ آگريون پڪڙي چڪو آهي/ هلي چڪو آهي. ڪڏهن ڪنهن فقير جي آگر پڪڙي ته ڪڏهن ڪنهن صوفيءَ جي آگر پڪڙي. ڪڏهن ڪنهن مولائيءَ جي آگر پڪڙي ته ڪڏهن ڪنهن مزار جي ڪنهن درويش جي آگر پڪڙي ۽ وري ڪڏهن ڪنهن روحاني مُرشد جي آگر پڪڙي. پر اڄ جڏهن مان مشتاق جي پڪوڙيل مُٺ ڏسان ٿو ته ان ۾ ڪابه آگر ڪونهي. ان کان علاوه انهن سندس گم ڪري ڇڏيندڙ اکين ڪيس اڄا به گهڻو رُلايو آهي ۽ هن ڪٿ ڪٿ نه پناهه ورتي آهي. علم پامسٽري هجي يا مصوري، شعرو سخن هجي يا رانديون، مذهبي ڏڍ هجن يا سنگتين جا ميڙاڪا. سندس آگرين ۾ پيل پٿر هجن يا آسمان ۾ گردش ڪندڙ ستارا - پر افسوس اڄ به جڏهن مشتاق رات جو سمهڻ لاءِ آرام جون ٽڪيون کائيندو آهي ته مون کي سندس سموري رولاڪي، سمورو سفر زيان پاسندو آهي!

مولا بخش آزاد